ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 12 آڪٽوبر 2026ع 29 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (58)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Monday 12th October 2026

دهشتگردي تي خاموشي ملڪ دشمني برابر آهي، پاڪستان کي ٻيهر تباهي طرف نه وڃڻ ڏينداسين: وزيراعظم

وفاق ۽ صوبائي حڪومتن کي گڏجي دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ ذميواري نڀائڻي پوندي، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ شهرين توڙي سيڪيورٽي اهلڪارن تي حملن تي ڳڻتي آهي

سياسي ٽولي جو لانگ مارچ ذريعي اسلام آباد تي ڪاهه جو منصوبو ملڪ کي ٻيهر تباهيءَ طرف وٺي وڃڻ برابر آهي، پاڪستان کي لاچار بڻائڻ جي ڪوشش ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين

پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تحريڪ انصاف جي قيادت ۽ ڪي پي جو وڏو وزير ٽڪراءُ ٿيل مسودي تان پوئتي هٽي ويو

خيبرپختونخوا کي 2010ع کان 2026ع تائين دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ 800 ارب رپيا ڏنا ويا، پر پوليس ۽ دهشتگرديءَ جي روڪٿام واري شعبي جي سگهه وڌائڻ تي ڌيان نه ڏنو ويو

افغانستان جي سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ قبول ناهي، پاڙيسري ملڪ کي بار بار دهشتگردي روڪڻ جو چيو آهي، پر ان تي ڪو به ڪنٽرول ناهي ٿيو

عالمي سطح تي پاڪستان جي سفارتي ڪوششن کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو پيو وڃي، سعودي عرب ۾ ٿيل حملن جي شديد مذمت ڪيون ٿا، حرمين شريفين جي تقدس ۽ تحفظ لاءِ پوري مسلم امت متحد آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پختي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي تي خاموشي ملڪ دشمني برابر آهي. دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ وفاق سان گڏ خيبر پختونخوا حڪومت جي به ذميواري آهي. صوبائي حڪومت جي توجهه نه ڏيڻ سبب دهشتگردي جي واقعن ۾ اضافو ٿيو. خيبر پختونخوا حڪومت دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ بدران خاموش تماشائي بڻجي وئي آهي. 10 سال ۾ خيبر پختونخوا حڪومت کي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ 800 ارب روپيا ڏنا ويا، پر پوليس سي ٽي ڊي جي سگهه ۾ اضافي تي ڪو به ڌيان ناهي ڏنو. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) جي قيادت معاملا ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ کي ترجيح ڏني. حڪومتي ٽيم معاملي جي حل لاءِ خلوص نيت سان ڪوشش ڪئي. وزيراعليٰ خيبر پختونخوا ڳالهين ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو، صدر منظوري ڏئي ڇڏي، فوج مقرر، پي ٽي آءِ پاران لانگ مارچ جاري رکڻ جو اعلان

دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن ۽ امن امان جي سنگين صورتحال کي نظر ۾ رکندي وفاقي حڪومت جو صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو صدر آصف علي زرداريءَ آئين جي آرٽيڪل 232(1) ۽ 234(1) تحت منظوري ڏئي ڇڏي، هنگامي قدم فوري طور لاڳو ٿي ويا

صوبي اندر سرڪاري عمارتن، بنيادي ڍانچي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي دهشتگرد حملا وڌي ويا آهن، صوبائي حڪومت دهشتگرديءَ ۽ بدامنيءَ کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ ۾ ناڪام رهي آهي: پڌرائي

وفاقي حڪومت ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو گزٽ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪري ڇڏيو، دهشتگردن جي حملن سبب عوام جي جان ۽ مال کي سنگين خطرا درپيش ۽ اهڙن حملن ۾ واڌ ٿي: موقف

ايمرجنسيءَ جي نفاذ ڪانپوءِ خيبرپختونخوا جو گورنر وفاقي حڪومت طرفان سونپيل صوبائي انتظامي ۽ حڪومتي معاملا صوبائي اسيمبليءَ سميت ٻين صوبائي ادارن ۽ اختيارين جا اختيار پڻ گورنر استعمال ڪري سگھندو

گورنر طرفان موڪليل رپورٽ ۾ صوبي جي آئيني نظام جي ناڪاميءَ جي نشاندهي ڪئي وئي، امن امان جي صورتحال صوبائي حڪومت جي ضابطي کان ٻاهر ٿيڻ پاڪستان جي مجموعي سلامتيءَ لاءِ به خطرو آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

وڏي وزير سهيل آفريدي، صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي فوري طور تي عهدن تان هٽايو ويو اسيمبليءَ جا اختيار پارليامينٽ يا ان جي اختيار ڏنل اداري ذريعي استعمال ڪيا ويندا

ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ واري اعلان ڪانپوءِ تحريڪ انصاف جي وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پارٽيءَ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو پي ٽي آءِ قيادت سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ گرفتارين جي تصديق ڪئي

وفاقي حڪومت جي فيصلي ڪانپوءِ ايمرجنسيءَ جي آئيني حيثيت، صوبائي خودمختياري، چونڊيل حڪومت جي اختيارن ۽ دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ بابت بحث تيز ٿي ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن ۽ امن امان جي سنگين صورتحال سبب ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف دعويٰ ڪئي آهي ته وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پارٽيءَ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو آهي ايوان صدر طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب، صدر پاڪستان آئين جي آرٽيڪل 232 تحت صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

ڌرڻن يا لانگ مارچ سان نه پر اصل معاملو دهشتگردي آهي، ڪي پي قيادت تعاون نه ڪيو: گهرو وزير

حڪومت هڪ مهيني کان ڪوشش ڪندي رهي ته صوبائي حڪومت کي گڏ کڻي دهشتگردي خلاف متحد ٿي وڙهيو وڃي

صوبي جي 12 ضلعن ۾ صورتحال ان حد تائين خراب آهي جو شام کان پوءِ شهري گهرن مان ٻاهر نڪري سگهن

گذريل ڏيڍ سال ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ 195 سيڪڙو واڌ ۽ شهادتن ۾ 113 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، قانون واري وفاقي وزير

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جي مذمت، وفاق جو قدم تاريخ جي گند ۾ اڇلايو ويندو: تحريڪ انصاف

وفاقي حڪومت عملي طور اسيمبلي کي معطل ڪري صوبائي حڪومت کي نشانو بڻايو آهي

ملڪ تي مڙهيل عنصر اقتدار تي پنهنجي پڪڙ برقرار رکڻ لاءِ ملڪ جي بنيادن کي ڪمزور ڪن پيا

سرحدن جي حفاظت ۽ دهشتگردي روڪڻ جا بنيادي ذميوار دنيا جي مختلف ملڪن جا دورا ڪري رهيا

اسلام آباد (ع ر) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) خيبر پختونخوا ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2


PRESIDENT
Islamic Republic of Pakistan
Subject: BREAKDOWN OF CONSTITUTIONAL MACHINERY IN THE PROVINCE OF KHYBER PAKHTUNKHWA - ISSUANCE OF PROCLAMATION UNDER ARTICLES 232 AND 234 OF THE CONSTITUTION WITH RESPECT TO THE PROVINCE
10. The Prime Minister's advice at Para 9 of the Summary is approved and the Proclamation Order is hereby signed.
(ASIF ALI ZARDARI)
THE PRIME MINISTER

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لڳائڻ واري آرڊر تي صحيح ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ پاران صوبي جي عوام کي پشاور پهچڻ جو سڏ، سهيل آفريدي جي گرفتاريءَ جي تصديق

اسان جي جماعت عمران خان ۽ پختونن جي مفادن تي سوديبازي ڪرڻ بدران حڪومت قربان ڪري ڇڏي آهي

وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو آهي

قبائلي ضلعن جي قبيلن کي پنهنجي وڏي وزير جي حمايت ۾ ٻاهر نڪرڻ گهرجي: اڳوڻو وزير شفيع جان

پشاور: پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

وفاقي ڪابينا جي تفصيلي اجلاس کان پوءِ وزيراعظم صدر کي ايمرجنسي لڳائڻ جي سفارش ڪئي

وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ امن امان ۽ دهشتگردي جي صورتحال بابت غور ويچار

ڪابينا ميمبرن پاران وزير اعظم کي ڪي پي ۾ ايمرجنسي لڳائڻ لاءِ صدر کي سفارش ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

وزيراعظم هائوس مان ايڊوائس تي صدر مملڪت ڪي پي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

اسلام آباد: وفاقي ڪابينا وزيراعظم محمد شهباز شريف کي خيبرپختونخوا صوبي ۾ آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

وفاقي وزير امير مقام پاران خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي اعلان جي آجيان

اسلام آباد: وفاقي وزير ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) خيبر پختونخوا جي صدر انجنيئر امير مقام صوبي ۾ گورنر راڄ ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

خيبر پختونخوا جي رياست جو ڪو به منصوبو ناهي، امن امان ترجيح آهي: محسن نقوي

احتجاج ڪندڙ منتشر ٿيڻ، قانون هٿ ۾ وٺندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

لا اينڊ آرڊر کي بحال ڪرڻ آهي ۽ حالتن کي معمول تي آڻڻ لاءِ جيڪي به قدم کڻڻا پيا کڻنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

خيبر پختونخوا ۾ 11 رڪني مشاورتي ڪائونسل قائم، مختلف شعبن جا ماهر شامل

گهرو معاملن لاءِ اڳوڻو ڪمشنر ڪفايت الله خان، ناڻي ۽ معيشت لاءِ ايف بي آر جو اڳوڻو چيئرمين طارق محمود پاشا مقرر

قانون لاءِ اڳوڻو ايڊووڪيٽ جنرل عامر جاويد ۽ تعليم لاءِ اڳوڻو نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سيد عامر عبدالله شامل

صحت جا معاملا اڳوڻي فوجي سرجن نگار جوهر خان، مائنز اينڊ منرلز جا معاملا ڊاڪٽر سرفراز علي شاهه سنڀاليندا

اسلام آباد: سڏ سماءِ واري وفاقي وزيرعطا الله تارڙ چيو آهي ته خاص حڪم نامي تحت قائم ڪيل خيبر پختونخوا جي 11 رڪني مشاورتي ڪائونسل ۾ مختلف شعبن جا ماهر شامل ڪيا ويا آهن جيڪي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

پشاور: خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير سهيل آفريدي ۽ وزير جنيد اڪبر پي ٽي آءِ جن جي گرفتاري جي دعويٰ ڪئي آهي

مستقبل ڈیجیٹل ہے
پاکستان اسے حقیقت بنا رہا ہے
دانش آئی ٹی پارک
اسلام آباد
ٹیکنالوجی کی دنیا کے نئے باب کا آغاز
افتتاح بدست
وزیراعظم اسلامی جمہوریہ پاکستان
محمد شہباز شریف

نمایاں خصوصیات
- عالمی سطح کا 12 منزلہ ٹیکنالوجی پارک
- 120 سے زائد آئی ٹی کمپنیوں کے دفاتر
- مخصوص اسٹارٹ اپ ہب
- کو-ورکنگ اسپیسز
- ٹریننگ اینڈ سکلز ڈویلپمنٹ مراکز
- تحقیق و ترقی (R&D) اور روبوٹکس لیب
- موقع پر کاروباری مشاورت کی سہولیات
- ایونٹس اینڈ نیٹ ورکنگ
- تمام مطلوبہ سہولیات
- قابلِ اعتماد ٹیکنالوجی انفراسٹرکچر
- Tier-III ڈیٹا سینٹر
- ٹیک ایکسپورٹس میں 70 ملین ڈالر کا متوقع اضافہ

ایک وژن:
اختراعات سے بھرپور قوم
لامحدود امکانات کا مستقبل

وزارتِ انفارمیشن ٹیکنالوجی و ٹیلی کمیونیکیشن ، پاکستان کی ڈیجیٹل معیشت کی تعمیر کے لیے کوشاں

وزارت اطلاعات و نشریات
حکومت پاکستان
URAAN PAKISTAN
/GovtofPakistan
govtofpakistan
@GovtofPakistan
@govtofpak
www.moib.gov.pk
PID No. (I) 3356-D/26

بقايا 1 روزاني عبرت

طئي ڊينڊڙ مسعودي کان پوئتي هٽي ويو دهشتگردي جي واقعن کي پٺتي اڇلائيندي اسلام آباد تي چڙهائي جو ناپاڪ منصوبو ڏاهيو ويو ملڪ کي بيهر تباهي طرف نه وڃڻ ڏينداسين. قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو افغانستان غير ملڪين جي هٿن ۾ ڪيڏي رهيو آهي افغان ڌرتي جو پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال هرگز قبول ناهي پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائينداسين. آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول تي معاهدو طئي ٿي چڪو آهي چئلينجز تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهيا آهيون. عالمي سطح تي پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويو آهي، سعودي عرب تي ٿيل حملن جي شديد مذمت ڪيون ٿا، سعودي عرب سان ٻه طرفه ۽ ٽه ڌرتي داعي معاهدو آهي، حرمين شريفين جي تقدس ۽ تحفظ لاءِ پوري مسلم امت متحد آهي سعودي عرب خلاف ڪنهن به جارحيت کي برداشت نه ڪنداسين. هن انهن خيالن جو اظهار اڄ تي وفاقي ڪابينه جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو وزيراعظم وفاقي ڪابينه جي ميمبرن کي ٻڌايو ته آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو ٿي چڪو آهي اميد آهي ته هن سال 1.2 ارب ڊالر جي قسط ملي ويندي نيويارڪ ۾ آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ملاقات ۾ پاڪستان جي معاشي ڪاميابين ۽ ٽيم ورڪ کي ساراهيو ۽ پاڪستان کي هڪ بدليل پاڪستان قرار ڏنو اسان سڀني گڏجي سياسي ۽ فوجي قيادت ملي ڏينهن رات ڪم ڪيو آهي ۽ ملڪ ۾ مالياتي نظم و نسق جنهن جي وڏي عرصي کان ضرورت هئي سان گڏوگڏ ڍانچا جاتي سڌارا ڪيا ويا آهن هي هڪ ڊگهو سفر آهي پر جيڪڏهن ڏينهن رات محنت ڪنداسين ته پنهنجي منزل تي پهچي وينداسين هن لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج جي دوري ۽ پرڏيهي ڪاروباري شخصيتن ۽ ڪمپنين جي نمائندن سان پنهنجي ملاقات جو به ذڪر ڪيو جن پاڪستان ۾ ٿيل اقتصادي سڌارن کي ڀرپور انداز ۾ ساراهيو ۽ ان اميد جو اظهار ڪيو ته جيڪڏهن اهڙي طرح اهو سفر جاري رهيو ته پاڪستان پرڏيهي سيڙپڪاري لاءِ هڪ پرڪشش ملڪ بڻجي ويندو. وزيراعظم چيو ته عالمي برادري ۾ سفارتي ڪوشش کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو جنهن پرڏيهي شخصيت سان به منهنجي ملاقات ٿي آهي ان پاڪستان جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ بندي ۾ پاڪستان جو اهم ڪردار رهيو آهي پر بدقسمتي سان وچ اوڀر ۾ معاملا وري خراب ٿيا. هرمز ڪان باب المندب ۾ حالتون وڌيڪ خراب ٿيون عالمي امن لاءِ اڃا به پاڪستان پنهنجو ڪردار پوري محنت ۽ خلوص سان ادا ڪري رهيو آهي سفارتي ڪوشش ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو بنيادي ڪردار آهي، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار گهرو وزير محسن نقوي ۽ پوري ٽيم جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن وزيراعظم چيو ته هن وفاقي حڪومت طرفان ڏاهيل ٽيڪنالاجي پارڪ جو افتتاح ڪيو ۽ ان جو نالو دانش ٽيڪنالاجي پارڪ رکيو گذريل حڪومت جي زماني ۾ ان جي شروعات ڪئي وئي، ڪوريا جي حڪومت ان لاءِ آسان شرطن تي قرض ڏنا پر ان جو حشر ڪهڙو ڪيو ويو غير به اهڙي طرح جو تصور نٿا ڪري سگهن ۽ هي بربادي جو داستان بڻجي ويو پر اسان جي وزيرن ۽ آفيسرن جي هڪ ٽيم وانگر ڪم ڪري ان منصوبي کي بچائڻ تي پهچايو الحمدلله هاڻي هي به مڪمل ٿي چڪو آهي اهڙي طرح جا منصوبا ڪراچي، لاهور، ڪوئيٽا، پشاور ۽ ٻين شهرن ۾ به بڻائينداسين جتي هزارين نه پر لکين ۽ ڪروڙين نوجوانن لاءِ اسٽارٽ اپس سان گڏوگڏ ايس ايم ايز کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملندو انڪيوبيشن سينٽرز بڻجندا ۽ نوان کي هٿي ملندي ۽ پرڏيهي ڪمپنيون اينديون وزيراعظم چيو ته سعودي عرب، چين وانگر پاڪستان جو انتهائي ڀاءُ ۽ بااعتماد دوست ملڪ آهي مختلف وقتن ۾ سعودي شاهي خاندان ۽ سعودي حڪومت ۽ عوام پاڪستان جي هميشه مدد ڪئي ايران به پاڪستان جو ڀاءُ ۽ پاڙيسري ملڪ آهي، موجوده حڪومت جي دور ۾ ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا مضبوط ٿيا آهن اسان جو هڪ ئي مقصد آهي ته خطي ۾ امن قائم هجي، هرمز ڪان پوءِ هاڻي باب المندب ۾ به رت جي راند ڪيڏي پئي وڃي اها انتهائي افسوسناڪ آهي سعودي عرب سان اسان جا 80 سال نه پر سوين سالن تي ٻڌل اخوت ۽ ايمان جا رشتا آهن بچاءَ جي حوالي سان اسان جو ٻه طرفو ۽ ٽه ڌري معاهدو آهي، حوثي جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن انهن جي جيتري به مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي سعودي عرب خلاف جارحيت جو ڪو به جواز ناهي ڪجهه هفتا پهرين مڪ مڪرم مٿان ڊرون کي ڪاميابي سان ناڪام بڻايو ويو پوري مسلم امت حرمين شريفين جي تقدس ۽ تحفظ لاءِ متحد آهي پاڪستان مڪمل طور سعودي عرب سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو هر طريقي سان پنهنجي سعودي ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي سعودي عرب خلاف ڪنهن به جارحيت کي برداشت نه ڪيو ويندو مدينه منوره ۽ مڪ مڪرمه جي حرمت جي حفاظت پوري دنيا جي اربين مسلمانن جي ذميواري آهي هي اسان جو ريڊ لائين آهي پاڪستان مڪمل طور سعودي عرب سان گڏ بيٺل آهي ۽ هر طريقي سان ان سان تعاون ڪندو دهشتگردي جي حوالي سان وزيراعظم چيو ته ڪي پي ڪي صوبي ۽ بلوچستان ۾ جيڪو ڪجهه گذريل ٻن اڍائي سالن کان ٿي رهيو آهي ۽ جنهن طريقي سان عام شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن کي دهشتگرد شهيد ڪري رهيا آهن ۽ نشانو بڻائي رهيا آهن اهي انتهائي تڪليف ڏيندڙ واقعا آهن پاڪ فوج دهشتگردن جي ناس ڪري رهي آهي ۽ کين گولهي گولهي جهنم پيڙو ڪيو پيو وڃي وزيراعظم چيو ته افغانستان کي بار بار باور ڪرايو ويو ته اسان پاڙيسري ملڪ آهيون ۽ اسان کي پاڙيسري بڻجي رهڻو آهي، پر انهن کي اها ڳالهه اڃا تائين سمجهه ۾ ناهي آئي ۽ هو پرڏيهي قوتن جي هٿي ۾ ڪيڏي رهيو آهي پاڪستان خلاف دهشتگردي خلاف افغانستان جي سرزمين جو استعمال قبوليت جوڳو ناهي هر روز دهشتگردي جا ڏکوئيندڙ واقعا ٿين ٿا، ڪي پي ڪي حڪومت بدران دهشتگردن کي للڪارڻ ۽ انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران خاموش تماشائي بڻجي وئي آهي پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ ڪجهه ناهي ڪيو ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ عام شهري، سياستدان، ڊاڪٽر، انجنيئر، دڪاندار سڀ شهيد ٿين ٿا ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ 2010 ع کان 2026 ع تائين خيبر پختونخوا حڪومت کي 800 ارب روپيا ڏئي چڪا آهيون پر نه پوليس ۽ نه ئي سي ٽي ڊي کي مضبوط ڪيو ويو ۽ نه ئي ان جي تربيت تي ڌيان ڏنو ويو ۽ نه ئي انٽيليجنس کي بهتر بڻايو ويو ٽانڪ ڊيره اسماعيل خان ۽ ٻين هنڌن تي دهشتگردي جا هر ايندڙ ڏينهن واقعا ٿي رهيا آهن دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وفاقي حڪومت سان گڏ صوبائي حڪومت به ذميوار آهي، دهشتگرد ٻين کي ته نشانو بڻائين ٿا پر انهن جا جلوس حفاظت سان نڪرن ٿا. ان جو ڇا مطلب ورتو وڃي دهشتگردي سبب صورتحال خراب ٿيندي پئي وڃي ۽ پوءِ هاڻي اسلام آباد تي ڪاهه جو هٿن ناپاڪ منصوبو بڻايو آهي. جڏهن معيشت جا اهڃاڻ بهتر ٿي رهيا آهن، پرڏيهه مان ايندڙ ناڻي ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي، مالياتي نظم و ضبط بهتر ٿيو آهي اسٽيٽ بئنڪ وٽ مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا بلند ترين سطح تي آهن تيل جي بحران سان پيدا ٿيندڙ صورتحال سان ٽيم ورڪ طور منهن ڏئي رهيا آهيون فيول سبسڊي مان ڪروڙين ماڻهو فائدو حاصل ڪري رهيا آهن عالمي سطح تي پاڪستان کي سفارتي ڪاميابيون ملي رهيون آهن ته هي ٽولو لانگ مارچ ذريعي اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ چاهي ٿو ماضي جي ڀيانڪ يادن کي تازو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ملڪ کي بيهر تباهي جي دروازي تي وٺي وڃجي، پاڪستان کي بيهر تباهي جي دروازي تي وٺي وڃي پاڪستان سان دشمني ڪرڻ چاهين ٿا، 13 سالن کان خيبر پختونخوا ۾ حڪومت ڪري رهيا آهن پر عوام کي هنن جا ڏنو مان سمجهان ٿو ته ان ڪان وڌيڪ ملڪ دشمني جو ڪو ٻيو عمل نٿو ٿي سگهي، هي چاهين ٿا ته مزدور ڪارخاني نه وڃن دڪاندار دڪانن تي نه وڃي سگهن ٻار اسڪول نه وڃي سگهن ۽ پاڪستان ۾ ڪو به سيڙپڪاري نه ڪري ۽ ملڪ بيهر تباهي طرف اچي وڃي هي پاڪستان کي بلڪل لاچار ڪرڻ چاهين ٿا، اهو نه ٿيندو قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو ۽ هر صورت بڻائيندو وزيراعظم چيو ته پيپلز پارٽي ۽ پي ايم ايل اين ڳالهين سان معاملا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، صدر مملڪت آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري، ميان محمد نواز شريف جي اجازت سان ڳالهيون ٿيون اميد به پيدا ٿي وئي هئي ته معاملا طئي ٿي ويندا، خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ سبب ان ۾ رڪاوٽون اچي رهيون ۽ ڳالهيون اڳتي نه وڌي سگهيون. هو طئي ٿيل مسعودي ڪان پوئتي هٽي ويو هو نٿو چاهي ته ملڪ ۾ امن قائم ٿئي، هو نٿو چاهي ته اهو ترقي جو سفر اڳيان وڌي، هو نٿو چاهي ته اسان جي سفارتي ڪاميابي اڳتي وڌي، هو نٿو چاهي ته معاشي انقلاب اچي وزيراعظم چيو ته جميعت علماءِ اسلام (ف) جي امير مولانا فضل الرحمان سان به ملاقات ٿي، هن به ڳالهين ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي حامي ڀري، ڪيس پوءِ به غير رسمي طور چيو ويو ته لانگ مارچ ختم ڪيو هاڻي اسان ڳالهيون ڪري سگهون ٿا پر هنن ان جو ڪو به مثبت جواب نه ڏنو وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي واقعن ۾ عام شهري ۽ سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي رهيا آهن پر خيبر پختونخوا جي حڪومت ۽ وڏي وزير کي توفيق نٿي ٿئي ته هو انهن واقعن جي مذمت ڪري، هاڻي پاڻي مٿي کان گذري رهيو آهي، اسان کي فيصلو ڪرڻو آهي، هاڻ يا ڪڏهن به نه تاريخ اسان کي انهن فيصلن سان ياد رکندي.

بقايا 2 روزاني عبرت

ته سرڪاري انفرااسٽرڪچر بنيادي ڍانچي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي دهشتگرد حملا وڌيا آهن جڏهن ته صوبائي حڪومت دهشتگردي ۽ بدامني کي اثرائتي نموني روڪڻ ۾ ناڪام رهي آهي. پڌرائيءَ موجب، صدارتي اعلان آئين جي آرٽيڪل 232(1) ۽ آرٽيڪل 234(1) تحت جاري ڪيو ويو آهي ايمرجنسيءَ جي اعلان سان گڏ چيو ويو آهي ته موجوده حالتن ۾ صوبائي حڪومت کي آئين موجب هلائي نٿو سگهجي. ايوان صدر موجب، خيبرپختونخوا جو گورنر وفاقي حڪومت طرفان سونپيل صوبائي حڪومتي معاملا سنڀاليندو جڏهن ته صوبائي اسيمبليءَ کانسواءِ صوبي جي ٻين ادارن ۽ اختيارن جا اختيار به گورنر استعمال ڪري سگهندو پڌرائيءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته وڏي وزير، صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي فوري طور پنهنجا عهدا ڇڏڻا پوندا. ٻئي پاسي، پاڪستان تحريڪ انصاف دعويٰ ڪئي آهي ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ خيبرپختونخوا جي صدر جنيد اڪبر طرفان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ پڻ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته ڪيس ۽ سهيل آفريدي کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف وفاقي حڪومت خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو گزٽ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي نوٽيفڪيشن موجب، صدر آصف علي زرداري آئين جي آرٽيڪل 232(1) ۽ 234(1) تحت صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي آهي، جيڪا فوري طور لاڳو ٿي وئي آهي نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته دهشتگردن جي حملن سبب عوام جي جان ۽ مال کي سنگين خطرا آهن ۽ ويجهڙائي واري عرصي دوران انهن حملن ۾ واڌارو ٿيو آهي گزٽ ۾ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته صوبائي حڪومت دهشتگردي ۽ بدامنيءَ جي خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ اثرائتي نموني ناڪام رهي آهي. نوٽيفڪيشن موجب، خيبر پختونخوا جي گورنر جي رپورٽ ۾ به صوبي جي آئيني نظام جي ناڪاميءَ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ان ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته صورتحال صوبائي حڪومت جي ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي چڪي آهي جيڪا صوبي سان گڏ پاڪستان جي مجموعي سلامتيءَ لاءِ به خطرو آهي نوٽيفڪيشن ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته خيبر پختونخوا اسيمبلي جا اختيار پارليامينٽ يا ان جي اختيار ڏنل اداري ذريعي استعمال ڪيا ويندا. ذريعن وڏي وزير سهيل آفريدي، صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي فوري طور عهدن تان هٽايو ويو آهي. صدارتي حڪمن بعد صوبي ۾ ڪنهن اڻٽڙ واقعي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ فوج کي مقرر ڪيو ويو آهي پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا چيو آهي ته سهيل آفريدي طرفان لانگ مارچ جو اعلان اڃا تائين برقرار آهي ۽ ان ۾ ڪا به تبديلي ناهي ڪئي وئي. خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي سلمان اڪرم راجا چيو ته لانگ مارچ بابت سهيل آفريدي جي اعلان ۾ ڪا تبديلي ناهي آئي هن چيو ته مارچ اڳتي ڪيئن وڌندو ۽ اڳتي حالتون ڪهڙيون آهن ان بابت مقامي قيادت وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿي هن واضح ڪيو ته هن وقت سندس پي ٽي آءِ جي صوبائي قيادت سان ڪو رابطو ناهي سندس چوڻ هو ته پارٽي سياسي حڪمت عملي اختيار ڪندي، ڇاڪاڻ ته احتجاج ڪرڻ عوام جو بنيادي ۽ آئيني حق آهي. ٻئي پاسي سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علامه راجا ناصر عباس وفاقي حڪومت کي مخاطب ٿيندي چيو ته ڇا حڪومت سمجهي ٿي ته اها کٽي وئي آهي؟ هن چيو ته حڪومت هارايو آهي ۽ پاڪستان ۾ هن طريقي سان امن قائم نه ٿيندو راجا ناصر عباس دعويٰ ڪئي ته ڳالهين دوران حڪومتي ڪميٽي شرط رکيو هو ته وزيراعظم سان ملاقات لانگ مارچ ختم ڪرڻ جي اعلان ڪانپوءِ ٿي سگهي ٿي هن وڌيڪ چيو ته لانگ مارچ آئين ۽ قانون موجب هو ۽ پرامن هو سندس چوڻ هو ته مارچ لڪي مروت کان شروع ٿي پشاور ۽ مردان تائين پهتو پر اتي امن امان جي ڪهڙي [illegible] ٿي؟ سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ الزام لڳايو ته حڪومت دهشتگردي بابت پاڻ غلط اڳڪٿي ڪئي پنهنجو بيانيو جوڙيو ۽ پوءِ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو قدم کنيو

بقايا 3 روزاني عبرت

سينيٽر اعظم نذير تارڙ سنڌ سماءِ بابت وفاقي وزير عطاالله تارڙ گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ ثمر بلور سان گڏ پريس ڪانفرنس ۾ باضابطا اعلان ڪيو وفاقي وزير محسن نقوي صورتحال جو تفصيلي پس منظر ٻڌائيندي چيو ته اهو فيصلو ڪو آسان قدم نه هو پر وفاقي حڪومت هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصي تائين مسلسل ڪوشش ڪندي رهي ته خيبر پختونخوا حڪومت کي گڏ ڪٺي دهشتگردي خلاف متحد ٿي وڙهيو وڃي ۽ هو هو پاڻ ذاتي طور پردي پٺيان رابطن ۾ رهيو هن واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ کان اڳ ان جا سمورا مطالبا توڙي جو اهي ملاقاتون هجن يا اعلان پورا ڪيا پئي ويا ۽ وزيراعظم جي نيويارڪ جي دوري کان اڳ مخالف ڌر جي اڳواڻن سان ڳالهيون طئي هيون پر اتان ڪو به حتمي جواب نه مليو بعد ۾ صدر ۽ وزيراعظم جي ٺاهيل ڪميٽي تحت پي ٽي آءِ اڳواڻن سان ڳالهيون ٿيون جتي اسد قيصر دهشتگردي خلاف گڏ وڙهڻ جو عزم ظاهر ڪيو جڏهن ته ڪي پي ڪي حڪومت کي آن بورڊ ڪرڻ جي معاملي تي ڊيڊ لاڪ رهيو ڳالهين ۾ ڪي ڪان چار پيرا ڊرافٽ فائينل ٿيو ۽ ان جون تجويزون شامل ڪيون ويون پر هر ڀيري صوبائي حڪومت طرفان نئون موقف سامهون آڻي معاملي کي ناڪام ڪيو ويو رات پوڻين ٻه وڳي تائين حتمي رابطا ڪيا ويا ته جيئن ڪو وچيون رستو نڪري سگهي پر ڪي پي ڪي جي قيادت طرفان ڪو به مثبت جواب نه آيو مولانا فضل الرحمان جي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ سان ملاقاتون به بي نتيجا رهيون محسن نقوي واضح ڪيو ته وفاق کي ڌرڻن يا لانگ مارچ سان ڪو مسئلو نه هو اصل معاملو دهشتگردي جو هو جنهن تي ڪي پي ڪي قيادت تعاون نه ڪيو هن ٻڌايو ته صوبي جي 12 ضلعن ۾ صورتحال ان حد تائين خراب آهي جو شام کان پوءِ شهري گهرن مان نٿا نڪري سگهن اليڪشن ڪميشن جي سينئر آفيسر کي شهيد ڪيو ويو پوليس جي مسلسل ٽارگيٽ ڪلنگ ٿي رهي آهي ڪسٽمز ۽ فورسز کي نشانو بڻايو پيو وڃي هن چيو ته اسان ڪي پي ڪي حڪومت سان گڏجي پهرين 5 ضلعن ۾ پوليس کي مضبوط ڪرڻ ايف سي ۽ فوج کي لاجسٽڪ ڏيڻ ۽ سمورا گهربل فنڊز فراهم ڪرڻ جو منصوبو بڻايو پر 4 مهينا گذرڻ باوجود ان تي صوبائي سطح تي ڪا به اڳڀرائي نه ٿي سگهي، وفاق ۽ صوبي جي پرڏيهي پاليسي مختلف نٿي ٿي سگهي ۽ طالبان سان لاڳاپا به ڪنهن ڪان لڪيل ناهن گذريل ڏيڍ سال ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ 195 سيڪڙو واڌ ۽ شهادتن ۾ 113 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي جڏهن ته پوليس کي ڏنل 20 ارب جي بجيٽ تي احسان جتايو پيو وڃي ۽ دهشتگردن جي تعريف تي بحث ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته جيڪڏهن روزانو جوانن جون شهادتون ٿي رهيون هيون ۽ صوبائي حڪومت اونرشپ نه وٺندي هئي ته وفاق وٽ رياست کي بچائڻ لاءِ ان فيصلي کان علاوه ٻيو ڪو رستو نه بچيو هو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ قانوني رخن تي بريفنگ ڏيندي چيو ته قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ کان پوءِ ميڊيا کي آگاهه ڪيو پيو وڃي، ڪابينه جي ٻن ڪلاڪن جي ڊگهي اجلاس ۾ خيبر پختونخوا جي گورنر پاران مليل خط تي غور ڪيو ويو جنهن ۾ آئين جي آرٽيڪل 234 تحت واضح ڪيو ويو هو ته صوبي ۾ آئيني بريڪ ڊائون ٿي چڪو آهي ۽ صوبي ۾ حڪومت جي رٽ غائب آهي رپورٽ ۽ واقعن موجب دهشتگردي ۾ 196 سيڪڙو واڌ ۽ سڀني جي عالمي تنظيم پاڪستان کي دهشتگردي کان بدترين متاثر ملڪن جي فهرست ۾ رکي ڇڏيو جنهن سان معيشت ۽ سيڙپڪاري کي شديد ڌڪو لڳي رهيو هو هن واضح ڪيو ته آئين جو آرٽيڪل 149 (4) وفاق کي امن امان بابت صوبن کي حڪم ڏيڻ جا اختيار ڏئي ٿو جڏهن ته آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت سنگين اندروني ۽ ٻاهرين خطرن کي نظر ۾ رکندي صدر مملڪت هنگامي اختيار استعمال ڪيا. اعظم نذير تارڙ حڪمن جا تفصيل ٻڌائيندي چيو ته صدارتي پروڪليميشن تحت خيبر پختونخوا جي صوبائي حڪومت غير فعال ٿي وئي آهي وزيراعليٰ صوبائي وزير، صوبائي صلاحڪار، خاص مددگار ۽ ايڊووڪيٽ جنرل جا اختيار ختم ڪري سمورا اختيار گورنر ڪي پي ڪي جي حوالي ڪري ڇڏيا جنهن جي مدد لاءِ 11 رڪني مشاورتي ڪائونسل جوڙي ويندي شديد متاثر 12 ضلعن لاءِ گورنر ۽ چيف سيڪريٽري تحت هڪ ڌار خصوصي سيڪريٽريٽ ۽ ڌار ري ڪنسٽرڪشن اينڊ ڊوليپمينٽ ڪائونسل قائم ڪئي وئي آهي جنهن جو ايڊمنسٽريٽر ايڊيشنل چيف سيڪريٽري رينڪ جو آفيسر هوندو ان کان علاوه آئين جي آرٽيڪل 245 تحت سيڪيورٽي فورسز جي نئين سر مقرري جو تازو حڪم نامو به جاري ڪيو ويو آهي ته جيئن امن امان جي بحالي کي يقيني بڻائي سگهجي هن واضح ڪيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جو گڏيل اجلاس گهرائي صدارتي فيصلي جي آئيني توثيق ڪئي ويندي

بقايا 4 روزاني عبرت

آءِ) جي سينيئر اڳواڻ ۽ خيبر پختونخوا جي اڳوڻي اطلاعات واري وزير شفيع جان چيو آهي ته سندس جماعت عمران خان ۽ پختونن جي مفادن تي سوديبازي ڪرڻ بدران حڪومت قربان ڪري ڇڏي آهي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ شفيع جان وڏي وزير سهيل آفريدي کي گرفتار ڪرڻ جي تصديق ڪئي آهي ڪي پي جي وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ ڪي پي جي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو؛ پي ٽي آءِ اڳواڻن جي ايڪس تي بيان ذريعي تصديق هن عوام کي ٻاهر نڪرڻ ۽ سڄي خيبر پختونخوا مان پشاور پهچڻ جي اپيل ڪئي هن چيو ته قبائلي ضلعن جي عوام تي به وڏي ذميواري آهي ۽ قبيلن کي پنهنجي وڏي وزير جي حمايت ۾ ٻاهر نڪرڻ گهرجي

بقايا 5 روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي ڪي پي ڪي ۾ نئين انتظامي يونٽ جي قيام ۽ صوبي جي تقسيم بابت تاثر کي رد ڪندي واضح ڪيو آهي ته خيبر پختونخوا ۾ ڪنهن به قسم جو نئون انتظامي يونٽ نه پيو بڻايو وڃي ۽ نه ئي صوبي کي تقسيم ڪيو پيو وڃي، حڪومت جي پهرين ترجيح صوبي ۾ امن امان جي بحالي ۽ روزاني زندگي کي معمول تي آڻڻ آهي هن احتجاج ڪندڙ جٿن کي فوري منتشر ڪرڻ جي هدايت ڪندي خبردار ڪيو ته قانون هٿ ۾ وٺندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ضرورت پوڻ تي حفاظتي تحويل ۾ وٺڻ سميت گرفتاريون به عمل ۾ آنديون وينديون. محسن نقوي ٻڌايو ته جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تحت ڏکڻ پنجاب ماڊل جي طرز تي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري خيبر پختونخوا کي گورنر ۽ چيف سيڪريٽري جي ماتحت هڪ مخصوص سيڪريٽريٽ فراهم ڪيو ويو آهي ان موجب صوبي جا 12 ضلعا هن وقت جنگ جي حالت ۾ آهن، جتي خاص ڌيان اضافي فنڊنگ، بهتر انتظامي معاملا ۽ امن امان جي بحالي اٿئر آهي. وفاقي وزير واضح ڪيو ته هن وقت حڪومت جي پهرين ترجيح ڪي پي ڪي ۾ لا اينڊ آرڊر کي بحال ڪرڻ آهي ۽ حالتن کي معمول تي آڻڻ لاءِ جيڪي به قدم کڻڻا پيا ڪنداسين گهرو وزير احتجاج ڪندڙ جٿن کي چٽن لفظن ۾ وارننگ ڏيندي چيو ته انهن لاءِ بهتر اهو ئي آهي ته هو فوري طور منتشر ٿي وڃن ڇاڪاڻ ته کين ڪو به صوبائي تحفظ ناهي رهيو هن تنبيهه ڪئي ته قانون هٿ ۾ کڻندڙن کي گرفتار ڪري انهن خلاف مڪمل قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ۽ هو پاڻ پنهنجي نتيجن جا ذميوار هوندا ان لاءِ منتشر ٿين ته جيئن صوبي جي معمول جي زندگي بحال ٿي سگهي

بقايا 6 روزاني عبرت

صوبي جي اهم معاملن جون ذميواريون سنڀاليندا. ڪائونسل ۾ گهرو معاملن لاءِ اڳوڻو ڪمشنر ۽ آءِ جي جيل ڪفايت الله خان، ناڻي ۽ معيشت لاءِ ايف بي آر جو اڳوڻو چيئرمين طارق محمود پاشا، قانون لاءِ اڳوڻو ايڊووڪيٽ جنرل عامر جاويد ۽ تعليم لاءِ اڳوڻو نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سيد عامر عبدالله شامل آهن صحت جا معاملا پاڪستان آرمي جي اڳوڻي سرجن جنرل ليفٽيننٽ جنرل (ر) نگار جوهر خان، سائنس اينڊ منرلز جا معاملا ڊاڪٽر سرفراز علي شاهه صنعتن ۽ واپار جا معاملا ڊاڪٽر محمد ارشاد، ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس جا معاملا آصف رفيق آفريدي، مذهبي معاملن جي ذميواري طيب قريشي ۽ توانائي جا معاملا اڳوڻو سينيٽر عثمان سيف الله خان ڏسندو جڏهن ته سنڌ سماءِ جا معاملا اڳوڻي ايم پي اي سمر هارون بلور جي حوالي ڪيا ويا آهن

بقايا 7 روزاني عبرت

لاڳو ڪرڻ جي اعلان ڪانپوءِ پاڪستان تحريڪ انصاف دعويٰ ڪئي آهي ته وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پارٽيءَ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو آهي پاڪستان تحريڪ انصاف دعويٰ ڪئي آهي ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو آهي پي ٽي آءِ خيبرپختونخوا جي صدر جنيد اڪبر طرفان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ پڻ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته ڪيس ۽ سهيل آفريدي کي گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

ايڊمنسٽريٽو سروس جي گريڊ 22 جي سينيئر بيوروڪريٽ ڊاڪٽر محمد فخر عالم عرفان کي خيبرپختونخوا جو نئون چيف سيڪريٽري مقرر ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو باضابطه نوٽيفڪيشن اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جاري ڪري ڇڏيو آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مطابق ڊاڪٽر محمد فخر عالم عرفان کي چيف سيڪريٽري طور مقرري فوري طور لاڳو سمجهي ويندي ۽ هو ٻي حڪم تائين پنهنجا فرض انجام ڏيندو رهندو ڊاڪٽر محمد فخر عالم عرفان ان اهم ذميواري کان اڳ توانائي واري وفاقي وزارت جي پاور ڊويزن ۾ وفاقي سيڪريٽري طور فرض ادا ڪري رهيو هو سندس تعلق خيبرپختونخوا جي ضلعي مردان سان آهي ۽ هو انتظامي معاملن جو وسيع ۽ ڊگهو تجربو رکي ٿو وفاقي حڪومت پاران ان اعليٰ سطحي مقرري جو نوٽيفڪيشن 11 آڪٽوبر 2026 ع تي جاري ڪيو ويو وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا جي اعليٰ بيوروڪريسي ۾ وڏي پيماني تي تبديلي ڪندي صوبي جي چيف سيڪريٽري سميت اهم انتظامي عهدن تي مقرر سينيئر آفيسرن کي سندن عهدن تان هٽائي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن رپورٽ ڪرڻ جو باضابطه حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ وفاقي حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن پاران سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي ٽرانسفر جا باضابطه نوٽيفڪيشنز جاري ڪري ڇڏيا آهن جاري ڪيل حڪمن مطابق خيبرپختونخوا جي موجوده چيف سيڪريٽري شهاب علي شاهه کي سندس عهدي تان فارغ ڪري فوري طور وفاق ۾ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ان سان گڏ ئي صوبائي حڪومت ۾ اهم انتظامي پوزيشنز تي مقرر گريڊ 21 جي سينيئر آفيسر اڪرام الله کي به صوبي مان هٽائي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن طلب ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشنز مطابق گريڊ 20 سينيئر آفيسر شاهد الله جو خيبرپختونخوا مان ٽرانسفر ڪري سندس خدمتون به اسٽيبلشمينٽ ڊويزن حوالي ڪيون ويون آهن جڏهن ته گريڊ 19 جي آفيسر شاهه فهد کي به فوري طور تي پنهنجون ذميواريون ڇڏي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن اسلام آباد رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. وفاق طرفان ڪيل ان وڏي انتظامي فيصلي بعد صوبائي کاتن ۾ نئين مقررين جو عمل شروع ٿيڻ جو امڪان آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

جي ترجمان مطابق پنهنجي وڊيو پيغام ۾ گورنر واضح موقف اختيار ڪندي چيو ته صوبي جي عوام فيصلو ڪري ورتو آهي ته هو وڌيڪ فتنه الخوارج جو ساٿ نه ڏيندو هن واضح ڪيو ته عوام پنهنجي سيڪيورٽي ادارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي دهشتگردن خلاف آخري ساهه تائين وڙهندو ڇاڪاڻ ته صوبي جو عوام بنيادي طور امن پسند آهي ۽ ڪنهن قسم جي دهشتگردي يا پر تشدد ڪارروائين جي حمايت نه ڪندو هن چيو ته ڪي پي ڪي جو عوام ٻين صوبن سان پائدار لاڳاپن ۽ گڏيل تعاون کي هٿي ڏيڻ چاهي ٿو ته جيئن گڏيل ڪوششن سان ملڪ ۽ صوبي ۾ ترقي جا ثمر عام ماڻهو تائين پهچي سگهن ۽ جمهوري قدر مستحڪم ٿين هن عوام تي زور ڀريو ته هو ڪنهن به قسم جي قانون جي ڀڃڪڙي، اشتعال انگيزي ۽ فساد کان مڪمل پاسو ڪن هن خبردار ڪيو ته امن امان خراب ڪرڻ ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 10 روزاني عبرت

رياستي ادارن، عدالت يا ڪنهن به شهري جي ساک کي نقصان پهچائيندڙ غير قانوني نفرت تي ٻڌل ۽ ڪوڙي معلومات ڦهلائڻ سزا جوڳو ڏوهه آهي پي ٽي اي عوام کي خبردار ڪندي چيو آهي ته پريوينشن آف اليڪٽرانڪ ڪرائمز ايڪٽ (پيڪا) تحت اهڙين سمورين ڊجيٽل سرگرمين ۾ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي ٿي پي ٽي اي چيو آهي ته سوشل ميڊيا جو ذميواري سان استعمال ڪرڻ اسان سڀني جو گڏيل فرض آهي پي ٽي اي موجب انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي ڪنهن به قسم جي مواد کي اڳيان وڌائڻ کان اڳ لازمي تصديق ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڊجيٽل خال کي محفوظ ۽ قانون جي دائري اندر رکي سگهجي

بقايا 11 روزاني عبرت

وفاق لاءِ ڪو هڪ آپشن به ڇڏي ها ته وفاق ڪڏهن به اهو قدم نه کڻي ها. اڄ تي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته وفاق بار بار ڳالهين جي آڇ ڪئي ۽ پي ٽي آءِ سان ڳالهين جي ميز تي به ويٺو پر سهيل آفريدي ضد تي هو ته ڪنهن به صورت دهشتگردي خلاف وفاق جو ساٿ ناهي ڏيڻو بيرسٽر دانيال چوڌري چيو ته پي ٽي آءِ لانگ مارچ جي ڊرامي ڪان پوئتي نه هٽي ۽ پنهنجن ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ۾ ناڪام رهي

بقايا 12 روزاني عبرت

حالت لاڳو ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي رپورٽ پيش ڪئي هئي. صوبي ۾ گورنر راڄ پهريون ڀيرو نه پر چوٿون ڀيرو لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن سبب چونڊيل صوبائي حڪومت جا اختيار گورنر ڏانهن منتقل ٿي ويا آهن. خيبرپختونخوا ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي وفاقي حڪومت ١٩٧٥ع ۾ ان وقت گورنر راڄ لاڳو ڪندي هنگامي حالت جو اعلان ڪيو هو جڏهن حيات محمد خان شيرپائو پشاور يونيورسٽيءَ جي تاريخ واري شعبي ۾ تقرير دوران بم ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويو هو. ان واقعي کان پوءِ عوامي نيشنل پارٽي تي پابندي لڳائي وئي ۽ صوبي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪري گرفتاريون پڻ ڪيون ويون هيون صوبي ۾ ٻيو ڀيرو ١٩٩٤ع ۾ گورنر راڄ ان وقت لاڳو ڪيو ويو جڏهن بينظير ڀٽو جي وفاقي حڪومت مسلم ليگ (ن) جي وڏي وزير پير صابر شاهه جي حڪومت خلاف قدم کنيا. ان دوران اسيمبلي ميمبرن کي گم ڪيو ويو ۽ پوءِ پير صابر شاهه خلاف بي اعتماديءَ جي رٽ آندي وئي. ان کان پوءِ آفتاب احمد خان شيرپائو پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ٽيون ڀيرو ١٩٩٩ع ۾ اڳوڻي فوجي صدر پرويز مشرف جي حڪومت طرفان مسلم ليگ (ن) جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ کان پوءِ صوبي جو انتظام گورنر حوالي ڪيو ويو. ان وقت مسلم ليگ سان لاڳاپيل گورنر ميان گل اورنگزيب کي هٽائي ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد شفيق کي گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ اختيار سندس حوالي ڪيا ويا. بعد ۾ ليفٽيننٽ جنرل (ر) سيد افتخار حسين کي صوبي جو گورنر مقرر ڪيو ويو جنهن نومبر ۽ ڊسمبر ٢٠٠٢ع ۾ متحده مجلس عمل جي حڪومت قائم ٿيڻ تائين پنهنجي جوڙيل ڪابينا سان گڏ صوبي جو انتظام هلايو هاڻي خيبرپختونخوا ۾ چوٿون ڀيرو پاڪستان تحريڪ انصاف جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي جي حڪومت معطل ڪري گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو آهي. گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي عبوري ڪابينا سان گڏ صوبي جو انتظام هلائيندو

بقايا 13 روزاني عبرت

تحت صوبي جي ١٢ ضلعن ۾ هنگامي حالت پڻ لاڳو ڪئي وئي آهي انهن ضلعن ۾ اڳوڻي قبائلي علائقن مان ضم ڪيل ات ضلعا خيبر مهمند، ڪرم، اورڪزئي، باجوڙ اتر وزيرستان، اپر ڏکڻ وزيرستان ۽ لوئر ڏکڻ وزيرستان شامل آهن. ان کان سواءِ ڏکڻ وارا چار ضلعا ڊيرا اسماعيل خان، ٽانڪ، بنون ۽ لڪي مروت پڻ هنگامي حالت وارن علائقن ۾ شامل آهن بنون ۽ ڊيرا اسماعيل خان ڊويزن ۾ مڪمل جڏهن ته پشاور ڪوهاٽ ۽ مالاڪنڊ ڊويزن ۾ جزوي طور هنگامي حالت لاڳو ٿيندي هزارا ۽ مردان ڊويزن کي هنگامي حالت کان ڇوٽ ڏني وئي آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ضلعي صوابي ۾ پوليس پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن جي گرفتاريون شروع ڪري ڇڏي آهي. آخري اطلاعن تائين پوليس ٥٩ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو هو. سومر ڏينهن صوابي مان پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ نڪرڻو هو پر صوبي ۾ هنگامي حالت لاڳو ٿيڻ سبب اهو مارچ نه ٿي سگهڻ جو امڪان آهي. اطلاعن موجب جهانگيره پل، پشاور-اسلام آباد موٽر وي تي سنڌو درياهه واري پل ۽ ٻين هنڌن تي ڪنٽينر پهچايا ويا آهن، تنهن هوندي به رستا ٽريفڪ لاءِ کليل آهن

بقايا 15 روزاني عبرت

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي حمايت ڪري ڇڏي آهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ فاروق ستار چيو آهي ته جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي گورنر راڄ جي مخالف آهي ته پوءِ اها صدر مملڪت جي فيصلي بابت پنهنجو موقف واضح ڪري. اها ڳالهه فاروق ستار بهادرآباد واري مرڪز ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪئي. ان موقعي تي انيس احمد قائمخاني اڳوڻو ميئر وسيم اختر ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. فاروق ستار چيو ته پاليسي ڏاهڻ واري سطح تي وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو اهم فيصلو ڪيو آهي. ايم ڪيو ايم جا ٻئي وفاقي وزير ڪابينا جي اجلاس ۾ موجود هئا، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندن جماعت هن قومي فيصلي جي حامي ۽ ان عمل ۾ شريڪ آهي ۽ چيو ته پاڪستان کي هن وقت انتهاپسنديءَ ۽ دهشتگرديءَ جو وڏو خطرو آهي. ماضيءَ ۾ پابندي مڙهيل دهشتگرد تنظيمن کي ڇوٽ ڏيڻ سبب خيبرپختونخوا ۾ حالتون خراب ٿيون ۽ پاڪستاني فوج کي سخت فيصلا ڪرڻا پيا. تنهن ڪري ايم ڪيو ايم قومي سلامتيءَ جي معاملي تي هميشه رياست ۽ فوجي ادارن سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

مذمت ڪيون ٿا ۽ ان قدم کي مڪمل طور رد ڪيون ٿا. هن چيو ته اهو انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو ۽ سنگين سياسي غلطيءَ سان گڏ غيرجمهوري قدم آهي عوام پنهنجي حقن خلاف اهڙا قدم ڪڏهن به قبول نه ڪندو بئريسٽر گوهر موجب، خيبرپختونخوا جي عوام جو مينڊيٽ سندن آئيني ۽ قانوني حق آهي ان مينڊيٽ کي نظرانداز ڪرڻ، صوبائي خودمختياري کي ڪمزور ڪرڻ ۽ وفاق ۽ صوبي وچ ۾ ٽڪراءَ پيدا ڪرڻ سان نه امن قائم ٿي سگهي ٿو ۽ نه ئي استحڪام اچي سگهي ٿو پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته دهشتگرديءَ جي خاتمي تي ڪو به اختلاف ناهي پر دهشتگرديءَ خلاف جنگ کي عوام جو آواز دٻائڻ، سياسي مقصد حاصل ڪرڻ يا صوبي جا آئيني اختيار محدود ڪرڻ جو جواز نٿو بڻائي سگهجي دهشتگرديءَ جو مقابلو قومي ايڪي ۽ گڏيل حڪمت عمليءَ سان ئي ممڪن آهي بئريسٽر گوهر چيو ته صوبن کي ڪمزور ڪري وفاق کي مضبوط نٿو ڪري سگهجي مسئلن جو حل طاقت، ٽڪراءَ ۽ غيرمعمولي قدمن ۾ نه پر سياسي سوچ، آئين جي بالادستي بامقصد ڳالهين ۽ عملي قدمن ۾ آهي هن چيو ته عوامي مينڊيٽ، صوبائي خودمختياري ۽ آئيني توازن جي جمهوري حقن جي تحفظ لاءِ هر آئيني، قانوني ۽ جمهوري فورم تي ڀرپور آواز اٿاريو ويندو مضبوط صوبا ئي مضبوط وفاق جو بنياد آهن ۽ آئين جي حڪمراني مضبوط پاڪستان جي ضمانت آهي بئريسٽر گوهر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اڃا به وقت آهي ۽ اهو فيصلو ڪجهه ڏينهن اندر واپس ورتي سگهجي ٿو هن چيو ته وفاق کي گهرجي ته هو انا ڇڏي، زميني حقيقتن کي سمجهي، جائز مطالبا تسليم ڪري ۽ عوام جي احساسن ۽ جذبن جو احترام ڪري، جيئن ملڪ کي وڌيڪ سياسي ۽ معاشي نقصان کان بچائي سگهجي ۽ جمهوري عمل کي پوئتي ڌڪجڻ کان روڪي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته سياسي فيصلن تي نظرثاني ڪرڻ ڪمزوري نه پر قومي مفاد ۾ دانشمنديءَ جي نشاني آهي ٻي صورت ۾ وڏو نقصان ٿيندو

بقايا 17 روزاني عبرت

ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته ماضي جي آمراڻن قدمن وانگر وفاق جو اهو قدم به تاريخ جي گند ۾ اڇلايو ويندو پارٽي طرفان سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت عملي طور خيبر پختونخوا اسيمبلي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ۽ صوبائي حڪومت کي به نشانو بڻايو ويو آهي. بيان ۾ الزام لڳايو ويو آهي ته ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ ڪانپوءِ وفاقي حڪومت صوبي جي وڏي وزير سهيل آفريدي سميت ٻين اهم عهديدارن کي اغوا ڪيو آهي پي ٽي آءِ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ملڪ تي مڙهيل عنصر اقتدار تي پنهنجي پڪڙ برقرار رکڻ لاءِ پاڪستان جي بنيادن کي ڪمزور ڪري رهيا آهن. پارٽي موجب، وفاقي حڪومت عوامي مينڊيٽ کان محروم آهي ۽ رڳو طاقت ۽ سياسي جوڙ توڙ ذريعي قائم آهي بيان ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير، وزيراعظم شهباز شريف ۽ گهرو وزير محسن نقوي تي تنقيد ڪندي چيو ويو آهي ته سرحدن جي حفاظت ۽ دهشتگردي روڪڻ جي بنيادي ذميوارين تي ڌيان ڏيڻ بدران اهي ذميواريون صوبائي حڪومت تي وجهي دنيا جي مختلف ملڪن جا دورا ڪري رهيا آهن ته جيئن انگ اکر تيار ڪري پنهنجي ساک بهتر بڻائي سگهن. پي ٽي آءِ عوام کان سوال ڪيو ته ڇا هو سڀئي غيرقانوني حڪومت تحت خاموشيءَ سان سڀ ڪجهه برداشت ڪندا رهندا يا پاڪستان کي مڪمل تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ اٿي بيهندا

بقايا 18 روزاني عبرت

ايمرجنسي لڳائڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي، وزيراعظم هائوس مان ايڊوائس ايوان صدر موڪلي وئي. اڄ تي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو ڪابينا کي خيبرپختونخوا ۾ امن امان ۽ دهشتگرديءَ جي صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي ڪابينا خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال ۽ دهشتگرديءَ خلاف جنگ کان صوبائي حڪومت جي ڄاڻي واڻي لاتعلقي کي نظر ۾ رکندي حالتن جو تفصيلي جائزو ورتو ڪابينا وزيراعظم کي تجويز ڏني ته صدر مملڪت کي صلاح ڏيو ته هو حالتن جي سنگينيءَ کي نظر ۾ رکندي پنهنجو آئيني اختيار استعمال ڪندي خيبرپختونخوا صوبي ۾ آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت ايمرجنسي لاڳو ڪري. ان سلسلي ۾ وزيراعظم هائوس مان ايڊوائس ايوان صدر موڪلي وئي صدر مملڪت وزيراعظم جي سفارش تي خيبر پختونخواهه ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني صدر مملڪت آصف علي زرداري خيبرپختونخوا ۾ سلامتي جي صورتحال تي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ايڊوائس تي صحيحيون ڪري ڇڏيون ايوان صدر جي پريس ونگ مان اڄ تي جاري بيان مطابق پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪلز 232 ۽ 234 تحت صدر مملڪت وزيراعظم جي ايڊوائس منظور ڪندي صحيحيون ڪيون وفاقي ڪابينا جي فيصلي، وزيراعظم جي ايڊوائس، لاڳاپيل ادارن جي امن امان جي صورتحال بابت رپورٽس ۽ حڪومتي وفدن سان ڳالهين جي ناڪامي بعد صدر مملڪت سمري تي صحيحيون ڪيون آهن

بقايا 19 روزاني عبرت

ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي اعلان جي آجيان ڪندي چيو آهي ته ان قدم جو مقصد امن جي بحالي عوام جي تحفظ ۽ انتظامي معاملن ۾ بهتري هجڻ گهرجي اڄ ڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته خيبر پختونخوا جو عوام امن، ترقي، خوشحالي ۽ بهتر طرز حڪمراني جو مستحق آهي عوامي مفادن خلاف سياست ڪندڙن کي پنهنجي ڪارڪردگي ۽ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال جو جواب ڏيڻو پوندو انجنيئر امير مقام چيو ته ماڻن جون اجڙيل جهوليون ڀينرن جا ڳوڙها ۽ يتيم ٻارن جي بيوسي فوري ۽ اثرائتي عملي قدمن جي گهر ڪن ٿا هاڻي سڄو ڌيان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي پائيدار امن جي قيام ۽ عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻ تي ٻڌل هئڻ گهرجي هن چيو ته پوليس ۽ سيڪيورٽي ادارن جون قربانيون ناقابل فراموش آهن شهيدن جي ڪٽنبن جي ڪفالت ۽ زخمين جو علاج کي يقيني بڻايو وڃي انجنيئر امير مقام چيو ته خيبر پختونخوا ڪنهن سياسي پارٽي جي جاگير ناهي، صوبي جا وسيلا عوام جي ڀلائي تي خرچ ٿيڻ گهرجن ۽ تعليم صحت، روزگار ۽ عوامي ترقي آئنده ترجيحن جو محور ٿيڻ گهرجن هن چيو ته پاڪستان مسلم ليگ (ن) خيبر پختونخوا ۾ امن ترقي خوشحالي ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو پرامن رهن قانون جي پاسداري ڪن ۽ ڪنهن به قسم جي اشتعال انگيزي يا بدامني جو حصو نه بڻجن

بقايا 20 روزاني عبرت

جاري ڪيو ويو آهي جڏهن ته مختلف علائقن ۾ پوليس جي واڌو نفري مقرر ڪئي وئي آهي ذريعن موجب، اسلام آباد جي اهم چوڪن ۽ چوراهن سميت شهر جي داخلي رستن تي به پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ريڊ زون ۾ اڻ لاڳاپيل ماڻهن جي داخلا بند ڪئي وئي آهي، جڏهن ته حساس عمارتن جي حفاظت لاءِ رينجرز جا اهلڪار پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. ذريعن موجب، سمورن ايس پيز ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي فيلڊ ۾ موجود رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪنهن به هنڌ بينر لڳل يا ماڻهن جو ميڙ نظر اچڻ تي ترت ڪارروائي ڪرڻ ۽ قلم 144 جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ جا حڪم پڻ جاري ڪيا ويا آهن

بقايا 21 روزاني عبرت

پاڪستان (ايڇ آر سي پي) چيو آهي ته وفاقي حڪومت طرفان خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سان سياسي ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌڻ ۽ جمهوري عمل ڪمزور ٿيڻ جو خطرو آهي جاري ڪيل بيان ۾ ايڇ آر سي پي وفاقي حڪومت ۽ پارليامينٽ کي خبردار ڪيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ يا گورنر راڄ قائم ڪرڻ سان سياسي ڇڪتاڻ ۾ وڌيڪ واڌ ۽ جمهوري عمل جي ڪمزور ٿيڻ جو خدشو آهي. ايڇ آر سي پي وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) تي زور ڏنو آهي ته اهي فوري طور نتيجا ڏيندڙ سياسي ڳالهيون ٻيهر شروع ڪن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته ڪنهن به بهاني سان شهرين جا بنيادي حق معطل نه ڪيا وڃن

بقايا 22 روزاني عبرت

چڪي آهي. اڄ (11 آڪٽوبر) جي منجهند پاڪستان جي وفاقي ڪابينا جي هنگامي اجلاس ڪانپوءِ وزيراعظم شهباز شريف کي ڪابينا طرفان تجويز ڏني وئي هئي ته هو صدر کي صلاح ڏين ته "حالتن جي سنگينيءَ کي نظر ۾ رکندي صدر پنهنجو آئيني اختيار استعمال ڪندي خيبرپختونخوا ۾ آئين پاڪستان جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت ايمرجنسي لاڳو ڪري". وفاقي ڪابينا جي اجلاس ڪانپوءِ ان حوالي سان هڪ ايڊوائيس صدر آصف علي زرداري ڏانهن موڪلي وئي، جنهن جي هن منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ وفاقي حڪومت صوبي جو انتظام پاڻ سنڀالي سگهي ٿي يا صوبي جي گورنر کي هدايت ڏئي سگهي ٿي ته هو وفاقي حڪومت طرفان صوبائي حڪومت جا سمورا يا چونڊيل معاملا سنڀالي

بقايا 23 روزاني عبرت

مرڪزي اڳواڻ اختيار ولي خان خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ حڪومت جي خاتمي جو دعويٰ ڪندي عوام کي يوم نجات تي مبارڪون ڏنيون آهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" تي جاري ڪيل بيان ۾ اختيار ولي خان چيو آهي ته گڊ بواءِ ڪان گڊ باءِ تائين جو سفر خدا حافظ سهيل آفريدي، هڪ هٿي پي ٽي آءِ هن هڪ خاص پوسٽر پڻ شيئر ڪيو جنهن ۾ خيبرپختونخوا جي عوام کي يوم نجات مبارڪون هجي، لکيل هو

بقايا 24 روزاني عبرت

افنان الله خان چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي آخري حڪومت جو پڻ خاتمو ٿي ويو "ايڪس" تي جاري ڪيل پيغام ۾ سينيٽر افنان الله چيو ته آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو آهي هن مخالفن کي مخاطب ٿيندي چيو ته جيڪي ماڻهو چوندا هئا ڏسون ٿا ڪيئن ٿو ٿئي انهن جي اها خواهش به پوري ٿي وئي آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪيو ويو ۽ ايندڙ حڪمت عمليءَ جو فيصلو ڪيو ويو. مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي ٿيل اجلاس کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته وفاقي حڪومت طرفان گورنر راڄ ۽ ڪجهه علائقن ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جي اعلان کي هو مڪمل طور رد ڪن ٿا. جمعيت علماءِ اسلام ان فيصلي خلاف عوام سان رابطو ڪندي ۽ عدالت سان پڻ رجوع ڪندي هن چيو ته سندن جماعت جمهوري حقن جو دفاع ڪندي ۽ پارليامينٽ ۾ به عوام جي حقن لاءِ آواز اٿاريندي. هن ٻڌايو ته معاملا هن مرحلي تائين ڪيئن پهتا. هو ست آڪٽوبر تي اسلام آباد آيو هو جتي پي ٽي آءِ جا اڳواڻ ساڻس مليا هئا. مولانا فضل الرحمان چيو ته پي ٽي آءِ کيس ٻڌايو هو ته مطالبا مڃڻ جي صورت ۾ هو لانگ مارچ ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهن اڄ ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته هن پي ٽي آءِ اڳواڻن کان پڇيو هو ته ڇا هو لانگ مارچ ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهن جنهن تي کين ٻڌايو ويو ته مطالبا مڃڻ جي صورت ۾ لانگ مارچ ختم ڪري سگهجي ٿو سندس چوڻ هو ته اڄ جي صبح فجر جي نماز وقت وزيراعظم شهباز شريف سان رابطو ڪيو ۽ صبح 6 وڳي ساڻس ملاقات لاءِ ويو. مولانا فضل الرحمان موجب، وزيراعظم کيس ٻڌايو ته پي ٽي آءِ اڳواڻن جي عمران خان سان ملاقات ڪرائي ويندي ۽ سندس علاج به ڪرايو ويندو. وزيراعظم اهو پڻ چيو هو ته وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. مولانا ٻڌايو ته وزيراعظم سان ملاقات ڪانپوءِ واپس اچڻ تي صبح ساڍي 9 وڳي کيس آگاهه ڪيو ويو ته وزيراعظم سفارشون ڪابينا آڏو پيش ڪندو جيئن انهن جي منظوري حاصل ڪري سگهجي. مولانا فضل الرحمان دعويٰ ڪئي ته صبح ساڍي 10 وڳي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار فون ڪري کيس ٻڌايو ته وفاقي حڪومت خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪري رهي آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

ٿي ويا، جنهن کان پوءِ واقعي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جو انگ وڌي ست ٿي ويو آهي ٻن زخمين جي حالت اڃا تائين ڳڻتيءَ جوڳي ٻڌائي پئي وڃي خبر موجب، ضلعي ڪرڪ جي تعلقي باندهه دائود شاهه جي علائقي الوڙگي ۾ گئس ليڪ ٿيڻ سبب ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل وڌيڪ چار ڄڻا زخمن جا سور نه سهندي اسپتال ۾ فوت ٿي ويا. ذريعن موجب، فوت ٿيل ماڻهن ۾ گهر جو سربراهه بغداد، سندس گهرواري، ننهن ۽ چار ڌيئرون شامل آهن هڪ ئي گهر مان ست جنازا کڄڻ سبب سڄي علائقي ۾ سوڳ ڇانيل آهي ۽ هر طرف ڏک واري فضا آهي. گئس ليڪ ٿيڻ جو افسوسناڪ واقعو ٽي ڏينهن اڳ پيش آيو هو جنهن ۾ هڪ عورت سميت ٽي ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا هئا، جڏهن ته ٻين زخمين کي سخت زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو هو واقعي جا وڌيڪ ٻه زخمي اڃا تائين پشاور جي اسپتال ۾ ڳڻتيءَ جوڳي حالت ۾ علاج هيٺ آهن علائقي جا ماڻهو سندن صحتيابيءَ لاءِ دعاگو آهن

بقايا 27 روزاني عبرت

ڦورن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ڪئي وئي پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو سندس ساٿي فرار ٿي ويو ايس ايس پي سينٽرل ڊاڪٽر محمد عمران خان جي ترجمان موجب مارجي ويل ملزم جي سڃاڻپ سليم الرحمن ولد جاويد الرحمن طور ٿي آهي مارجي ويل ملزم جي قبضي مان پستول 4 موبائل فون هڪ بٽون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي مارجي ويل ملزم جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

فائرنگ ڪرڻ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب موٽرسائيڪل سوار احمد مارجي ويو جڏهن ته پوليس جي فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب واٽهڙو محفوظ ڪانڌڙو پڻ زخمي ٿي پيو زخمي واٽهڙو کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي بعد غازي گوٺ جي رهواسين طرفان پوليس ڪار تي پٿراءَ ڪري گاڏي جا شيشا ٽوڙي ڇڏيا. اکين ڏٺن شاهدن موجب موٽرسائيڪل سوار جي پٺيان ڪار ۽ 2 موٽرسائيڪل هيون جن موٽرسائيڪل سوار مٿان فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هو گوليون لڳڻ سبب موقعي تي فوت ٿي ويو هوڏانهن فيروزآباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او عديل افضل رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته شهيد ملت روڊ تي ٻن موٽرسائيڪل سوارن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو جن فرار ٿيڻ جي ڪوشش جنهن سان پوليس جو غازي گوٺ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ ڌوڙهاري احمد مارجي ويو جڏهن ته ان سان گڏ شاهد کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته انهن جا ساٿي فرار ٿي ويا آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته مارجي ويل جي مٿان اڳ ڪيترن ئي وارداتن جو رڪارڊ سامهون آيو آهي جن جي وٽان به پستول ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

خطاب ڪندي چيو ته جيڪو انتظامي يونٽ جو يار آ اهو ڌرتي وڏو غدار آهي غدارن کي هار نه وجهو جيڪي اوهان کي ڪجهه نٿا ڏين پر اوهان جي وسيلن تي قبضا ڪري اوهان تي مسلط ٿي ويا آهن هن چيو ته ڪوهستان جي مدنيات گئس پيٽرول ريتي تي هتان جي علائقي واسين کي ڇا مليو آهي. هن چيو سنڌ جي ماڻهو کي هاڻ سجاڳ ٿيڻ پوندو نه ته اهي حڪمران اوهان کي اوهانجي نسلن کي اڏوهي وانگر کائي ويندا. هن چيو جن کي اوهان نجي ڪڍي ووٽ ڏيو ٿا اهي صرف پنهنجو پيٽ ڀرڻ اچن ٿا. پنهنجن وسيلن جي مالڪي پاڻ کي ڪرڻي پوندي نه اوهان ڪان هي پوٽار وڏيرا سردار ڌرتي کسي ويندا ريلي ۾ ڪوهستان جي مختلف ڳوٺن مان سوين ماڻهن شرڪت ڪئي.

بقايا 30 روزاني عبرت

تي اعليٰ ترين هوشياري جو مظاهرو ڪندي افغانستان مان خوارج جي هڪ گروهه جي در اندازي جي ڪوشش کي اثرائتي جوابي ڪارروائي ذريعي ناڪام بڻائي ڇڏيو جنهن دوران افغان طالبان چوڪين طرفان خوارجين جي پٺڀرائي ۽ فائرنگ باوجود 12 خوارج ۽ افغان طالبان مارجي ويا، جڏهن ته فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ بهادري سان وڙهندي پاڪ فوج جو نائب صوبيدار هدايت امان شهيد ٿي ويو آءِ ايس پي آر مطابق گذريل ڏينهن ڪرم ضلعي ۾ پاڪ افغان عالمي سرحد سان گڏ خوارج جي هڪ گروهه جي چرپر جو پتو لڳايو ويو جيڪو افغانستان سان پاڪستان داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ان کي سيڪيورٽي فورسز اثرائتي طريقي سان نشانو بڻايو سيڪيورٽي فورسز اعليٰ ترين هوشياري برقرار رکندي دراندازي جي ان ڪوشش کي اثرائتي انداز ۾ ناڪام بڻائي ڇڏيو جڏهن ته افغان طالبان جي چوڪين به خوارج جي ان دراندازي جي حمايت ۾ فائرنگ شروع ڪري ڇڏي، چوڪس جوانن جي مهارت جي نتيجي ۾ 12 خوارج ۽ افغان طالبان مارجي ويا، جڏهن ته شديد فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 40 سالن جو نائب صوبيدار هدايت امان جيڪو غذر ضلعي جو رهاڪو هو بهادري سان وڙهندي شهيد ٿي ويو آءِ ايس پي آر چيو آهي ته پاڪ افغان سرحد تي پيش آيل اهو واقعو هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان جي ان حقيقت ۽ ٺوس موقف جي تصديق ڪري ٿو ته افغان طالبان رجيم دهشتگرد تنظيم کي افغان سرزمين جي استعمال کان روڪڻ ۾ ڄاڻي واڻي مڪمل ناڪام رهي آهي ۽ هو سرحد پار دهشتگردي جي سهولتڪاري ۽ سرپرستي ڪري رهي آهي افغان طالبان رجيم دهشتگردي جي خاتمي بابت پنهنجي عالمي ذميوارين کي نڀائڻ ۾ مسلسل ناڪام رهي آهي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز وطن جي سرحدن جي دفاع لاءِ پنهنجي عزم تي پختي ۽ ثابت قدم آهي علائقي ۾ موجود ڀارتي سرپرستي يافته ٻين خوارجين جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري آهي، جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان پرڏيهه مان مالي معاونت ۽ پٺڀرائي حاصل ڪندڙ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ويزن عزم استحڪام (جنهن جي منظوري نيشنل ايڪشن پلان جي وفاقي ايپڪس ڪميٽي ڏني آهي) جي تحت دهشتگردي جي خاتمي جي بنا وقفي سان مهم پوري قوت سان جاري رهندي اسان جي بهادر جوانن جون اهي قربانيون هر قيمت تي پنهنجي وطن ۽ ان جي سرحدن جي تحفظ جي پختي عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائين ٿيون

بقايا 31 روزاني عبرت

دراندازي واري ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي واقعي ۾ شهيد ٿيل نائب صوبيدار هدايت امان کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي گهرو وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب محسن نقوي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران وطن جي حفاظت دوران جان جو نذرانو پيش ڪندڙ نائب صوبيدار هدايت امان جي عظيم قرباني تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي سندس ڪٽنب سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز وقت سر اثرائتي ڪارروائي ڪندي 12 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ۽ سرحد پار کان ٿيندڙ دراندازي کي ناڪام بڻائي دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملايو هن وطن جي دفاع ۾ مصروف بهادر اهلڪارن کي سلام پيش ڪندي چيو ته قوم کي سيڪيورٽي فورسز جي صلاحيتن ۽ بي مثال جرئت تي فخر آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

۽ ٽيڪنو ڪريٽس متحد ٿي ڪري حڪمرانن کي خبردار ڪيون ٿا ته سنڌ اسان جو مادر وطن آهي جيڪا هزارين سالن جي تهذيب قابل فخر ماءُ آهي ان کي تقسيم ڪرڻ جو مطلب پاڪستان جي ختم ڪرڻ جي مترادف آهي قومي ڪانفرنس نه صرف سنڌ جي تقسيم جي خلاف آهي پر پاڪستان جي تهذيبي ۽ جاگرافي تحفظ لاءِ به ڪوشان آهي ڪانفرنس نون صوبن يا انتظامي يونٽن کي مڪمل طور رد ڪري ٿي ۽ مڪاني حڪومتن کي اختيار منتقل ڪيا وڃن پاڪستان ۾ جمهوري پارلياماني نظام برقرار رکندي چونڊ عمل ۾ هر قسم جي مداخلت ختم ڪري شفاف چونڊن ذريعي بااختيار پارليامينٽ قائم ڪئي وڃي. سنڌ هندستان کان آيل 16 لک انسانن کي پنهنجي ڌرتي تي پناهه ڏني برابري جا حق ڏنا پر ان جي بدلي ۾ لساني نفرتن جي بنياد تي سنڌ سان نامناسب رويو اختيار ڪيو ويو 1943 ع جي قرارداد تحت پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ سنڌ سان پهرين ڏينهن کان وٺي وفاق جون بي رحمائين ۽ سنڌ دشمن پاليسين جي ڪري بي شمار نقصان برداشت ڪرڻا پيا آهن

بقايا 33 روزاني عبرت

جو عزم ايس ٽي پي 29 نومبر تي ڪراچي مزار قائد تي لکين ماڻهن کي گڏ ڪري رد عمل ڏيڻ جو اعلان تفصيل موجب ايس ٽي پي پاران ڪالهه حيدرآباد جي مقامي هال ۾ قومي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن کي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي صدارتي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اسان جو مادر وطن آهي اسين لکين جي تعداد ۾ 29 نومبر تي ڪراچي راڄڌاني ۾ قائداعظم جي مزار تي گڏ ٿي سنڌ جي ورهاڱي خلاف قومي رد عمل ڏينداسين هن برصغير جي ورهاڱي ۽ ان کان اڳ ۽ پوءِ جي حالتن تي تفصيل سان ڳالهائيندي چيو ته ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌ ايندڙ ڌاري آبادڪاري کي عزت ۽ ڌرتيءَ تي رهڻ ڏنو ۽ موٽ ۾ سنڌ کي نفرت ملي هن چيو ته سنڌ ۾ لياقت علي خان نواب مظفر خان جهڙن ڪردارن نفرتن جو ٻج ڇٽيو ۽ الطاف حسين اسٽيبلشمينٽ جي حمايت ۽ مدد سان سنڌين کي ٽارگيٽ ڪيو هن چيو ته هڪ دفعو ٻيهر اسٽيبلشمينٽ پراڻن سنڌ دشمن ڪردارن ۾ ساهه وجهڻ جي ڪوشش ڪري سنڌ جي تقسيم واري پراڻي سازش کي نئين انداز ۾ ڌرتيءَ ڌڻين سامهون ڪري بيهاريو آهي پر کين عوام رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪراچي حيدرآباد، سکر جي اردو ڳالهائيندڙن به نون صوبن ۽ نفرتن جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي هن ايم ڪيو ايم جي وفاق ۾ شامل وزيرن جا ٽالا کلي چيو ته ويجهي ماضيءَ ۾ مصطفيٰ ڪمال پاڪستاني پاسپورٽ ڦاڙي انڊيا جي پاس پورٽ هجڻ جي ڳالهه ڪئي هئي هو ڪهڙي پاڻي مان ڌوئجي آيو آهي جو اسٽيبلشمينٽ وٽ جو هو پاڪ ٿي ويو؟ هن ڪراچي جي صنعتڪارن کي مخاطب ٿيندي چيو ته اوهان کي سنڌ جي ورهاڱي واري سازش کان پري رهڻ گهرجي هن چيو اهو تاريخ جو جبر آهي ته ماضي ۾ سنڌ جيسلمير راجستان تائين سنڌ هئي ۽ اڄ به بجيس مگريا مهر راهمان سمان سميجا واريون ذاتيون سنڌ جي هن ۽ سرحد جي هن پار موجود آهن جن چيو ته ورهاڱي وقت ان وقت جي سياسي قيادت کي سنڌ ڌرتيءَ جي سرحدن کي بچائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ها پر ان وقت سنڌ جا وڏيرا اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ غش هئا. هن چيو ته اسين سنڌ ڌرتي جي جاگرافيائي سرحدن جو تحفظ چاهيون ٿا ۽ ان لاءِ اسان انڊس سولائيزيشن جي جنگ پيا وڙهون هن چيو ته آمريڪا جي صدر ٽرمپ ايران جي سولائيزيشن کي ۽ محسن نقوي انڊس سولائيزيشن کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي محسن نقوي اسين 7 ڪروڙ سنڌي سنڌ وطن سان بيٺا آهيون ۽ پنهنجي مادر وطن جو تحفظ ڪنداسين هن وزيراعظم شهباز شريف کان سوال ڪيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙ اوهان جا وزير ناهن يا اوهان به ان سازش ۾ شامل آهيو جي آئين آهي ته اوهان کي به اقتدار ڇڏي ڏيڻ گهرجي. هن چيو اسان بشير ميمڻ ذريعي نواز شريف جو به موقف ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته اوهان سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي ڪنهن سان گڏ بيٺل آهيو عمران خان جيل ۾ آهي اسان کي ان جي پارٽي جي واضح موقف اچڻ جو انتظار آهي هن چيو ته سنڌ اسيمبلي سنڌ ۾ نون صوبن خلاف قرارداد پاس ڪرڻ جي اسين آجيان ڪيون ٿا. آصف زرداري جو صدر هئڻ ڪري موقف ناهي آيو باقي بلاول ڀٽو زرداري نون صوبن جي ڀلي طرح موقف ڏئي مخالفت ڪئي آهي اهو عمل مثبت آهي هن چيو ته سنڌ جي عوام سنڌ جي ورهاڱي خلاف موقف اچڻ کان پوءِ هاڻ محسن نقوي کي بنا دير وزارت ڇڏڻ گهرجي، هن چيو ته بدقسمتيءَ سان ملڪ جي اهم ادارن ۾ سنڌين کي نظرانداز ڪيو ويو آهي هاڻ اها روش ختم ٿيڻ گهرجي، هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف لکين ماڻهو ڪراچي ۾ گڏ ٿيندا هاڻ نثار کهڙو تي ڇڏيون ٿا ته اهو اسان کي لليون ٿو هٽائي جا يا سهيل آفريدي جيان جلسو ۽ احتجاج ڪرڻ ٿو ڏئي اسين سنڌ ۾ شامل ڌرتي کي پنهنجو سمجهندڙ قومي وحدتن سان گڏ ٿي اعلان ڪنداسين ته اسان سنڌ ۾ صوبا نه ٿا چاهيون ۽ سنڌ ورهائڻ نه ڏينداسين. پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو سنڌ جي ورهاڱي خلاف اليڪشن ۾ حصو نه وٺندڙ هڪ جماعت کي ڇڏي ڪري باقي ايس ٽي پي سميت سمورين پارلياماني جمهوري سياست ڪندڙ جماعتن سان گڏ اتحاد ۾ ويهڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته سنڌ هڪ هئي ۽ هميشه هڪ رهندي، پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي پيپلز پارٽي سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪندي آئيني حق استعمال ڪندي سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد پاس ڪرائي اسان سنڌ ورهائڻ وارن کي واڪو ڪري ڇڏيو اسيمبلي ۾ ٺهراءَ آڻڻ وقت ايم ڪيو ايم پاڪستان، پي ٽي آءِ سميت ٻين جماعتن جا ميمبر غائب ٿي ويا هئا. هن چيو ته هن ملڪ تي پي سي او ۽ مارشل لائن جي ناليءَ ۾ حملا ٿيا، سڄو جمهوري نظام درهم برهم ڪيو ويو ووٽ جو حق کسجڻ تي اسان کي جيل مليا ۽ ڪوڙا کاڌا، ايم آر ڊي تحريڪ جمهوريت حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون هن چيو ته چار وحدتون سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ پختونخواهه پاڪستان ۾ شامل ٿيون انهن کان سڃاڻپ کسڻ پاڪستان خلاف سازش آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌو درياهه تي ڪئنال اڏڻ ۽ ڪالاباغ ڊيم منصوبن کي به رد ڪرايو هن چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي سنڌ جي ورهاڱي خلاف قومي ڪانفرنس گهرائي سنڌ جي جاگرافي وحدت جي تحفظ لاءِ گڏجي جدوجهد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سٺي ڪوشش ڪئي آهي هن اعلان ڪندي چيو ته اوهان ڪراچي اچو اسان اوهان سان گڏ آهيون سنڌ جو عوام سنڌ جي ورهاڱي خلاف پنهنجو فيصلو ڏئي چڪو آهي باقي جيڪڏهن پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جون اسيمبليون صوبا ڏاهن ته اها انهن جي مرضي آهي هن چيو ته ملڪ ۾ جهڙو به آئين آهي اسان ان تي اعتماد ڪيون ٿا جيڪڏهن ملڪ ۾ آئين آهي ته سنڌ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ جو ورهاڱو نه ٿيندو هن چيو ته صدر آصف علي زرداري صدارتي اختيار پارليامينٽ کي ڏئي ان کي مضبوط ڪيو اين ايف سي ايوارڊ ۾ پ پ صوبن جو حصو وڌايو ۽ وفاق جو گهٽ ڪيو صوبن کي صوبائي خودمختياري ڏني اها 18 هين ترميم تي آهي جيڪا انهن کان هضم نٿي ٿئي هن چيو ته سنڌ وسيلن ۽ معدنيات سان مالامال آهي اسان سنڌ کي سنڀالي سگهون ٿا. هن چيو ته جيڪي چون ٿا ته نظام ڪمزور ٿي ويو آهي ته پوءِ اهي هٽي وڃن. اسان نظام کي سنڀالي ۽ هلائي سگهون ٿا. هن چيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي جو ٿورائتو آهيان جنهن هن قومي ڪانفرنس ۾ دعوت ڏئي گهرايو هي سنڌ بچائڻ جو سڏ آهي ۽ اسين سنڌ جي ورهاڱي خلاف اسيمبلي اندر ۽ اسيمبلي کان ٻاهر پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين هن چيو ته ڪجهه ڌرين کي اسان جي هن قومي ڪانفرنس ۾ اچڻ تي اعتراض هو ۽ انهن بائيڪاٽ جو اعلان به ڪيو اسان ته سنڌ جي هر مسئلي تي سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺا آهيون جڏهن ڪالاباغ ڊيم جو اعلان ٿيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو سنڌ جي قومپرست ڌرين سان گڏ سنڌ جي دنگ ڪمون شهيد تي ڌرڻو هنيو اسان اتي به پاڪستان جو جهنڊو کڻي صوبن جي وچ ۾ اتحاد جو پيغام ڏنو هو هن چيو ته ماضي ۾ سنڌ جي حد گجرات تائين هوندي هئي هاڻ سنڌ 29 ضلعن تي مشتمل آهي ۽ هو چون ٿا ته ان سنڌ کي به ورهايو اها ڳالهه نا ممڪن آهي اسان سنڌ جو ورهاڱو ٿيڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي جي مخالفت جي ڳالهه ڪئي آهي اسان ته سدائين ايوب خان جي آمريت کان وٺي ضياءُ ۽ پرويز مشرف جي ايمرجنسي تائين هر آمريت ۽ ايمرجنسي جي مخالفت ڪئي آهي. هن چيو اليڪشن ۾ حصو نه وٺندڙ هڪ جماعت کي ڇڏي اسين سنڌ جي هر جماعت سان گڏ ويهڻ لاءِ تيار آهيون جمعيت علماءِ اسلام ف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ کي ڪنهن جو پيءُ به تقسيم نٿو ڪري سگهي ڪروڙين سنڌين جي لاشن تان گذري پوءِ سنڌ ورهائي سگهن ٿا. جيستائين هڪ به سنڌي زنده آهي تيستائين ڪو به سنڌ جو ورهاڱو نه ڪري سگهندو هن چيو ته نون صوبن جي نالي ۾ سنڌ معدنيات، جزيرا وسيلا سمنڊ کسڻ جي سازش ٿي آهي هن چيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ جو ڪيس کڻي اسلام آباد هلي اسان ڀرپور ساٿ ڏينداسين هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لڳائڻ ڪانپوءِ سڀاڻي سنڌ ۾ به گورنر راڄ لڳي سگهي ٿو هن چيو ته جي يو آءِ سنڌ سان گڏ آهي ۽ گڏ ويهندي، ڪانفرنس ۾ جيڪا به ڳالهه ٿيندي اسان ان سان متفق هونداسين ۽ جدوجهد ۾ سنڌ ۾ سڏ ڏينداسين. بلوچستان نيشنل پارٽي (مينگل) جي اهم اڳواڻ سينيٽر ثناءُ الله بلوچ چيو ته اوهان اڄ پنهنجي سنڌ وطن سان محبت ڪندي سنڌ جي تقسيم خلاف گڏ بيٺا آهيو اسين اوهان سان گڏ آهيون. جيڪڏهن سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي هوشوءِ جيان بلوچ سنڌ جي ڌرتيءَ ڌڻين سان گڏ بيٺل هوندا هن چيو ته گڏيل جدوجهد جو نتيجو هو جو اسان ڪالاباغ، درياهه تي حملو ناڪام بڻايو هن چيو ته اسانکي سنڌ جو ڪيس آئيني، شعوري طور وڙهڻ گهرجي هن چيو سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙ ٻڌائين ته وزارتن ۽ اختيارن ۾ اوهان مظلوم قومن کي ڪيترو حصو ڏنو آهي. پاڪستان مسلم ليگ ن سنڌ جي صدر بشير ميمڻ چيو ته گدو کان ڪراچي تائين سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي ڪراچي صدين کان سنڌ جو حصو آهي هن چيو ته پاڪستان جون چار وحدتون آهن انهن کي ڪير به تقسيم نٿو ڪري سگهي هن چيو ته سنڌ ۾ بلدياتي نظام کي به مضبوط ڪرڻ گهرجي قومي ڪانفرنس جي فيصلن سان گڏ هونداسين اڳوڻي نائي ڪاٽي جي وفاقي وزير اسد عمر چيو ته مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون اهو هر سنڌي جو نعرو آهي نون صوبن يا انتظامي يونٽ رد ڪيون ٿا هن چيو ته وفاق صوبن کي حق ڏئي، سنڌ کي تقسيم جي ناليءَ ۾ ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي سازش آهي ڪي پي ڪي بلوچستان جون حالتون خراب آهن هن چيو ته صوبائي حقن لاءِ گڏيل رستو ڪڍڻ گهرجي اسان هر قدم تي گڏ هونداسين. اڳوڻي گورنر سنڌ عمران اسماعيل چيو ته سنڌ ۾ صوبا نه ڏاهيو پر بلدياتي نظام کي مضبوط ڪيو وڃي، جڏهن به سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ايندي ته اڳوڻي ايس ٽي پي ۽ پيپلز پارٽي سان گڏ هونداسين پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد پاس ڪري تمام وڏو ڪم ڪيو آهي اسان سنڌ جي تقسيم کي رد ڪيون ٿا. عوامي نيشنل پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري يونس بونيري چيو ته وحدتن کي پاڪستان ڪي ڏاهيو آهي پاڪستان وحدتن کي ناهي ڏاهيو ان تي اسان جو يقين ۽ ايمان آهي هن چيو ته سنڌ سنڌين جو آهي اسان هميشه سنڌ جي حقن جي ڳالهه رهنداسين اي اين پي سنڌ وحدت جي لاءِ هر قدم تي گڏ آهي ۽ رهندي، اسان نون صوبن جي سخت مخالفت ڪيون ٿا. پشتون خواهه ملي عوامي پارٽي سنڌ جي صدر سليم خان ترين چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي اڳ به مخالفت ڪئي هئي اڄ به مخالفت ڪيون ٿا. قومي وحدتن جون قومون پنهنجي وطن ۽ وسيلن جون مالڪ آهن پ پ سنڌ جي سڀ کان وڏي قومپرست پارٽي آهي جنهن سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد پاس ڪئي. قومي عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو چيو ته سنڌ ۾ نوان صوبا ڏاهڻ کي رد ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي وفد سان گڏ بيجنگ پهچي ويو چين ۾ پاڪستان جي سفير سيد علي اسد گيلاني ۽ سندس ٽيم سنڌ جي وڏي وزير جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو چين جي هوبئي صوبي هوبئي پهچڻ تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو صوبي جي پرڏيهي معاملن واري ڊائريڪٽر جنرل مسٽر چن هنهوس گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ڊائريڪٽر جنرل چيو ته اسان سنڌ جي وڏي وزير ۽ سندس ڪابينا جي ميمبرن کي صوبي هوبئي اچڻ تي ڀليڪار چئون ٿا سنڌ جي وڏي وزير جي وفد ۾ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، جام خان شورو سردار محمد بخش مهر سيد قاسم نويد ۽ پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف شامل آهن ملاقات دوران ٻنهي صوبن وچ ۾ واپار ثقافت، سياحت ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هو ٻطرفي سيڙپڪاريءَ جو هڪ جامع منصوبو کڻي آيو آهي جڏهن ته سڀاڻي کان صوبي جي اعليٰ عملدارن سان شروع ٿيندڙ اجلاسن ۾ مستقبل جي لائحه عمل جو تعين ڪيو ويندو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ٻئي صوبا سياحت جي واڌاري لاءِ گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿا. ان مقصد لاءِ سياحت کي هٿي ڏيڻ سان گڏ صوبي هوبئي کي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ سياحتي ماڳن جي ترقيءَ لاءِ سيڙپڪاريءَ جي دعوت پڻ ڏني ويندي مراد علي شاهه چيو ته سنڌ هڪ اهم صوبو آهي. ڪراچيءَ کان ڪشمور ۽ ٺٽي کان ٿرپارڪر تائين پکڙيل سنڌ جون ڍنڍون، جبلن جون چوٽيون، ريگستان، ڪيرٿر پارڪ ۽ شهرن جي تاريخي طرز تعمير اسان جي ثقافت جي عڪاسي ڪن ٿا ملاقات دوران مختلف شعبن ۾ صوبائي قيادت سان اجلاس منعقد ڪرڻ بابت معاملن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

بقايا 35 روزاني عبرت

موٽرسائيڪل تي سوار 2 نامعلوم نوجوان فوت ٿي ويا. فوتين جي لاشن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي فوتين جا لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

نڪتل سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جو پيادل لانگ مارچ ذبيح الله مسعوئي حسين بخش چانڊيو وجاهت هنگورجو ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ سجاول پهچي ويو جتي مامون لاڏو چوڪ تي مختلف سياسي، سماجي ۽ شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن توڙي شهرين پاران گلن جي ورکا ڪري مارچ جي شرڪت ڪندڙن جو شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ۾ گسٽا اڳواڻ غلام قادر باضي عبدالحڪيم ڪٽي جي يو آءِ اڳواڻ مولوي حماد الله ميمڻ ۽ مولوي شاهزيب ميمڻ شهري اتحاد جي اڳواڻن نثار ميمڻ ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ممتاز لغاري، پي ٽي آءِ اڳواڻ بار جي جنرل سيڪريٽري عمران شاهه رشيد آزاد سومرو شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن شهيد ڀٽو جي اڳواڻ شاهه مير پان سميت ٻين شرڪت ڪري لانگ مارچ جي حمايت جو اعلان ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ڪرپشن، سفارشي ڪلچر ۽ ميرٽ جي لتاڙ بابت شڪايتن سبب نوجوانن ۾ بيچيني پکڙيل آهي جڏهن ته اهڙيون شڪايتن جي ڪري ميرٽ تي ڀروسو ڪندڙ اميدوارن جي حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي هنن مطالبو ڪيو ته ميرٽ جي لتاڙ بابت مليل شڪايتن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري حقدار اميدوارن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي لانگ مارچ جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته هو 14 آڪٽوبر تي ڪراچي پهچي وڏي وزير هائوس آڏو پرامن احتجاج ڪندا جتي ميرٽ جي بحالي، شفاف ڀرتين ۽ نوجوانن جي حقن لاءِ آواز اٿاريو ويندو

Monday 12 October 2026
سومر 12 آڪٽوبر 2026ع
روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ: دهشتگرديءَ جو حل يا آئيني ۽ سياسي آزمائش؟
صفحو 4

عبرت نيوز ڊيسڪ
خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت ۽ گورنر راڄ پڄاڻان!
صفحو 4

مسلم ليگ (ن) کي ٽيندڙ سياسي نقصان
محمود شام
صفحو 4

اياز وگهيو
سن ۾ گرلز ڪاليج جو قيام: نياڻين لاءِ سنڌ حڪومت جو تحفو!
صفحو 4

ڏگهڙي ۾ تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس،اهم رياستي عهدن جي حلف ۾ ختم نبوت شامل ڪرڻ جو مطالبو

پاڪستان جي اهم رياستي ۽ حڪومتي عهدن جي حلف نامن ۾ عقيدي ختم نبوت جو حلف شامل ڪيو وڃي،مفتي منيب الرحمان

1974ع جي تحريڪ ۾ ربوه ريلوي اسٽيشن تي شاگردن سان پيش آيل واقعي ۽ مبينه تشدد ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ تحريڪ زور ورتو هو

رسول اڪرم صہ جي وصال ڪانپوءِ ختم نبوت جي انڪار خلاف خليفي اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه نمايان ڪردار ادا ڪيو

پاڻ سڳورن صہ کان اڳ انبياءِ ڪرام عليهم السلام مخصوص قومن ڏانهن موڪليا ويندا هئا،پاڻ سڳورن صہ جي رسالت سمورن انسانن ۽ جهانن لاءِ آهي

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ۾ تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس، مفتي منيب الرحمان جو خطاب، اهم رياستي عهدن جي حلف نامن ۾ ختم نبوت جو حلف شامل ڪرڻ جو مطالبو ڏگهڙي جي مک محمدي چوڪ تي مرڪزي ميلاد ڪميٽي ۽ سني ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي ڏگهڙي جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيل تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس کي مرڪزي رويت هلال ڪميٽي پاڪستان جي اڳوڻي چيئرمين حضرت علامه مفتي منيب الرحمان خطاب ڪندي مطالبو ڪيو ته پاڪستان جي اهم رياستي ۽ حڪومتي عهدن جي حلف نامن ۾ عقيدي ختم نبوت جو حلف شامل ڪيو وڃي، جيئن اهم ذميواريون سنڀاليندڙ سمورن عهديدارن جي حلف ۾ هن عقيدي جي اهميت واضح هجي مفتي منيب الرحمان پنهنجي خطاب ۾ 1974ع جي تحريڪ ختم نبوت جي پس منظر جو ذڪر ڪندي چيو ته ربوه ريلوي اسٽيشن تي شاگردن سان پيش آيل واقعي ۽ مبينا تشدد ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ تحريڪ زور ورتو هو چيو ته ان تاريخي مرحلي تي قائد اهل سنت علامه شاه احمد نوراني صديقي رحمة الله عليه قومي اسيمبلي ۾ قاديانيت بابت آئيني ترميم جي قرار داد پيش ڪئي، جڏهن ته 27 اسيمبلي ميمبرن ان جي حمايت ڪئي هن قرارداد پيش ڪندڙ ۽ ان جي حمايت ڪندڙ ميمبرن جي آئيني ۽ پارلياماني ڪردار ۾ فرق کي پڻ واضح ڪيو هن تاريخي پس منظر بيان ڪندي چيو ته رسول اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي وصال ڪانپوءِ ختم نبوت جي انڪار خلاف خليفي اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه نمايان ڪردار ادا ڪيو مفتي منيب الرحمان موجب، لڳ ڀڳ چوڏهن سئو سالن ڪانپوءِ پاڪستان جي قومي اسيمبلي ۾ عقيدي ختم نبوت جي تحفظ بابت آئيني قرارداد پيش ڪرڻ جو اعزاز پڻ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اولاد سان تعلق رکندڙ شخصيت علامه شاه احمد نوراني صديقي رحمة الله عليه کي حاصل ٿيو،مفتي منيب الرحمان حلف نامن بابت ڳالهائيندي چيو ته سنڌس ڄاڻ موجب پاڪستان جي صدر ۽ وزيراعظم جي حلف نامن ۾ عقيدي ختم نبوت جو حلف شامل آهي، جڏهن ته ٻين اهم سرڪاري ۽ رياستي عهدن جي حلف نامن ۾ پڻ ان کي شامل ڪرڻ جي ضرورت آهي هن مطالبو ڪيو ته سمورن اهم رياستي، حڪومتي ۽ انتظامي عهدن جي حلف نامن ۾ ختم نبوت بابت حلف شامل ڪيو وڃي هن حضور نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي رسالت جي عالمگير حيثيت بيان ڪندي چيو ته پاڻ سڳورن ﷺ کي سمورن جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ويو پاڻ سڳورن ﷺ کان اڳ انبياءِ ڪرام عليهم السلام مخصوص قومن ڏانهن موڪليا ويندا هئا، جڏهن ته پاڻ سڳورن ﷺ جي رسالت سمورن انسانن ۽ جهانن لاءِ آهي هن سيرت نبوي ﷺ جي حوالي سان مڪي مڪرمه ۾ هڪ ٻهراڙ پاران پاڻ سڳورن ﷺ کي سلام ڪرڻ جو واقعو بيان ڪندي چيو ته الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق سان جنهن کي چاهيو پنهنجي محبوب نبي ﷺ جي نبوت جي نشاني بڻايو ڪانفرنس مرڪزي ميلاد ڪميٽي ۽ سني ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي ڏگهڙي جي اهتمام هيٺ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عقيدي ختم نبوت جي اهميت، ان جي تاريخي پس منظر ۽ سماج ۾ ان بابت آگاهي جي موضوعن تي خطاب ڪيو ويو.تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس ۾ جماعت قادريه جيلانيه جا روحاني پيشواءِ جميعت مشائخ اهلسنت پاڪستان جي سرپرست اعلا حضرت قبلا سيد پير غلام رضواني شاهه علامه مولانا مفتي محمد ذيشان قادري آف حيدرآباد حضرت پير سيد شاهد حسين شاهه بخاري ۽ قاضي شاڪر علي قادري فريدي آف حيدرآباد ۽ سني تحريڪ پاڪستان جي علماء اڪرام پڻ شرڪت ڪئي

ڏگهڙي تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس ۾ مفتي منيب الرحمان خطاب ڪندي

ميونسپل ڪارپوريشن سکر جو سينيئر انسپيڪٽر جنيد شيخ رٽائرڊ ٿي ويو

سکر (بيورو رپورٽ)ميونسپل ڪارپوريشن سکر جي اينٽي انڪروچمينٽ برانچ جو سينيئر محنتي ۽ فرض شناس انسپيڪٽر جنيد علي شيخ ملازمت جو مدو مڪمل ٿيڻ بعد رٽائرڊ ٿي ويو سندس مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ اينٽي انڪروچمينٽ انچارج سهيل احمد ميمڻ انسپيڪٽر شاهد حسين ميونسپل ڪمشنر خالد حسين ايڪسئين نعمان ڪلهوڙو غلام محمد سولنگي عابد انصاري، اعجاز انڙ سميت ٻين آفيسرن ۽ عملي شرڪت ڪئي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو صدر وحدت سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ ميهڙ ۽ دادو پهتو،شاندار استقبال

صدر ۽ وزيراعظم پاران ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لڳائڻ جي مذمت ڪيون ٿا،زين شاهه

موجوده حڪمران جعلي اليڪشن جي ذريعي آيا آهن،جعلي اليڪشن ۾ 47 فارم جي ذريعي نتيجا وٺي حڪومت هلائن پيا

اڳ ۾ ئي ڪراچي کان وٺي لاهور تائين جعلي نظام آهي،غير جمهوري عمل ملڪ جي مجموعي نظام کي ڊاهي وجهندو

عمران خان،علي وزير،ماه رنگ سميت هزارين گرفتار ۽ ڪيسن ۾ گهربل سڄي ملڪ جي ماڻهن کي آزاد ڪيو وڃي

اسان جي وحدت خلاف سازش ڪئي وئي ته مزاحمت ڪنداسين وطن جي دفاع لاءِ هر جدوجهد ڪنداسين: صحافين سان ڳالهيون

دادو/ميهڙ(ن ع)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو صدر سيد زين شاهه جو قافلو وحدت سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ ميهڙ باءِ پاس پهتو جتي ايس يو پي ضلع دادو جي صدر سڪندر علي سوڍر حاجي خان مارفاڻي، اسحاق سوڍر عبدالمجيد سوڍر سميت سوين ڪارڪنن گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو بعد ۾ ڪيس ريلي جي صورت ۾ ايس يو پي آفيس ميهڙ آندو ويو ان موقعي تي پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي سيد زين شاهه چيو ته موجوده حڪمران جعلي اليڪشن جي ذريعي هلن پيا جعلي اليڪشن ۾ 47 فارم جي ذريعي نتيجا وٺي حڪومت هلائن پيا صدر ۽ وزيراعظم ڪي پي ڪي جي حڪومت ختم ڪري گورنر راڄ ڪيو جنهن جي مذمت ڪيون ٿا هن چيو ته اڳ ۾ ئي ڪراچي کان وٺي لاهور تائين جعلي نظام آهي غير جمهوري عمل ملڪ جي مجموعي نظام کي ڊاهي وجهندو عمران خان علي وزير ماه رنگ سميت هزارين گرفتار ۽ ڪيسن ۾ گهربل سڄي ملڪ جي ماڻهن کي آزاد ڪيو وڃي هن چيو ته هن وقت قومي وحدت کي ڊاهڻ جي جيڪا سازش ٿي آهي ان جا نالا ڪٿي کهڙا به هجن ان کي نوان صوبا چون انتظامي يونٽ چون يا بلديات ۾ ترميمن جي ڳالهه ڪري اهڙا علائقا جنهن تي صوبي جو اختيار ختم ٿئي ۽ مرڪز جو ڪنٽرول ٿئي اسين سڀني کي هڪ ئي شيءِ سمجهون ٿا ان جي مذمت ڪيون ٿا هن چيو ته 4 ضلعن واري وحدت سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ ٿينداهائي لاڙڪاڻي طرف وڃي رهيا آهيون اسان جي وحدت خلاف سازش ڪئي وئي ته مزاحمت ڪنداسين وطن جي دفاع لاءِ هر جدوجهد ڪنداسين هن چيو ته لاڙڪاڻي بعد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وينداسين سنڌ جي نوجوانن هاري آبادگارن کي سنڌ جي ماڻهن کي وطن جي وارثي لاءِ جدوجهد ڪرڻ کپي هن چيو ته وطن ورهائڻ جي سازش ۾ صدر زرداري، شهباز شريف، بلاول کان وٺي سڀ شامل آهن هن چيو ته هن ملڪ ۾ ملڪ جو آئين هلندو جي آئين نه هلندو ته پوءِ ملڪ به نه هلندو ان موقعي تي مرڪزي اڳواڻن دريا خان لغاري ڊاڪٽر برڪت جتوئي مظهر مغل حبيب حضوري نثار لاڪير مجيد سوڍر سميت ٻيا پڻ موجود هئا. ايس يو پي جي ڪراچي کان لاڙڪاڻي تائين نڪتل "وحدت سنڌ ريلي" جو دادو پهچڻ تي شاندار استقبال، گلن ۽ اجرڪن جي ورکا، سنڌ جي وسيلن ۽ پاڻيءَ جي مالڪيءَ جو نعرو ،سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) پاران سنڌ جي وحدت، پاڻي، قدرتي وسيلن ۽ قومي حقن جي حاصلات لاءِ ڪراچي کان لاڙڪاڻي تائين ڪڍيل "وحدت سنڌ ريلي" پارٽي سربراهه سيد زين شاهه جي اڳواڻيءَ ۾ دادو پهچي وئي، جتي ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ روشن علي برڙو، تعلقي صدر امتياز علي عمراڻي، ڪامريڊ نياز حسين پنهور، اشرف لغاري ۽ ٻين اڳواڻن ڪارڪنن توڙي ساجاهه وندن پاران ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن جو گلن ۽ اجرڪن سان شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي سنڌ جي وحدت جي حق ۾ ۽ سنڌ ورهائڻ جي سازش خلاف زوردار نعريبازي ڪئي وئي، جنهن سان شهر جو ماحول گونجي اٿيو.مالڪي پاڻيءَ جي حق ۽ سنڌ جي قومي حقن بابت عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ قرار ڏنو ويو

ميهڙ زين شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪيترن ئي مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون،پر افسوس اسان جي جائز مطالبن تي اجا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي:اميدوار

سنڌ ۾ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن آهن،جيڪو اهل اميدوارن سان واضح ناانصافي ۽ ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو

سنڌ حڪومت پ پ جي چونڊيل نمائندن جي ٻٽي معيار سبب اسان جي محنت ضايع ٿي رهي آهي،چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ انصاف ڪري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)تعليم کاتي سنڌ ۾ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي سکر آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ظهير عباس،فهد شيخ،عارف ڪليري،سعديه،ثمينه بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي جي 40پلس مارڪون کڻندڙ اميدوار گذريل ڪيترن ئي مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي جائز مطالبن تي اجا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي .هڪ پاسي اهي اميدوار آفر آرڊرن جي انتظار ۾ ويٺل آهن، جڏهن ته ٻئي پاسي سنڌ ۾ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن آهن جيڪو اهل اميدوارن سان واضح ناانصافي ۽ ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون ويون هيون ته پوءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هنن چيو ته اسان جي والدين ۽ وارثن اسان کي محنت مزدوري ڪري پڙهايو

سکر ۾ زال کي قتل ڪندڙ اشتهاري جوابدار ٽن سالن بعد گرفتار

تماچاڻي پوليس گهربل جوابدار رياض لاشاري کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار پنهنجي زال انيسه لاشاري کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيو هو

سکر (بيورو رپورٽ)سکر پوليس ڪارنهن جي الزام هيٺ پنهنجي زال کي قتل ڪندڙ ٽن سالن کان گهربل اشتهاري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي سکر پوليس جي ترجمان موجب، ايس ايس پي سکر احمد چوڌري PSP، QPMجي روپوش اشتهاري ۽ گهربل جوابدارن جي گرفتاريءَ بابت سخت هدايتن تي عمل ڪندي پوليس جون ڪارروايون جاري آهن گذريل ڏينهن ايس ڊي پي او سائيٽ ايريا عبدالقادر سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ ايس ايڇ او ٿاڻي تماچاڻي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪندي قتل ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار رياض حسين لاشاري کي گرفتار ڪري ورتو ياد رهي ته گرفتار جوابدار 20 اپريل 2023ع تي ٿاڻي تماچاڻي جي حد ۾ ڳوٺ لاشاري وٽ پنهنجي زال انيسه لاشاري کي ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ڪيو هو واقعي جو ڪيس ٿاڻي تماچاڻي تي ڪيس نمبر 27/2023، قلم 302 ۽ 311 تحت داخل ٿيل هو پوليس موجب گرفتار جوابدار خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

SIP AHMED ALI SHAR
سکر زال جي قتل ۾ ٽن سالن بعد گرفتار ڪيل جوابدار

ٺري ميرواهه ۾ پيپلزپارٽي جو ورڪرز ڪنوينشن، اڳواڻن، عهديدارن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ٺري ميرواهه(ن ع)ٺري ميرواهه ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو ورڪرز ڪنوينشن منعقد پ پ صدر آفتاب شاهه جيلاني سميت پارٽي اڳواڻن عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت، ٺري ميرواهه ۾ نجي شادي هال تي منعقد ڪيل پ پ ورڪرز ڪنوينشن کي پيپلزپارٽي تعلقي ٺري ميرواهه جي صدر سيد آفتاب شاهه جيلاني ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي جي منشور جمهوريت جي مضبوطي ۽ عوام جي خدمت ڪندس پارٽي ڪارڪن پيپلزپارٽي جو قيمتي اثاثو آهن جن جي محنت ۽ جدوجهد سان پارٽي عوام ۾ پنهنجو مقام برقرار رکيو آهي پيپلزپارٽي هميشه عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ پارٽي قيادت جي هدايتن موجب عوامي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ويندو اسان جو عوام سان رابطو مضبوط رکنداسين علائقي جي ماڻهن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون وينديون ان موقعي تي پ پ اڳواڻن سردار نظير احمد جاموٽ سردار ظهير حاجاڻو،ليڊيز ونگ جي ثمرين عباس دستي،ايڊوڪيٽ عبدالغفور جاتوئي،اي ڊي شر ايڊوڪيٽ، آفتاب ارباب پلهه عباس راڄپر مير حسن شر اطهر گلاب سهتو فيروز گل عرف وڪي سهتو ۽ ٻين شرڪت ڪئي پ پ ميرواهه جي صدر آفتاب شاهه جيلاني جو ٺري ميرواهه پهچڻ تي مختلف هنڌن تي شاندار استقبال ڪيو ويو

زندگيءَ جو مقصد انسانن جي ڏکن جي گهٽتائي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ آهي،نادر ابڙو

محبت، امن ۽ ڀائيچاري کي هٿي وٺرائڻ ئي حقيقي زندگيءَ جو اصل حسن آهي

مرحوم صحافي شڪيل احمد ڪهر سان وڏي عرصي تائين قريبي وارو رشتو رهيو

سيتارجا(ن ع)نامور اديب، ڪالم نويس ۽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ مير نادر علي ابڙو چيو آهي ته اصل زندگيءَ جو مقصد انسانيت سان محبت ڪرڻ ٻين جي ڏکن ۽ تڪليفن کي پنهنجو سمجهي انهن جي گهٽتائي لاءِ وس آهر ڪردار ادا ڪرڻ آهي هن چيو ته انسان جي عظمت عهدن، دولت يا شهرت ۾ نه پر سندس نيڪ عملن همدردي ۽ انسان دوستيءَ ۾ سمايل آهي ٻين جي ڏکن ۾ ساٿ ڏيڻ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ ۽ سماج ۾ محبت، امن ۽ ڀائيچاري کي هٿي وٺرائڻ ئي حقيقي زندگيءَ جو اصل حسن آهي ان موقعي تي مير نادر علي ابڙو وڌيڪ چيو ته سيتارجا مان ڪيس هر وقت محبت ۽ عزت ملي آهي ۽ اڄ وڏي عرصي کان پوءِ هتي اچي پراڻن دوستن سان ملي روح کي راحت ملي آهي هن چيو ته مرحوم صحافي شڪيل احمد ڪهر سان وڏي عرصي تائين قريبي وارو رشتو رهيو ۽ هو هڪ بهادر، صوفي مزاج، غريبن جو يار بهترين انسان ۽ صحافي هو ان موقعي تي سينئر صحافين زاهد گل سولنگي،حسين بخش ڪهر نثار احمد آرائين، فاروق علي مگسي،پرويز احمد سهتو سميت غلام عباس آرائين حافظ اعجاز احمد آرائين،راجا سهتو نصر علي ڪهر،محمد علي اخلاق احمد ڪهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيتارجا جي سينئر صحافي ۽ سماجي اڳواڻ مرحوم شڪيل احمد ڪهر کي ياد ڪندي سندس خدمتن جي مڃتا لاءِ ڪيس خراج پيش ڪيو ويو ۽ سندس مغفرت لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

سيتارجا مير نادر عيل ابڙو ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

دڙو جمعيت مشائخ اهلسنت پاڪستان جو سربراهه حافظ قرآن جي دستاربندي ۽ ٻارهين شريف جي جلسي کي خطاب ڪندي

دڙي ۾ جماعت قادري جيلاني طرفان دستاربندي ۽ ٻارهين شريف جو جلسو

سوين عقيدت مندن،مريدن جي شرڪت،لبيڪ يارسول صہ جون صدائون بلند

شريعت جي پابندي سان الله پاڪ جي خوشنودي حاصل ڪري سگهجي ٿي،غلام رضواني جيلاني

دڙو (ن ع)دڙي ۾ جماعت قادري جيلاني طرفان ڪلام پاڪ جو حفظ ڪندڙ حافظن جي مان ۾ دستاربندي ۽ ٻارهين شريف جي سلسلي ۾ عاليشان روحاني ۽ مذهبي جلسو ارباب شادي هال ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن کي جماعت قادري جيلاني جي روحاني پيشوا ۽ جمعيت مشائخ اهل سنت جماعت پاڪستان جي سربراهه پير سيد غلام رضواني شاهه جيلاني خطاب ڪيو جلسي ۾ جماعت اهلسنت جي مختلف عالمن حافظ قرآن ۽ جماعت قادري جيلاني جي مريدن عقيدت مندن ۽ پرياسي جي علائقن مان آيل سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي دستاربندي واري نشت ۾ پير سيد غلام حقاني شاهه جيلاني پير سيد عون شاهه جيلاني ۽ پير سيد ابان شاهه جيلاني پڻ شرڪت ڪئي،پروگرام جا انتظامي فرائض فقير محمد عثمان سومرو فقير حاجي محمد صالح ڪڇي ميمڻ فقير محمد علي ڪڇي ميمڻ ۽ فقير حنيف ڏٺور سرانجام ڏنا. جلسي کي خطاب ڪندي جماعت قادري جيلاني جي روحاني پيشوا پير سيد غلام رضواني شاهه جيلاني چيو ته الله پاڪ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ سان سچي محبت رکڻ ۽ شريعت جي پابندي ڪرڻ سان الله پاڪ جي خوشنودي حاصل ڪري سگهجي ٿي هن وڌيڪ چيو ته الله پاڪ جي ڪامل ولين نيڪ ٻانهن ۽ بزرگان دين جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته نيڪ ماڻهن جي صحبت انسان جي زندگيءَ تي مثبت اثر وجهي ٿي ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي جلسي دوران مذهبي ۽ روحاني تعليمات تي روشني وڌي وئي جڏهن ته شرڪت ڪندڙن وڏي عقيدت ۽ احترام سان پروگرام ۾ حصو ورتو

ڪليل ڪچهري ۾ اٿاريل عوامي مسئلن کي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي،اي ايس پي

پوليس عوام ۽ صحافين جي سهڪار سان مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون جاري آهن

امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ پوليس پاران قدم کنيا پيا وڃن،عبدالرب

ڏگهڙي(ن ع)منشيات،ٽريفڪ جي مسئلن ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ پوليس جاکوڙ ڪري رهي آهي،ڪليل ڪچهري ۾ اٿاريل عوامي مسئلن کي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي، پوليس عوام ۽ صحافين جي سهڪار سان مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون جاري آهن اي ايس پي ميرپورخاص عبدالرب چيو آهي ته ڏگهڙي ۾ گذريل ڏينهن منعقد ڪيل ڪليل ڪچهري دوران شهرين پاران منشيات ٻين ڏوهن ٽريفڪ جي مسئلن ۽ پوليس جي ڪارڪردگيءَ بابت اٿاريل سوالن ۽ شڪايتن کي سنجيدگيءَ سان ورتو پيو وڃي، جڏهن ته عوامي مسئلن جي حل ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ پوليس پاران قدم کنيا پيا وڃن،اهڙن خيالن جو اظهار هن ڏگهڙي پريس ڪلب (رجسٽرڊ) جي جنرل سيڪريٽري توفيق سردار راجپوت سان ٽيليفون تي ڳالهائيندي ڪيو اي ايس پي عبدالرب جو چوڻ هو ته سنڌس ڀرپور ڪوشش آهي ته منشيات جي روڪٿام شهر ۾ وڌندڙ ٽريفڪ جي مسئلن ننڍي عمر جي ٻارن پاران غير محتاط انداز ۾ گاڏيون هلائڻ موٽرسائيڪلن ۽ ٻين گاڏين ۾ اڳيان ۽ پويان ويهڻ نه هجڻ سميت شهرين جي تحفظ سان لاڳاپيل مسئلن تي ضابطو آڻڻ لاءِ پوليس جي ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر بڻائي وڃي،هن چيو ته منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ پوليس سان گڏ عوام ۽ صحافين جو سهڪار پڻ انتهائي اهم آهي گڏيل رابطن ۽ ڪوشش ذريعي سماجي برائين جي روڪٿام ۽ شهرين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻي سگهجن ٿا ڳالهه ٻولهه دوران ننڍي عمر جي ٻارن پاران گاڏيون هلائڻ تيز رفتاري ۽ گاڏين ۾ تيز روشني وارين سرچ لائيٽن جي استعمال سبب امڪاني حادثن واري معاملي ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪايو ويو ان موقعي تي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ، ٽريفڪ قانونن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۽ منشيات جهڙي سنگين سماجي مسئلي جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سکر ۾ مبينه پوليس زيادتين خلاف معصوم ٻارن سميت شهري جو احتجاج

جعفرآباد چوڪي جي انچارج ۽ ٻين اهلڪارن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پوليس اهلڪارن مونکي غيرقانوني طور حراست ۾ رکي تشدد جو نشانو بڻايو،بابر لکڻ

سکر (بيورو رپورٽ)سکر جي تماچاڻي واري علائقي جي رهواسي لکڻ برادري سان تعلق رکندڙ شهري بابر ولد ڪورو لکڻ پنهنجي معصوم ٻارن سميت آباد ٿاڻي جي جعفرآباد چوڪيءَ جي انچارج ۽ ٻين اهلڪارن جي مبينا زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو،ان موقعي تي بابر لکڻ الزام لڳايو ته پوليس اهلڪارن ڪيس غيرقانوني طور حراست ۾ رکيو،تشدد جو نشانو بڻايو،هاف فراءِ ۽ فل فراءِ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ آزاديءَ جي عيوض سنڌس وارثن کان مبينا طور15 هزار رپيا ورتا، جڏهن ته سنڌس رقم به اڃا تائين واپس نه ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙ شهري بابر لکڻ موجب، 7 آڪٽوبر 2026ع تي منجهند تقريبن 12 وڳي تائين هو ٻڪرين جي منديءَ مان هڪ ٻڪري ۽ ان جو ٻچو وڪرو ڪرڻ ڪانپوءِ گهر واپس وڃي رهيو هو ته جعفرآباد پوليس چوڪيءَ وٽ چيڪنگ جي بهاني ڪيس روڪيو ويو هن الزام لڳايو ته هيڊ ڪانسٽيبل فيض محمد جوڻيجو سنڌس تلاشي ورتي ۽ ٻڪري ۽ ان جي ٻچي جي وڪري مان حاصل ٿيل 75 هزار رپيا، هڪ موبائل فون ۽ سنڌس استعمال هيٺ سي ڊي 70 موٽرسائيڪل ماڊل 2013ع، لاڳاپيل ڪاغذن سميت پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا، جنهن بعد ڪيس پوليس چوڪيءَ ۾ بند ڪيو ويو متاثر شهري وڌيڪ الزام لڳايو ته حراست دوران مٿس تشدد ڪيو ويو ۽ هاف فراءِ ۽ فل فراءِ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون بعد ۾ پوليس اهلڪارن سنڌس وارثن کان 15 هزار رپيا وٺڻ ڪانپوءِ ڪيس آزاد ڪيو احتجاج ڪندڙ بابر لکڻ چيف جسٽس آف پاڪستان وڏي وزير سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر رينج ۽ ايس ايس پي سکر سميت ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي ۽ مبينا طور ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانون موجب سخت کاتي واري ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

سکر سکر واسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽيون حاجي مينهون خان رند نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڄاڻي تي پهتو

فائنل ۾ غلام حيدر رند اليون ٽارگيٽ حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي

طيب رند بهترين بيٽنگ جو مظاهرو ڪيو،ڪيس مين آف دي ميچ ڏنو ويو

مقصودو رند(ن ع)مقصودو رند ۾ علائقائي ڪرڪيٽ تنظيم جي چيئرمين حاجي راحب علي رند پاران جاري ٽيون حاجي مينهون خان رند نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڄاڻي تي پهتو ٽورنامينٽ جو فائنل ڳوٺ غلام حيدر رند اليون کٽي ورتو ٽورنامينٽ جو فائنل ڳوٺ ٻچل انڙ ۽ ڳوٺ غلام حيدر اليون وچ ۾ کيڏيو ويو پهريان بيٽنگ ڪندي ٻچل انڙ اليون جي ٽيم مقرره پنجن اوورن ۾ 88 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو جواب ۾ غلام حيدر رند اليون جي ٽيم ٽارگيٽ حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي غلام حيدر رند اليون طرفان طيب رند بهترين بيٽنگ جو مظاهرو ڪيو جنهن تي ڪيس مين آف دي ميچ ڏنو ويو ان موقعي تي آيل معزز مهمانن پ.پ اڳواڻ رئيس محمد ابراهيم رند، ايس.ايڇ.او مقصودو رند اشرف زرداري، اياز علي زرداري، علائقائي ڪرڪيٽ تنظيم جي چيئرمين حاجي راحب علي رند، قربان لاڪو گلاب آرائين، ڪائونسلر الطاف حسين رند، مولوي مداح حسين مخلصي، رئيس دلبر خان رند، رئيس انور [illegible] رند، زوار ناظم حسين رند، رئيس حسين بخش رند، رئيس مظهر علي رند، محمد ايوب رند،استاد عبدالقادر رند، استاد شوقين علي رند، ڊاڪٽر علي رضا رند، عبدالخالق رند ۽ ٻين فاتح ٽيم غلام حيدر رند اليون ۽ رنر اپ ٽيم ٻچل انڙ اليون کي ٽرافيون ۽ ڪيش انعام ڏنا جڏهن هزارين جي تعداد ۾ ڪرڪيٽ جي شوقينن فائنل ڏٺو ۽ رانديگرن کي خوب داد ڏنو

سکر ۾ ريٽيلرز ۽ پلمبرز کي انعامن سان نوازڻ جي تقريب

پي پي آر سي سي ۽ جي آءِ پائپ ڪمپني پاران تقريب منعقد ڪئي وئي

صارفين کي معياري مصنوعات فراهم ڪرڻ ڪمپنيءَ جي پهرين ترجيح آهي،مقرر

سکر (بيورو رپورٽ)سکر ۾ اسٽيلڪس پائپ اينڊ فٽنگ پي پي آر سي سي ۽ جي آءِ پائپ ڪمپنيءَ پاران ريٽيلرز ۽ پلمبرز کي انعامن سان نوازڻ جي تقريب مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ ٽائون مڪي شاهه جي چيئرمين حاجي محمد دين صبغت الله شيخ، مجيب اخوند، شهباز ملڪ، ممتاز لکي، محمد فرحان محمد ذيشان محمد راحيل سميت ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جو اهتمام ديار الميزان ٽريڊرز لياقت چوڪ جي عبدالغفار ميمڻ جي خاص سهڪار سان ڪيو ويو. ان موقعي تي ڪراچيءَ مان آيل مهمانن محمد شڪيل ڪليم هاشمي ۽ سنڌس ساٿين کي سنڌ جي ثقافت جي علامت روايتي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته صارفين کي معياري مصنوعات فراهم ڪرڻ ڪمپنيءَ جي پهرين ترجيح آهي جڏهن ته ڊيلرز ريٽيلرز ۽ پلمبرز جي اعتماد ۽ سهولت جو خيال رکڻ پڻ سندن ذميواري آهي. تقريب جو مقصد ڪاروباري پائيدارن سان لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ڪمپنيءَ تي سندن اعتماد وڌائڻ آهي. هنن چيو ته اهڙين تقريبن جو سلسلو مستقبل ۾ به جاري رکيو ويندو. تقريب دوران شرڪت ڪندڙن ۾ موٽرسائيڪل، ايل سي ڊي، موبائل فون، ڊنر سيٽ سميت مختلف قيمتي انعام ورهايا ويا. تقريب جي پڄاڻيءَ تي مهمانن جي مان ۾ آجياڻو پڻ ڏنو ويو

وفاقي وزارت پاران حسن قرأت مقابلي ۾ سنڌ مان پهرين نمبر تي آيل شاگردياڻي ۽ شاگرد نظرانداز،احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي ديني مدرسي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين وفاقي وزارت پاران 41هين حسن قرأت جي مقابلي ۾ سنڌ مان پهرين نمبر تي آيل شاگردياڻي ۽ شاگرد کي نظرانداز ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون محمد شاڪر رضا، حافظ محمد زبير شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته اوقاف کاتي سنڌ پاران 23سيپٽمبر2026تي ڪرايل حسن قرأت جي مقابلي ۾ حيدرآباد مان حافظا صوبيا نور پوري سنڌ مان پهرين نمبر تي آئي جڏهن ته حافظ عبدالله نمايا پوزيشن حاصل ڪئي آهي هنن چيو ته وفاقي مذهبي مامرن واري وزارت 14آڪٽوبر تي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ حسن قرأت جي مقابلي مان سنڌ جي صوبيا نور ۽ حافظ عبدالله جو نالو ڪڍي ناانصافي ڪئي آهي هنن چيو ته اوقاف کاتي سنڌ پاران قرأت مقابلي ۾ نمايا پوزيشن حاصل ڪندڙ حافظا صوبيا نور ۽ حافظ عبدالله جا نالا خارج ڪيا ويا آهن هنن صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ وزير اعظم پاڪستان شهباز شريف کي اپيل ڪئي ته سنڌ مان حسن قرأت جي مقابلي ۾ نمايا پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرد ۽ شاگردياڻي کي ملڪي سطح جي مقابلي مان خارج ڪرڻ جو جلد نوٽيس وٺي نالا شامل ڪيا وڃن

سنڌ يونيورسٽي ۾ 10 هزار کان وڌيڪ اميدوارن پري انٽري ٽيسٽ ڏني،والدين طرفان بهترين انتظامن جي واکاڻ

سنڌ يونيورسٽي ۽ ان جي مختلف ڪئمپسز ۾ ٻئي مرحلي ۾ ٽوٽل 10807 اميدوارن ٽيسٽ ۾ حصو ورتو جن ۾ 7562 ميل ۽ 3245 فيميل اميدوار شامل هئا

سنڌ يونيورسٽي مڪمل ميرٽ تي داخلائون ڏئي ٿي،سمورو سسٽم ڪمپيوٽرائيزڊ آهي،اميدوار مطمئن ٿي ميرٽ لسٽن جو انتظار ڪن: ڊاڪٽر فتح محمد مري

اميدوار ڪوڙي آسري تي نه لڳن،يونيورسٽي ۾ داخلا ڏيارڻ ڪنهن جي به وس ۾ ناهي،جيڪڏهن ڪير اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته اهو سئو سيڪڙو ڪوڙ ڳالهائي ٿو

PRE-ENTRY TEST 2027
PRESS BRIEFING
University of Sindh, Jamshoro
جامشورو سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ ٻئي مرحلي جي انٽري ٽيسٽ ۾ آيل اميدوار ٽيسٽ ڏيندي، ٻئي طرف وي سي ۽ ٻيا بريفنگ ڏئي رهيا آهن

جامشورو(پ ر)علم ۽ شعور جي مرڪز سنڌ يونيورسٽي جامشوري ۽ سنڌس 4 ڪئمپسز ٺٽو ڪئمپس، لاڙ ڪئمپس بدين، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪئمپس دادو ۽ سيد الهندو شاهه ڪئمپس نوشهرو فيروز ۾ نئين تعليمي سال 2027ع تحت بيچلر ڊگري پروگرامز ۾ داخلا لاءِ پري انٽري ٽيسٽ جو ٻيو مرحلو ڪاميابي سان مڪمل ٿي ويو ٻئي مرحلي ۾ ٽوٽل 10807 ميل ۽ فيميل اميدوارن ٽيسٽ ڏني مين ڪئمپس جامشوري سميت سمورن ڪئمپسز ۾ سيڪيورٽي جي سخت انتظامن سان گڏ اميدوارن ۽ ساڻن گڏ آيل والدين جي سهولت ۽ رهنمائي جا سمورا بندوبست ڪيا ويا هئا سمورن ڪئمپسز ۾ هڪ ئي وقت ٽيسٽ صبح جو 10:00 وڳي شروع ٿي ۽ 90 منٽ جاري رهي 11:30 تي مڪمل ٿي انٽري ٽيسٽ جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف آرٽس اينڊ ڊزائين ۾ پريس بريفنگ جو انتظام ڪيو ويو هو جتي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) ميڊيا کي انٽري ٽيسٽ بابت تفصيل ٻڌايا ۽ ڳالهه ٻولهه ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وائيس چانسلر چيو ته سنڌ يونيورسٽي وٽ پنهنجو ٽيسٽنگ سينٽر آهي جنهن ذريعي هر سال ٻن مرحلن ۾ هزارين اميدوارن کان ٽيسٽ وٺي، ساڳئي ڏينهن تي نتيجا پڌرا ڪيا وڃن ٿا هي ٽيسٽنگ سينٽر معيار، شفافيت توڙي مڪمل رازداري جي حوالي سان هڪ مثال آهي جنهن طرفان هن وقت تائين ورتل ٽيسٽن دوران ڪڏهن به پيپر ليڪ نه ٿيو آهي وائيس چانسلر چيو ته سنڌ يونيورسٽي مڪمل ميرٽ تي داخلائون ڏئي ٿي، جنهن ۾ سفارش يا ناانصافي جي ڪا به گنجائش ناهي هن ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن ۽ سندن والدين کي صلاح ڏني ته اهي مطمئن ٿي ميرٽ لسٽن جو انتظار ڪن ۽ داخلا جي حوالي سان ڪنهن به غلط افواهه تي ڌيان نه ڏين ۽ ڪنهن جي به ڪوڙي آسري تي نه لڳن. يونيورسٽي ۾ داخلا ڏيارڻ ڪنهن جي به وس ۾ ناهي،جيڪڏهن ڪير اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته اهو سئو سيڪڙو ڪوڙ ڳالهائي ٿو هن چيو ته داخلا وارو سمورو سسٽم ڪمپيوٽرائيزڊ آهي جنهن جي جيڪا به ميرٽ بيهندي سسٽم پاڻمرادو ان مطابق ميرٽ لسٽ تيار ڪندو ان لاءِ ڪنهن کي به چوڻ يا پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي وائيس چانسلر انٽري ٽيسٽ جي ٻئي مرحلي جا تفصيل ٻڌائيندي چيو ته ٻئي مرحلي ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ ان جي مختلف ڪئمپسز ۾ ٽوٽل 10807 ميل ۽ فيميل اميدوار حصو وٺي رهيا آهن جن ۾ 7562 ميل ۽ 3245 فيميل اميدوار شامل آهن انهن ۾ مين ڪئمپس جامشوري ۾ ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن جو ٽوٽل تعداد 9773 آهي، باقي اميدوار ڪئمپسز ۾ ٽيسٽ ڏئي رهيا آهن وائيس چانسلر چيو ته ٻنهي ٽيسٽن ۾ شامل اميدوارن سميت بي ايس ٽئين سال ۽ ماسٽرس پروگرامن ۾ داخلا لاءِ اپلاءِ ڪندڙ ميل ۽ فيميل اميدوارن جو ٽوٽل تعداد 22580 آهي . هن چيو ته 22580 اميدوارن طرفان داخلا لاءِ ٽيسٽ واري عمل ۾ شامل ٿيڻ سنڌ يونيورسٽي تي اعتماد جو ثبوت آهي وائيس چانسلر پريس بريفنگ ۾ شريڪ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي سمورن صحافين جي شرڪت جي مهرباني مڃي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته اهي يونيورسٽي جو پازيٽو اميج وڌائڻ ۾ هميشه جيان پنهنجو سهڪار جاري رکندا. ان موقعي تي وائيس چانسلر صحافين جي مختلف سوالن جا جواب پڻ ڏنا. پريس بريفنگ جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جو رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ، ڊائريڪٽر ايڊميشنز ڊاڪٽر اياز ڪيريو، پري انٽري ٽيسٽ ڪو آرڊينيشن ڪميٽي جي ڪنوينر پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه بيگم ملاح، فيڪلٽي آف فارميسي جو ڊين پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي گهوٽو، بوائز هاسٽلز جو پرووسٽ ڊاڪٽر پنهل خان لاشاري، انسٽيٽيوٽ آف آرٽس اينڊ ڊزائين جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سعيد احمد منگي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. پريس بريفنگ بعد وائيس چانسلر مختلف فيڪلٽيز جي ڊينز سان گڏ گرلز ۽ بوائز جي ڌار ڌار قائم ڪيل مختلف بلاڪس جو دورو ڪيو ۽ هلندڙ ٽيسٽ عمل جو جائزو ورتو ۽ ٽيسٽ جي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. انٽري ٽيسٽ جي ٻئي مرحلي ۾ بدين حيدرآباد، جامشوري، ميرپورخاص، سجاول، ٽنڊوالهيار، ٽنڊو محمد خان، ٿرپارڪر، ٺٽي ۽ عمرڪوٽ ضلعن جي اميدوارن ٽيسٽ ڏني. انٽري ٽيسٽ جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽ شعبي طرفان حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ جامشوري سميت ويجهن علائقن مان اميدوارن کي ٽرانسپورٽ جي سهولت فراهم ڪئي ويئي هئي. انٽري ٽيسٽ دوران چوڪرن ۽ چوڪرين جي داخل ٿيڻ جا ڌار ڌار رستا مقرر ڪيا ويا هئا، جتي 200 کان وڌيڪ والنٽيئرز جي ٽيم اميدوارن جي رهنمائي لاءِ موجود هئي ان موقعي تي يونيورسٽي جي مني هاسپيٽل طرفان ڊاڪٽر اربيلا آغا جي نگرانيءَ ۾ مختلف جاين تي طبي ڪئمپون قائم ڪيون ويون هيون

اڳرا ۽ منورآباد ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ملڪيتن تي قبضن جو عمل تيزي سان وڌڻ لڳو

عوامي لنگهن،ادارتي جاين ۽ علمي درسگاهن جي پلاٽن تي بلدياتي نظام جي مدد سان ناجائز قبضا ڪيا ۽ ڪرايا پيا وڃن

عوام جي ووٽن سان چونڊجي آيل نمائندن،ميمبرن ضلعي ڪائونسل جي نمائندن ۽ ان سسٽم جو ڪاروهنوار هلائيندڙ ڪرتا ڌرتا جا مالڪ بڻيل

اڳرا هائير سيڪنڊري اسڪول جي پلاٽ تي چوني سان مارڪ ڪري دڪانن جي اڏاوت لاءِ نقشو ڏاهيو ويو، پوليس مزدورن کي تڙي ٻاهر ڪڍيو

بلدياتي سسٽم حدون پار ڪري ڇڏيون آهن،مستقبل جي معمارن جي روشن مستقبل سان هٿ چراند ڪئي پئي وڃي:شهري

راضيديرو(ن ع)تعلقي گمبٽ جي ٻن مڪاني ادارن جي بنيادي ۽ عوامي اصلاحي خدمت تحت جوڙيل نظام ۾ ٽائون ڪاميٽي اڳرا ۽ يونين ڪائونسل منورآباد ۾ اينڊڙ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ملڪيتن تي غير قانوني قبضن جو عمل تيزي سان وڌي رهيو آهي جتي عوامي لنگهن،ادارتي جاين ۽ علمي درسگاهن جي پلاٽن تي بلدياتي نظام جي مدد سان ناجائز قبضا ڪيا ۽ ڪرايا پيا وڃن هيٺين سطح تي عوام جي ووٽن سان چونڊجي آيل نمائندن ميمبرن ضلعي ڪائونسل جي نمائندن ۽ ان سسٽم جو ڪاروهنوار هلائيندڙ ڪرتا ڌرتا جا مالڪ بڻيل جن جي مدد ۽ آشيرواد سان قبضن جو سلسلو روان دوان آهي چونڊيل نمائندن جي هٿ ڌرمي ۽ لاقانونيت جو مثال ته گورنمينٽ اڳرا هائير سيڪنڊري اسڪول جي اڳوڻي انتظاميه تعليم کاتي سان گڏ سياسي پوترن جي ملي ڀڳت سبب ۽ سهڪار سان پلان جوڙڻ ۽ اداري جي ملڪيت سان ٺڳي ڪري اسڪول جي گرائونڊ مان روڊ سائيڊ ڏکڻ طرف پلاٽ ڇڏرايو ويو جيڪو سالن کان اجو پيل هيو تنهن پلاٽ تي ڇنڇر جي ڏينهن اسڪول کي موڪل جو فائدو وٺندي موڪل واري ڏينهن صبح سوير نامعلوم قبضا خورن جي طرفان ڇڏيل مزدورن مبينه قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سموري پلاٽ تي چوني سان مارڪ ڪري دڪانن جي اڏاوت لاءِ نقشو ڏاهيو ويو جڏهن پرياسي جي علم دوست سجاڻ ذرين سميت ادبي حلقن جي دوستن سياسي سماجي حلقن استادن نوجوانن پڪن پوڙهن شاگردن ڪاروباري ذرين جيڪي علم جي اهميت جي ڄاڻ رکندڙ شعورونڊن شهرين ڳوڻائن اهڙو عمل ڏٺو ته اُنهن اهڙي عمل جي ننڌا ڪرڻ سان گڏ واريلا ڪئي ان دوران اسڪول جي موجوده انتظاميه هيڊ ماسٽر کي اطلاع ڏياريو جنهن اسڪول جي پٽيوالي شفقت شاهه کي پابند ڪيو ويو جنهن بروقت سرزمين تي اڳرا پوليس ساڻ ڪري قبضي واري هنڌ پهتو ان دوران اڳرا پوليس ڪم ڪندڙ مزدورن کي تڙي ٻاهر ڪڍيو هوڏانهن علائقي واسين سوشل ميڊيا تي قبضا خورن جي اهڙي عمل کي به واڪو ڪيو،واضع رهي ته ضلعي ڪائونسل جي طرفان ڪو ليٽر به جاري ٿيو آهي جنهن اسڪول جي گرائونڊ مان زبردستي ڇڏيل پلاٽ کي زرعي زمين ڄاڻائي وڪرو ڪيو آهي جيڪو سراسر غلط ٿيو آهي اهڙي عمل ۾ اسڪول جي اڳوڻي انتظاميه جو مبينه ملوث هجڻ جا چوبول پڻ هلي رهيا آهن ته اسڪول جي گرائونڊ جو پلاٽ اڄو ڪيو ويو هيو چوديواريءَ ڪيڻ بهاني ان چال ۾ سياسي پوترن ضلعي تعليم کاتي تعلقه تعليم کاتي سان گڏ اسڪول جي انتظاميه طرفان ته اڳتي هلي اتي کي دڪان يا کي ٻيون بلڊنگون تيار ڪري ذاتي فائدن جي ڪٽب آڻي سگهجن جيڪا هڪ سياسي چال سان گڏ شاگردن جي مستقبل تي وار ڪجي ۽ شاگردن جي جاءِ ملڪيت ۽اسڪول جي پراپرٽيءَ تي آساني سان قبضو ڪري وٺجي ان عمل کي ڪافي سال ٿي چڪا هئا پر عوامي ردعمل جي ڪري اهڙو منصوبو ناڪام ٿيندو پئي آيو پر هاڻوڪي بلدياتي سسٽم حدون پار ڪري ڇڏيون جو مستقبل جي معمارن جي روشن مستقبل سان هٿ چراند ڪئي پئي وڃي ياد رهي ته اڳرا ۽ ان جي آس پاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن شهرن ۾ سرڪاري ملڪيتن تي قبضا ٿيندا پيا وڃن جن ۾ وڏي پئماني تي سياسي انتظامي . وڏيرڪي روش ڪامورا شاهيءَ سميت حڪومتي مشينرين هٿي وٺرائي آهي قبضن ڪرائڻ ۾ قبضا خورن سان ملي ڀڳت ڪري جيڪا سراسري طور تي ناانصافي ۽ عوام دشمن پاليسيءَ جو چٽي ثبوت طور ثابتي آهي جيڪا تمام سهڻي انتظامي،ادارتي نااهليءَ جو هڪ بدنما داغدار باب لکيو ويندو ان عمل کي روڪڻ لاءِ ڪمشنر سکر ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ميرس،اسسٽنٽ ڪمشنر گمبٽ ۽ پي ايس 30 جو موجوده چونڊيل ايم پي اي آسفنديار ڪرل سرڪاريءَ عوامي ملڪيتن تي قبضن ٿيڻ کان اُنهن جڳهن کي بچائي ۽ انهن هنڌن تي اصلاحي طور ادارا ۽ اُنهن ادارن ۾ عوامي ڀلائي وارا ڪم متعارف ڪرايا وڃن

راضيديرو اڳرا ۽ منورآباد ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ملڪيتن تي قبضن دوران ماپ ڪئي پئي وڃي

ماتلي ۾ مڙس کي پهرين زال پاران گهر ۾ مبينه قيد ڪرڻ خلاف ٻي زال جو احتجاج

ماتلي (ن ع)ماتلي شهر جي ظهير ڪالوني واسڻ خيري ڪوسو مڙس کي پهرين زال پاران مبينه طور تي گهر ۾ قيد ڪرڻ ۽ مڙس جي پهرين زال ۽ سندن اولاد پاران وحشاڻي تشدد ڪرڻ خلاف دانهيندي پريس ڪلب پهچي وئي صحافين آڏو دانهيندي خيري ڪوسو جو چوڻ آهي ته مڙس جي وفات کان پوءِ هن تلهار واسي حسين چانڊيو سان نڪاح ڪيو آهي هن چيو ته مڙس حسين چانڊيو کي سندس پهرين زال گهر اندر بند ڪري رکيو آهي ۽ ڪيس مڙس سان ملڻ نه ٿو ڏنو وڃي جنهن ڪري هو گهرن ۾ ڪم ڪار ڪري پيٽ پاليندي آهي هن چيو ته هو اڄ جڏهن مڙس سان ملڻ لاءِ تلهار شهر ويئي ته سندس مڙس جي پهرين زالن ۽ سندن پٽن ۽ ڌيئرن مٿس حملو ڪري وحشاڻي تشدد جو نشانو بڻايو آهي هن جو چوڻ ته هو ته هو جڏهن تلهار ٿاڻي تي ويئي ته ٿاڻي تي موجود هڪ پوليس اهلڪار الٽو ڪيس ڏوهاري ڄاڻائيندي مٿس ڪيس داخل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني جنهن ڪري هو پريس ڪلب پهتي آهي هن خدشو ڏيکاريو آهي ته سندس مڙس کي ماريو ويندو خيري ڪوسو گهر ڪئي ته مڙس حسين کي سندس حوالي ڪري مٿس تشدد ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري سندس تحفظ ڏنو وڃي

ماتلي مڙس کي پهرين زال پاران گهر ۾ مبينه قيد ڪرڻ خلاف ٻي زال احتجاج ڪندي

ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي غلام مصطفيٰ شاهه شاهه علي گدارو جي وفات تي عذرخواهي ڪئي

سڪرنڊ (س ع)قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه علائقي جي معزز شخصيت شاهه علي گدارو جي وفات تي سندس ڳوٺ تڏي تي وڃي مرحوم جي پوٽيٽن دعوت گداري علي جان گداري عطا محمد گدارو ۽ اشرف گدارو سان عذرخواهي ڪئي ان موقعي تي ايم اين اي سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڳالهائيندي چيو ته پنهنجن جا وڇوڙا جيءَ جهوري ڇڏيندا آهن خاص ڪري ماءُ ۽ پيءُ جي جدائي انسان کي هيڻو ڪري ڇڏيندي آهي دعا آهي ته الله سائين مرحوم شاهه علي گدارو کي جنت ۾ جايون عطا فرمائي هوڏانهن مختلف شخصيتن پڻ مرحوم جي تڏي تي پهچي فاتحه خواني ڪئي جن ۾ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو محمد سالم زرداري، حاجي الهه بخش لاکو قاضي جاويد سنائي علي حيدر شاهه مير محمد سيال عذير اختر شاهه مير جلباڻي سميت ڪئي شخصيتون شامل هيون ان موقعي تي علي جان گدارو ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون

سڪرنڊ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي غلام مصطفيٰ شاهه شاهه علي گدارو جي وفات تي عذرخواهي ڪندي

پرائمري اسڪول مگيو پنهور ۾ استاد غيرحاضر،تعليم متاثر ٿيڻ لڳي

استادن جي غيرحاضري سبب 150شاگردن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي،رهواسي

فرض شناس استاد مقرر ڪري شاگردن کي تعليم جي زيور نوازيو وڃي

ٽالٽو بولا خان(ن ع)تعلقي ٽالٽو بولا خان جي يونين ڪائونسل ٽالٽو عارب خان جي ڳوٺ مگيو پنهور ۾ سرڪاري پرائمري اسڪول مگيو پنهور ۾ استادن جي مسلسل غيرحاضري سبب 150 کان وڌيڪ اسڪولي شاگردن جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي ڳوٺاڻن اسڪول جي بدترين صورتحال بابت تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي ڳوٺاڻن پاران جاري ڪيل شڪايت موجب، اسڪول تي مقرر استاد مبينا طور سالن کان جڏهن ته ماسترياڻي ڪيترن ئي مهينن کان اسڪول ۾ حاضر نه ٿي رهي آهي جنهن سبب اسڪول روزانو بند رهڻ لڳو ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسڪول جي بند رهڻ سبب اسان جي علائقي جا 150 کان وڌيڪ ٻار تعليم جي بنيادي سهولت کان محروم ٿي رهيا آهن جنهن سان سندن مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي اسڪول جي موجوده صورتحال بابت واڳاڻن ضلعي ايجوڪيشن آفيسر پرائمري جامشورو ۽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ٽالٽو بولا خان کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي وڃي، غيرحاضر استادن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ايماندار فرض شناس استاد مقرر ڪري اسڪول ۾ تدريسي عمل بحال ڪري شاگردن کي تعليم جي زيور نوازيو وڃي

ٽالٽوبولاخان پرائمري اسڪول مگيو پنهور ۾ استاد غيرحاضر هجڻ سبب بند پيل نظر اچي رهيو آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 12 آڪٽوبر 2026ع

خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ: دهشتگرديءَ جو حل يا آئيني ۽ سياسي آزمائش؟

خيبر پختونخوا ۾ امن امان جي خراب صورتحال ۽ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن کي بنياد بڻائي وفاقي حڪومت طرفان صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ ۽ گورنر راڄ قائم ڪرڻ وارو قدم ملڪ جي سياسي ۽ آئيني صورتحال ۾ هڪ اهم موڙ آهي. وفاقي ڪابينا جي منظوريءَ کان پوءِ صدر آصف علي زرداريءَ طرفان سمريءَ تي صحيحون ڪرڻ سان اهو فيصلو عمل ۾ اچي ويو آهي. حڪومت جو موقف آهي ته صوبي ۾ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن، سرڪاري تنصيبات تي حملن ۽ امن امان جي خراب صورتحال سبب غيرمعمولي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو هو. ٻئي پاسي، اهڙي فيصلي جا آئيني، سياسي ۽ انتظامي اثر به آهن، جن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. اها حقيقت آهي ته خيبر پختونخوا ڪيترن ئي سالن کان دهشتگرديءَ جي سنگين مسئلي کي منهن ڏئي رهيو آهي صوبي جا مختلف علائقا، خاص طور تي افغانستان سان لڳندڙ سرحدي پٽي، امن امان جي حوالي سان حساس رهيا آهن. دهشتگرد حملن ۾ عام شهرين، پوليس اهلڪارن، سيڪيورٽي ادارن ۽ سرڪاري عملي جون جانيون ضايع ٿينديون رهيون آهن اهڙي صورتحال ۾ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت وفاقي توڙي صوبائي حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي. جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ دهشتگرديءَ سبب عام زندگي متاثر ٿئي ٿي ته ان جو حل ڳولڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي تنهن هوندي به اهو ڏسڻ ضروري آهي ته گورنر راڄ جهڙو غيرمعمولي قدم واقعي امن قائم ڪرڻ ۾ ڪيترو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. وفاقي حڪومت جي اعلان موجب صوبائي حڪومت دهشتگرديءَ کي روڪڻ ۽ امن امان جي بحاليءَ لاءِ گهربل قدم کڻڻ ۾ ناڪام رهي آهي. ان بنياد تي وفاقي ڪابينا صدر کي آئيني اختيار استعمال ڪرڻ جي صلاح ڏني. صدارتي اعلان ۾ چيو ويو آهي ته گورنر وفاقي حڪومت جي هدايتن تحت صوبائي حڪومت جا سمورا يا ڪي مخصوص انتظامي معاملا سنڀالي سگهندو، جڏهن ته وڏي وزير، صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي پنهنجا عهدا ڇڏڻا پوندا.

ڪنهن به چونڊيل حڪومت بابت اهڙو فيصلو ڪندي رڳو الزام يا سياسي اختلاف ڪافي ناهن هوندا. ان لاءِ ضروري آهي ته صوبي جي خراب صورتحال جا سبب، صوبائي حڪومت جون ذميواريون، وفاق جي قدمن جا نتيجا ۽ موجود قانوني گهرجون واضح نموني سامهون آنديون وڃن. جيڪڏهن واقعي صوبائي حڪومت جي ڪارڪردگيءَ ۾ سنگين ڪوتاهي رهي آهي ته ان جو جائزو ثبوتن جي بنياد تي وٺڻ گهرجي. ساڳئي وقت اهو به ڏسڻو پوندو ته دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ وفاقي حڪومت، سيڪيورٽي ادارن ۽ صوبائي انتظاميا وچ ۾ سهڪار جي ڪهڙي صورتحال رهي آهي. گورنر راڄ جي حمايت ۾ اهو دليل ڏنو وڃي ٿو ته جڏهن ڪنهن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال قابو کان ٻاهر ٿي وڃي ۽ انتظاميا گهربل نتيجا نه ڏئي سگهي ته وفاق کي مداخلت ڪرڻي پوي ٿي. وفاقي حڪومت جو خيال به اهو ئي آهي ته دهشتگرديءَ جي وڌندڙ خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ غيرمعمولي انتظامي قدم ضروري آهن. پر ٻئي پاسي، صوبي جي چونڊيل حڪومت کي هٽائڻ سان سياسي ڇڪتاڻ وڌڻ جو امڪان پڻ نظر ۾ رکڻ گهرجي. جيڪڏهن اهڙي فيصلي کي سياسي مخالفت جو نتيجو سمجهيو ويو ته وفاق ۽ صوبي وچ ۾ اعتماد کي نقصان پهچي سگهي ٿو جنهن جو اثر دهشتگرديءَ خلاف گڏيل ڪوششن تي به پئجي سگهي ٿو.

خيبر پختونخوا جي عوام لاءِ سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته هن فيصلي سان سندن زندگيءَ ۾ ڪهڙي تبديلي ايندي. ماڻهن کي محفوظ رستا، پرامن بازارون، بنا خوف جي تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا ۽ روزگار لاءِ سازگار ماحول گهرجي پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي جديد سهولتون، تربيت، ڄاڻ جي ڏي وٺ ۽ واضح حڪمت عملي فراهم ڪرڻ ضروري آهي. سرحدي علائقن ۾ دهشتگردن جي چرپر روڪڻ، سندن مالي مدد جا ذريعا بند ڪرڻ ۽ مقامي ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪرڻ کان سواءِ پائيدار امن قائم ڪرڻ ڏکيو آهي. رڳو انتظامي اختيارن جي تبديليءَ سان اهي مسئلا پاڻمرادو حل نه ٿيندا. حقيقت اها آهي ته دهشتگرديءَ جو مسئلو نه ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو آهي ۽ نه ئي ان جو حل رڳو هڪ حڪومت وٽ آهي. ان لاءِ قومي اتفاق راءِ، مضبوط ادارا، اثرائتي پوليسنگ، سياسي سهڪار ۽ عوام جو اعتماد ضروري آهي. گورنر راڄ کي جيڪڏهن امن جي بحاليءَ لاءِ کنيل قدم قرار ڏنو وڃي ٿو ته ان جي ڪاميابيءَ جو معيار به دهشتگرد حملن ۾ گهٽتائي، شهرين جي تحفظ ۽ معمول جي زندگيءَ جي بحالي هجڻ گهرجي نه ڪي سياسي مخالفن تي برتري حاصل ڪرڻ.

سن ۾ گرلز ڪاليج جو قيام: نياڻين لاءِ سنڌ حڪومت جو تحفو!

اياز وگهيو

سن پنهنجي تاريخي علمي ۽ ثقافتي سڃاڻپ سبب سنڌ ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو هي شهر پنهنجي شاندار ماضي ۽ فڪري سڃاڻپ سان گڏ بهتر مستقبل جي اميدن جو مرڪز پڻ آهي اهڙي شهر ۾ گرلز ڪاليج جو قيام علائقي جي تعليمي ترقيءَ ڏانهن هڪ اهم ۽ خوش آئند قدم آهي اهو ڪاليج رڳو سن شهر جي نياڻين لاءِ نه پر پرياسي جي ڳوٺن ۾ رهندڙ شاگرديائڻين لاءِ به هڪ قيمتي تحفو آهي جيڪو کين پنهنجي علائقي ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا نوان موقعا فراهم ڪندو سن ۾ گرلز ڪاليج جي قيام لاءِ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم واري صوبائي وزير سردار علي شاهه جو سهڪار، پيپلز پارٽي ضلعي ڄامشورو جي قيادت ۽ مقامي اڳواڻن جي اهڙين ڪوششن کي ساراهڻ گهرجي انهن گڏيل ڪوششن سان سن جي نياڻين لاءِ اعليٰ تعليم جي هڪ اهم ضرورت کي پورو ڪرڻ طرف عملي قدم کنيو ويو آهي ڪاليج جو افتتاح ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن يوسف خان رحماڻي پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪيو جنهن سان علائقي ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ هڪ نئين باب جي شروعات ٿي آهي

افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته اڄ سن لاءِ تاريخي ڏينهن آهي هن چيو ته گرلز ڪاليج سن جي نياڻين لاءِ هڪ بهترين تحفو آهي جنهن سان شهر ۽ پرياسي جي ڳوٺن جي شاگرديائڻين کي پنهنجي علائقي ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو هن ان ڳالهه تي به خوشي ظاهر ڪئي ته سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تحت هن اهم تعليمي سهولت کي عملي شڪل ڏني وئي آهي اهڙي اداري جي قيام سان نياڻين جي تعليمي مستقبل لاءِ نوان امڪان پيدا ٿيندا ڪاليج جي مقرر ڪيل پرنسپال پروفيسر ميڊم عابده علي شيخ پڻ نياڻين جي تعليم بابت پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته هوءَ سن شهر جي مختلف پاڙن ۽ پرياسي جي ڳوٺن ۾ وڃي والدين سان ملاقاتون ڪندي ۽ کين پنهنجي ڌيئرن کي وڌيڪ تعليم ڏيارڻ لاءِ همٿايو آهي هن جو مقصد آهي ته وڌ کان وڌ نياڻيون ڪاليج ۾ داخلا وٺن، محنت سان تعليم حاصل ڪن ۽ مستقبل ۾ پنهنجي قابليت سان ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪن پرنسپال جي اها سوچ قابل قدر آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن به تعليمي اداري جي ڪاميابي لاءِ انتظاميا، استادن، والدين ۽ شاگرديائڻين جي گڏيل ڪوشش ضروري هوندي آهي

سن ۽ پرياسي جا ڳوٺ، جن ۾ وڏا ڇڇر، ننڍا ڇڇر، شلماڻي ۽ ٻيون آباديون شامل آهن انهن لاءِ هن ڪاليج جي اهميت تمام گهڻي آهي ماضيءَ ۾ ڪيترين ئي نياڻين کي ميٽرڪ کان پوءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مانجهند، ڄامشورو يا سيوهڻ ڏانهن وڃڻو پوندو هو سفر جا خرچ، اچ وڃ جون ڏکيائيون ۽ والدين جون معاشي مجبوريون سندن تعليمي سفر تي اثرانداز ٿينديون هيون هاڻي سن ۾ ڪاليج قائم ٿيڻ سان شاگرديائڻين کي پنهنجي ويجهو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو آهي جيڪو سندن والدين لاءِ به اطمينان جو سبب بڻجندو هن تعليمي اڳڀرائيءَ کي وڌيڪ اهميت ان ڳالهه سان حاصل ٿئي ٿي ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه طرفان گرلز ڪاليج جي مستقل عمارت جي تعمير لاءِ 4 ايڪڙ سرڪاري زمين الاٽ ڪئي وئي آهي جتي ايندڙ سال کان تعميراتي ڪم شروع ٿيڻ جي رٿابندي آهي هن منصوبي تحت جديد ڪاليج جي عمارت، ڪمپيوٽر ليبارٽري، سائنس جون ليبارٽريون ۽ هڪ جديد آڊيٽوريم هال قائم ڪرڻ جو منصوبو آهي ان سان گڏ شاگرديائڻين لاءِ صاف پيئڻ جي پاڻي سميت وڌ کان وڌ بنيادي ۽ تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ تي به ڌيان ڏنو ويندو جيڪڏهن اهو منصوبو رٿابنديءَ موجب مڪمل ٿيو ته سن ۽ پرياسي جي ڳوٺن جي نياڻين کي پنهنجي علائقي ۾ جديد تعليمي ماحول ميسر ٿيندو ڪمپيوٽر ليبارٽري کين ٽيڪنالاجي جي تعليم ۾ اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏيندي، سائنس جون ليبارٽريون عملي سکيا ۾ مددگار ثابت ٿينديون جڏهن ته آڊيٽوريم هال تعليمي سرگرمين سيمينارن ۽ ٻين پروگرامن لاءِ استعمال ٿي سگهندو اهڙيءَ طرح ادارو مستقبل ۾ معياري تعليم جو هڪ مضبوط مرڪز بڻجي سگهي ٿو مستقل عمارت جي تعمير مقرر وقت اندر شروع ٿيندي ۽ سموريون بنيادي سهولتون به ترجيحي بنيادن تي فراهم ڪيون وينديون

بهرحال ڪاليج جي قيام سان گڏ هڪ ٻيو اهم پاسو به ڌيان طلب آهي ۽ اهو شاگرديائڻين لاءِ آمدرفت جي سهولت آهي سن جي پرياسي وارن ڳوٺن مان ڪاليج ايندڙ نياڻين لاءِ محفوظ، باقاعده ۽ سستي ٽرانسپورٽ انتهائي ضروري آهي مقامي ماڻهن طرفان سنڌ جي وڏي وزير کي گذارش ڪئي وئي آهي ته سن ۽ پرياسي جي ڳوٺن لاءِ رعايتي سنڌ حڪومت جي ماتحت هلندڙ "پيپلز بس سروس" شروع ڪئي وڃي جيڪا ڪاليج جي وقت مطابق هلي ۽ شاگرديائڻين کي آسانيءَ سان اچڻ وڃڻ جو موقعو فراهم ڪري. بس سروس جي هلڻ سان ڪاليج جو فائدو وڌيڪ وسيع ٿيندو سفر جا خرچ گهٽجڻ سان والدين کي سهولت ملندي ۽ وڌيڪ نياڻيون پنهنجي تعليم جاري رکي سگهنديون خاص طور پرياسي جي ڳوٺن جي شاگرديائڻين لاءِ اهڙي سهولت اهم ثابت ٿي سگهي ٿي ڪاليج کولڻ سان تعليم جو دروازو کليو آهي هاڻي رعايتي ٽرانسپورٽ ان دروازي تائين پهچڻ کي وڌيڪ آسان بڻائي سگهي ٿي سن جي نياڻين لاءِ هن ڪاليج جو قيام هڪ مثبت ۽ قابلِ قدر اڳڀرائي آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سيد آصف علي شاهه، پيپلز پارٽيءَ جي مقامي قيادت، ڊائريڪٽر ڪاليجز يوسف خان رحماڻي ۽ سندس ٽيم جي ڪوشش سان علائقي جي هڪ اهم تعليمي ضرورت کي اهميت ملي آهي هاڻي ضروري آهي ته والدين پنهنجي ڌيئرن کي وڌ کان وڌ داخلا وٺرائين ۽ ڪاليج جي انتظاميا تعليمي معيار، حاضري ۽ شاگرديائڻين جي ڪاميابيءَ تي خاص ڌيان ڏئي اسان جي خواهش آهي ته سن ۽ پرياسي جي ڳوٺن جون وڌ کان وڌ نياڻيون هن ڪاليج ۾ داخلا وٺن اعليٰ تعليم حاصل ڪن ۽ اڳتي هلي ڊگريون حاصل ڪري ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪن سنڌ حڪومت کان اها اميد پڻ آهي ته مستقل عمارت جي تعمير، جديد تعليمي سهولتن ۽ رعايتي بس سروس جي فراهميءَ کي يقيني بڻايو ويندو ڇاڪاڻ ته نياڻين جي تعليم تي سيڙپڪاري دراصل سنڌ جي روشن مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي سن جي نياڻين لاءِ کوليل هي تعليمي دروازو ايندڙ نسلن لاءِ ترقي، شعور ۽ ڪاميابيءَ جو رستو بڻجي سگهي ٿو

خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت ۽ گورنر راڄ پڄاڻان!

عبرت نيوز ڊيسڪ

پاڪستان هن وقت اهڙن گهڻ پاسائين چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي جن ۾ دهشتگرديءَ جو وڌندڙ خطرو، سياسي ڇڪتاڻ، وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اختيارن جي ورهاست ۽ جمهوري ادارن جي مضبوطي خاص اهميت رکن ٿا. ملڪ جي اتر اولهه واري علائقي خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي حملن ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي بابت وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ اختلافن هڪ نئين سياسي بحران کي جنم ڏنو آهي. ان بحران جي نتيجي ۾ وفاقي حڪومت صدر آصف علي زرداريءَ جي منظوريءَ کان پوءِ صوبي ۾ هنگامي حالت ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. اهو فيصلو نه رڳو ملڪ جي سياسي ماحول ۾ نئين ڇڪتاڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو پر ان سان صوبائي خودمختياري، آئيني بندوبست ۽ وفاقي نظام بابت به ڪيترائي اهم سوال اڀريا آهن. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جي هنگامي اجلاس ۾ خيبرپختونخوا جي صورتحال جو جائزو وٺڻ کان پوءِ آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت قدم کڻڻ جي سفارش ڪئي وئي. صدر آصف علي زرداريءَ ان سفارش جي منظوري ڏني جنهن کان پوءِ صوبي ۾ هنگامي حالت ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته صوبي ۾ دهشتگرديءَ جا وڌندڙ واقعا، سرڪاري جاين تي ٿيندڙ دهشتگرد حملا قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي حملا ۽ امن امان جي خراب صورتحال اهڙي قدم جي ضرورت پيدا ڪئي. حڪومت جو چوڻ آهي ته صوبائي حڪومت دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ گهربل سهڪار ۽ سنجيدگيءَ جو مظاهرو نه ڪيو. ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف ان فيصلي کي غيرجمهوري قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي. پارٽيءَ جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته صوبي ۾ چونڊيل حڪومت کي ختم ڪرڻ يا ان جا اختيار محدود ڪرڻ عوام جي چونڊيل نمائندن جي مينڊيٽ کي متاثر ڪرڻ برابر آهي. اهڙيءَ ريت دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائيءَ بابت شروع ٿيندڙ اختلاف هاڻي آئيني اختيارن ۽ سياسي حقن جي بحث ۾ تبديل ٿي ويو آهي.

دهشتگرديءَ جو وڌندڙ خطرو ۽ حڪومتن جي ذميواري: خيبرپختونخوا ڪيترن ئي سالن کان دهشتگرديءَ جي سنگين مسئلي کي منهن ڏئي رهيو آهي. صوبي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ دهشتگرد حملن سبب عام شهرين، پوليس اهلڪارن، فوجي جوانن ۽ ٻين سرڪاري عملدارن جون جانيون ضايع ٿيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ امن امان قائم رکڻ، شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ ۽ دهشتگردن جي نيٽ ورڪن کي ختم ڪرڻ رياست جي بنيادي ذميواري آهي. وفاقي حڪومت جي وزيرن موجب گذريل اڍائي سالن دوران دهشتگرديءَ جي واقعن ۾ 196 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. جڏهن ته وفاقي گهرو وزير محسن نقويءَ جو چوڻ آهي ته گذريل ڏيڍ سال دوران 518 پوليس اهلڪار شهيد ٿيا آهن. اهي انگ اکر جيڪڏهن لاڳاپيل سرڪاري رڪارڊ مان تصديق ٿين ٿا ته صورتحال جي سنگينيءَ کي ظاهر ڪن ٿا. تنهن هوندي به اهڙن انگن اکرن سان گڏ واقعن جي نوعيت، وقت ۽ علائقن جي تفصيل به سامهون اچڻ گهرجي. جيئن مسئلي جي مڪمل صورتحال سمجهي سگهجي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ڪنهن هڪ اداري يا حڪومت جي ذميواري ناهي. وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، پوليس، ادارن ۽ مقامي انتظاميا کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. انهن ادارن جي وچ ۾ سهڪار جو فقدان هجي، معلومات جي ڏي وٺ متاثر ٿئي يا سياسي اختلافن سبب گڏيل حڪمت عملي ڪمزور ٿئي ته ان جو نقصان آخرڪار عام ماڻهن کي ٿيندو. ان ڪري اصل سوال اهو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن؟ دهشتگردن جي ملي ۽ تنظيمي سهولتن کي روڪڻ لاءِ ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي آهي؟ متاثر علائقن جي ماڻهن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ڪهڙا انتظام ڪيا ويا آهن؟ هنگامي حلت لاڳو ڪرڻ کان پوءِ وفاقي حڪومت تي اها ذميواري اڃا وڌيڪ وڌي وئي آهي ته اها پنهنجي فيصلي جا عملي نتيجا پڻ ڏيکاري.

ڳالهين جون ڪوششون ڇو ناڪام ٿيون؟: وفاقي گهرو وزير محسن نقويءَ جي بيان موجب حڪومت لڳ ڀڳ هڪ مهيني تائين خيبرپختونخوا حڪومت سان رابطن ۾ رهي ۽ صوبي جي قيادت کي اعتماد ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس چوڻ آهي ته ڳالهين دوران دهشتگرديءَ جي خاتمي، متاثر ضلعن ۾ پوليس کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ وسيلن جي فراهميءَ بابت به خيالن جي ڏي وٺ ٿي. هن دعويٰ ڪئي ته وفاقي حڪومت ملي وسيلن جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ به تيار هئي پر آخري وقت تائين گهربل جواب نه ملڻ سبب معاملو اڳتي نه وڌي سگهيو. حڪومت موجب مولانا فضل الرحمان وسيلي به آخري ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ساڻس رابطو ڪري صلاح مشورو ڪيو. گهرو وزير اهو به چيو ته حڪومت کي احتجاج يا ڌرڻي تي بنيادي اعتراض نه هو پر دهشتگرديءَ خلاف گڏيل جدوجهد سندس اصل ترجيح هئي. سندس بيان موجب ڌرڻي کي ملتوي ڪرڻ واري شرط پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي طرفان سامهون آئي هئي. اهي ڳالهيون وفاقي حڪومت جو موقف آهن. انهن جي مڪمل تصديق لاءِ ڳالهين ۾ شامل سڀني ڌرين جا بيان، لکيل تجويزون ۽ رابطن جو تفصيل سامهون اچڻ ضروري آهي. جيڪڏهن واقعي به ڳالهين جا ڪيترائي دور ٿيا ۽ دهشتگرديءَ خلاف گڏيل حڪمتِ عمليءَ تي اتفاق ٿيڻ جي گنجائش موجود هئي ته پوءِ اهو به ڄاڻڻ گهرجي ته اختلاف ڪهڙن نڪتن تي پيدا ٿيا؟ يا ڪهڙيون تجويزون قبول يا رد ڪيون ويون؟ سياسي ڳالهين جو مقصد رڳو ڪنهن هڪ ڌر کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪرڻ نه پر گڏيل مسئلن جو حل ڳولڻ هوندو آهي. جيڪڏهن ڳالهين جا دروازا بند ٿين ٿا ته اختلاف وڌيڪ سخت ٿي سگهن ٿا. ان ڪري حڪومتن ۽ سياسي پارٽين لاءِ ضروري آهي ته اهي اختلافن باوجود رابطن جو سلسلو برقرار رکن ۽ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت جهڙي بنيادي معاملي کي سياسي مقابلي کان مٿانهون رکن.

آئين جا اختيار ۽ صوبائي خودمختياري: هن فيصلي جو سڀ کان اهم پاسو پاڪستان جي آئين سان لاڳاپيل آهي. آئين جو آرٽيڪل 232 جنگ، ٻاهرين جارحيت يا اهڙي اندروني بدامنيءَ جي صورتحال ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ بابت آهي جيڪا صوبائي حڪومت جي وس کان ٻاهر هجي جڏهن ته آرٽيڪل 234 پڻ ان صورتحال سان لاڳاپيل آهي جڏهن ڪنهن صوبي جي حڪومت آئين جي مطابق هلائڻ ممڪن نه رهي ۽ ان بابت آئيني قدم کڻڻ جي ضرورت پيدا ٿئي انهن ٻنهي شقن جا مقصد ۽ شرط هڪجهڙا نه آهن آئين ۾ هنگامي اختيارن جي موجودگيءَ جو مقصد غيرمعمولي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ قانوني رستو فراهم ڪرڻ آهي پر انهن اختيارن جو استعمال به آئين ۾ ڄاڻايل شرطن ۽ نگرانيءَ جي دائري اندر ٿيڻ گهرجي آرٽيڪل 232 تحت اندروني بدامنيءَ جي بنياد تي هنگامي حلت لاڳو ڪرڻ لاءِ صوبائي اسيمبليءَ جي ٺهراءِ بابت آئيني شرط موجود آهي جڏهن ته آرٽيڪل 234 تحت جاري ڪيل اعلان کي مقرر مدي اندر پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس آڏو منظوريءَ لاءِ پيش ڪرڻو پوندو ان شق تحت اهڙو اعلان وڌ ۾ وڌ 6 مهينن تائين لاڳو رهي سگهي ٿو تنهن ڪري موجوده فيصلي بابت ضروري آهي ته حڪومت واضح ڪري ته ٻنهي آئيني شقن جي هر شرط ڪيئن پوري ڪئي وئي آهي؟ صوبي جي گورنر جي رپورٽ ۾ ڪهڙا سبب ڄاڻايا ويا آهن؟ پارليامينٽ آڏو ان معاملي کي ڪهڙي طريقي سان پيش ڪيو ويندو؟ قانوني ماهرن ۽ لاڳاپيل ادارن کي به انهن سوالن جو آئين جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺڻ گهرجي صوبائي خودمختياري پاڪستان جي وفاقي نظام جو اهم بنياد آهي ان جو مطلب اهو ناهي ته صوبائي حڪومت ڪنهن به حالت ۾ وفاقي آئيني اختيارن جي دائري کان ٻاهر آهي پر اهو ضرور آهي ته چونڊيل صوبائي حڪومت جي اختيارن ۾ مداخلت ڪنهن واضح آئيني بنياد، مناسب سببن ۽ قانوني نگرانيءَ سان مشروط هئڻ گهرجي اهڙي مداخلت جو دائرو جيترو غيرمعمولي هوندو، اوترو ئي وڌيڪ ضرورت شفافيت ۽ جوابدهيءَ جي هوندي.

سياسي اختلافن جو حل طاقت نه پر جمهوري عمل: خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حلت ۽ گورنرراڄ جي اعلان کان پوءِ پاڪستان تحريڪِ انصاف سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي پارٽيءَ جي چيئرمين بيرسٽر گوهر ان قدم کي غيرجمهوري ۽ عوام جي حقن خلاف قرار ڏيندي رد ڪيو آهي تحريڪِ انصاف جو موقف آهي ته صوبي ۾ چونڊيل حڪومت کي اهڙيءَ ريت محدود ڪرڻ سياسي بحران کي وڌيڪ وڌائي سگهي ٿو ان جي ابتڙ وفاقي حڪومت چوي ٿي ته صوبي جي خراب ٿيندڙ سلامتيءَ واري صورتحال ۾ غيرمعمولي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو هو اهڙيءَ ريت ٻنهي ڌرين جا موقف هڪ ٻئي کان مختلف آهن پر ملڪ ۽ صوبي جي عوام لاءِ اهم ڳالهه اها آهي ته هن فيصلي کان پوءِ امن امان جي صورتحال ۾ ڪهڙي بهتري اچي ٿي ۽ عام شهرين کي ڪيترو تحفظ ملي ٿو؟ ڪنهن به سياسي پارٽيءَ کي پنهنجي حڪومت هٽائڻ اختلاف ظاهر ڪرڻ ۽ پرامن احتجاج ڪرڻ جو حق حاصل آهي پر ان سان گڏ هر حڪومت تي به لازم آهي ته اها عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پنهنجي آئيني ذميواري پوري ڪري. سياسي اختلافن کي قومي سلامتيءَ جي مسئلن سان اهڙيءَ طرح نه ڳنڍڻ گهرجي جو دهشتگرديءَ خلاف گڏيل جدوجهد ئي ڪمزور ٿيڻ لڳي جيڪڏهن وفاقي حڪومت وٽ صوبائي حڪومت جي ناڪاميءَ بابت ثبوت موجود آهن ته اهي قانوني ۽ آئيني ادارن آڏو پيش ڪرڻ گهرجن ساڳئي وقت، صوبائي حڪومت ۽ تحريڪِ انصاف کي به پنهنجي موقف جي وضاحت ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ خلاف پنهنجي حڪمت عمليءَ جا تفصيل سامهون آڻڻ گهرجن هڪ ٻئي تي الزام مڙهڻ بدران حقيقتن انگن اکرن ۽ جوابدهيءَ جي بنياد تي بحث ٿيڻ سان ئي عوام کي خبر پئجي سگهندي ته اختلافن جو اصل سبب ڪهڙو آهي؟

عوام جي تحفظ لاءِ حڪمتِ عملي ضروري: خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حلت لاڳو ڪرڻ ۽ انتظامي اختيار گورنر حوالي ڪرڻ سان دهشتگرديءَ جو پاڻمرادو خاتمو نه ٿيندو ان لاءِ هڪ جامع حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي جنهن ۾ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ، ڄاڻ گڏ ڪرڻ جي بنياد تي ڪارروايون ڪرڻ، سرحدي علائقن جي نگراني، دهشتگردن جي ملي وسيلن کي روڪڻ ۽ متاثر ماڻهن جي بحاليءَ کي اهميت ڏني وڃي. قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ موجب صوبي جي 12 ضلعن ۾ انتظامي بندوبست ۽ 11 رڪني صلاحڪاري ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جڏهن ته وزيراعظم جي صلاح تي صدر پاران هنگامي قدم کڻڻ جو دفاع ڪيو ويو آهي حڪومت طرفان فوج جي مقرريءَ جو به ذڪر ڪيو ويو آهي هاڻي ضروري آهي ته انهن قدمن جا اختيار، ذميواريون، نگرانيءَ جو نظام ۽ نتيجا واضح ڪيا وڃن جيئن انتظامي تبديليءَ سبب عام شهرين جي روزمره زندگي، بنيادي خدمتن ۽ قانوني حقن تي غيرضروري اثر نه پوي. پوليس جي تربيت، جديد اوزارن جي فراهمي ٿاڻن ۽ چوڪين جي حفاظت، عدالتي ڪارروائين کي تيز ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ جي ڪيسن ۾ شاهدن جي تحفظ جهڙن قدمن کانسواءِ مستقل امن قائم ڪرڻ ڏکيو آهي ساڳئي وقت، دهشتگرديءَ کان متاثر علائقن ۾ تعليم، صحت، روزگار ۽ بنيادي ڍانچي جي بحاليءَ کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ماڻهن کي رياست سان گڏ بيهارڻ لاءِ ضروري آهي ته کين تحفظ سان گڏ انصاف ۽ ترقيءَ جا موقعا به فراهم ڪيا وڃن.

اڳتي جو رستو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟: خيبرپختونخوا ۾ موجوده صورتحال وفاقي حڪومت، صوبائي سياسي قيادت ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن لاءِ هڪ وڏو امتحان آهي جيڪڏهن هنگامي اختيارن جو استعمال رڳو سياسي ڇڪتاڻ کي وڌائڻ يا مخالف ڌر کي دٻائڻ جو سبب بڻيو ته ان سان مسئلي جو بنيادي حل نڪري نه سگهندو ٻئي طرف جيڪڏهن صوبائي حڪومتون دهشتگرديءَ جي خطري کي سياسي اختلافن جي ورچاڙهينديون يا وفاق سان ضروري سهڪار کان پاسو ڪنديون ته ان جو نقصان به عوام کي ٿيندو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وفاقي حڪومت پنهنجي فيصلي جي قانوني بنيادن، مقصدن ۽ مدي بابت مڪمل وضاحت ڪري، پارليامينٽ جي آئيني ڪردار کي يقيني بڻائي ۽ صوبي جي عوام کي ٻڌائي ته امن امان جي بهتريءَ لاءِ ڪهڙا هدف مقرر ڪيا ويا آهن؟ تحريڪِ انصاف ۽ ٻين سياسي پارٽين کي به گهرجي ته اهي سياسي اختلافن باوجود دهشتگرديءَ خلاف گڏيل حڪمت عمليءَ لاءِ سنجيده ڳالهين ۾ حصو وٺن ملڪ جو وفاقي نظام چئني صوبن جي گڏيل اعتماد، آئيني پابندي ۽ سياسي سهڪار تي بيٺل آهي ڪنهن هڪ صوبي ۾ امن امان جي خراب صورتحال سڄي ملڪ لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي ٿي پر ان جو حل به اهڙو هئڻ گهرجي جيڪو سلامتيءَ سان گڏ جمهوري حقن ۽ صوبائي خودمختياريءَ جو احترام ڪري. خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حلت ۽ گورنر راڄ جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار اهو نه هوندو ته ڪهڙي سياسي ڌر جا اختيار گهٽ ٿيا آهن يا وڌيا آهن؟ پر اهو هوندو ته دهشتگرديءَ ۾ ڪيتري گهٽتائي آئي شهرين جي جان ۽ مال کي ڪيترو تحفظ مليو ۽ آئيني ادارن تي عوام جو اعتماد ڪيترو مضبوط ٿيو جيڪڏهن هن فيصلي سان امن قانون جي حڪمراني ۽ عوامي تحفظ ۾ حقيقي بهتري اچي ٿي ۽ سمورا قدم آئين جي دائري ۾ رهن ٿا ته ان جا مثبت نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا پر جيڪڏهن سياسي ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌي ٿي ۽ امن امان جو مسئلو برقرار رهي ٿو ته بحران وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿو.

مسلم ليگ (ن) کي ٿيندڙ سياسي نقصان



محمود شام

حالتون غيرمعمولي آهن. عالمي سطح تي به، علائقائي سطح تي به ۽ ملڪ اندر به. پاڪستان ۾ بحران ڪڏهن نه رهيا آهن؟ هڪ بحران مان ٻيو بحران جنم وٺندو رهيو آهي. اوچتو ٿيندڙ سياسي تبديلين جي نتيجي ۾ قائم ٿيندڙ حڪومتون ڪڏهن به معمول مطابق نه رهيون آهن. پاڪستانين کي داد ڏيڻ گهرجي، جن انهن بحرانن ۾ ئي زندگي گذارڻ سکي ورتي آهي. بحرانن جو سبب بڻجندڙ ڌريون هر ڀيري نون طريقن سان سامهون ايندڙيون رهيون آهن. بحرانن جي شروعات 1954ع کان ئي ٿي وئي هئي، جڏهن حاضر سروس آرمي چيف کي وفاقي ڪابينا ۾ بچاءَ واري وزير طور شامل ڪيو ويو هو. غير چونڊيل ماڻهن کي چونڊيل عهدن تي ويهارڻ جو سلسلو شروع کان ئي هلندو پيو اچي.

هر بحران کان پوءِ هر شعبي کي پنهنجا نقصان پورا ڪرڻ لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي. زوال ۽ پوئتي وڃڻ جو سلسلو هر شعبي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. جيڪي شعبا منظم هوندا آهن ۽ بحران جو گڏيل طور جائزو وٺندا آهن، اهي جلد پنهنجي گرفت بحال ڪري وٺندا آهن. پر جتي تنظيم، ترتيب ۽ تحقيق نه هوندي آهي، اتي بحران اڏوهيءَ وانگر اندر ئي اندر سموري ڍانچي کي کوکلو ڪري ڇڏيندو آهي.

هن ڀيري بحران نه رڳو سنگين آهي، پر تمام گهڻو پيچيده به آهي، بلڪ ان جا 8 پاسا آهن. ان ڪري ان جا اثر ڊگهي عرصي تائين رهندا. جيڪي عمودي به هوندا ته افقي به. اخلاقي به ته سياسي ۽ سماجي به. ان کان وڌيڪ ڳڻتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته اهو به نظر نٿو اچي ته هن بحران سبب ڪٿي ڪٿي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ انهن اثرن کي ڪيئن ختم ڪيو ويندو؟ نقصان عارضي ناهي پر ان جو احساس به نٿو ڪيو وڃي. علامہ اقبال جي لفظن ۾ ته

’افسوس! قافلي جو سمورو سامان وڃائجي ويو
پر قافلي جي دل مان نقصان جو احساس ئي ختم ٿي ويو‘

مختصر اهو ته اسان جي سياسي پارٽين لاءِ اها سڀ کان وڏي آزمائش هوندي، جيڪي نه ته منظم آهن ۽ نه ئي کين پنهنجي نقصان جو احساس آهي. پارٽيون خانداني ملڪيت بڻيل آهن. تنهن ڪري انهن کي لڳي ٿو ته کين ڪو خطرو ئي ڪونهي. شهزادا ۽ شهزاديون پارٽين جون واڳون سنڀالي وٺندا. کين پنهنجي ڪارڪنن طرفان ڪڏهن به ڪو خطرو محسوس نٿو ٿئي. پر هاڻي زمانو بدلجي چڪو آهي. هيءَ 20هين صدي نه پر 21هين صديءَ جو ٽيون ڏهاڪو آهي، جيڪو ڄاڻ ۽ سجاڳيءَ جي گهڻائيءَ جو دور آهي. پابنديون ۽ روڪون هاڻي حقيقتن تائين پهچڻ جو رستو 20هين صديءَ وانگر بند نٿيون ڪري سگهن. سمارٽ فون جادوءَ جو هڪ دٻو به آهي. علاءُ الدين جو ڏيئو به ۽ سڄي جهان جو ڏيک ڏيندڙ آئينو به. هر عمر جا ماڻهو اهو دٻو پاڻ وٽ رکن ٿا ۽ ان تي ظاهر ٿيندڙ حقيقتون به ڏسن ٿا. سڄي دنيا ۾ انٽرنيٽ ۽ وائي فاءِ جو راڄ آهي. اسان جا سياستدان سمجهن ٿا ته ڄاڻ کي مهينن تائين روڪي سگهجي ٿو، جڏهن ته انٽرنيٽ کي اها ڄاڻ پهچائڻ ۾ هڪ سيڪنڊ به نٿو لڳي.

هن وقت خيبر پختونخوا جي رستن تي جيڪي قافلا موجود آهن، اهي اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن تي جاءِ نٿا والارين. اخبار پڙهندڙ ۽ ٽي وي ڏسندڙ هاڻي رڳو هزارن ۾ وڃي رهيا آهن، جڏهن ته يوٽيوب تي نظرون رکندڙ ماڻهن جو انگ ڪروڙن ۾ آهي. جيڪڏهن هزارين ماڻهو بيخبر آهن ته ڪروڙين ماڻهو باخبر آهن.

ڪالهه آچر هو پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن، ڏوهٽين، ننهن ۽ نائين سان گڏجي منجهند جي مانيءَ تي ويهي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ جو ڏينهن. اسان جي هن گذارش کي ڪيترن ئي خاندانن پنهنجو معمول بڻائي ورتو آهي. هاڻي آچر جي ماني سڄي خاندان جي گڏجاڻيءَ جو موقعو بڻجندي پئي وڃي. اسان رڳو اهو چاهيون ٿا ته ڇڪتاڻ ۽ انتشار جي ڏينهن ۾ گهر مضبوط رهن ۽ گهر ڀاتي هڪ ٻئي جي ويجهو رهن. جيڪڏهن حالتن جي سختيءَ کي گڏجي برداشت ڪنداسين ته ان جو ڏک ايترو شديد نه رهندو.

عالمي بئنڪ جي رپورٽ وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان جي صورتحال جو جائزو وٺي ٿي. هن سڄي خطي لاءِ ’ميناپ‘ جي نالي سان سڃاڻپ اختيار ڪئي وئي آهي. هن خطي ۾ غربت جو دائرو دنيا جي ٻين حصن جي ڀيٽ ۾ وڌي ويو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ميناپ خطي ۾ انتهائي غربت جو شڪار ماڻهن مان اڌ پاڪستان ۾ رهن ٿا، يعني انهن جي روزانو آمدني ٽن ڊالرن کان به گهٽ آهي. اهڙي صورتحال ۾ اهو اڃا به وڌيڪ ضروري ٿي پوي ٿو ته غريب هڪ ٻئي سان ڏک ونڊين. ڏک ونڊڻ سان ان جي شدت گهٽجي ويندي آهي. اسان جي اها به گذارش هوندي آهي ته غريب اڪثريت پاڙي وارن سان لاڳاپا قائم رکي ۽ پاڙيسرين جي حال احوال کان واقف رهي. بک انساني زندگيءَ جي سڀ کان وڏي دشمن آهي ۽ ان جو مقابلو گڏجي ئي ڪري سگهجي ٿو. اها ذميواري بنيادي طور سياسي پارٽين، خاص طور تي حڪمران پارٽين جي آهي. انهن کي غربت گهٽائڻ لاءِ رٿابنديءَ کي پنهنجي پهرين ترجيح بڻائڻ گهرجي. عالمي ادارا به سهڪار ڪن ٿا، پر اسان جا حڪمران اوترا ئي وڏا امير آهن، جيترا اسين غريب آهيون. ڪنگال اڪثريت تي خوشحال ٿورائي حڪمراني ڪري رهي آهي. ماضيءَ ۾ اهو فرق ايترو چٽو نظر نه ايندو هو ۽ نه ئي ان جو درد ايتري شدت سان محسوس ٿيندو هو. سماجي رابطن جي ذريعن هن فرق کي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. معاشي بدحاليءَ جو شڪار ماڻهو هاڻي انهن کي به سڃاڻن ٿا، جيڪي هن خراب معاشي صورتحال جا ذميوار آهن. ان ڪري لڳي ٿو ته حساب ڪتاب جو ڏينهن به ويجهو اچي رهيو آهي.

هن وقت وفاق ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت آهي. هن پارٽي جو جنم 1987ع ۾ ٿيو هو. اها پاڪستان ناهيندڙ مسلم ليگ ناهي. ميان نواز شريف جي اڳواڻيءَ ۾ هن پارٽي 1985ع کان حڪمراني ڪندي پئي اچي. هن وقت سڀ کان وڌيڪ تنقيد جو نشانو به مسلم ليگ (ن) ئي بڻيل آهي. ان جي مرڪزي قيادت ۽ سينيئر وزيرن مان گهڻا ڄمار جي وڏي حصي ۾ پهچي چڪا آهن. انهن سان گڏ ڪم ڪندڙ نوجوان به پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهن. اهي جديد دور جي حڪمرانيءَ جي نظرين ۽ انتظامي طريقن کان اڻواقف نظر اچن ٿا.

مون کي هن پارٽي سان همدردي ان ڪري آهي جو پنجاب جي ماڻهن کي پهريون مرڪزي اڳواڻ ميان نواز شريف جي صورت ۾ مليو. نه ته ان کان اڳ پنجاب ٻين صوبن جي اڳواڻن جي پيروي ڪندو رهيو. هاڻي ميان نواز شريف پارٽيءَ جو سڀ کان وڏو اڳواڻ آهي پر عالمي، علائقائي ۽ ملڪي سطح تي هن غيرمعمولي صورتحال ۾ خاموش آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪنهن اڳواڻ لاءِ خاموش رهڻ ڏکيو هوندو آهي.

هن پارٽيءَ ۾ ڪارڪنن جا مرڪزي، صوبائي ۽ ضلعي سطح تي ڪنوينشن ڪرائڻ جي روايت تمام گهٽ آهي. مرڪزي مجلسِ عاملہ جا اجلاس به گهٽ ٿيندا آهن. وڏا زميندار، سرمائيدار ۽ سردار هن پارٽي سان گڏ آهن. سماجي رابطن جي ذريعن تي پارٽيءَ خلاف جيڪي ٽڪ ٽاڪ وڊيوز اچي رهيون آهن، انهن جو به ڪو اثرائتو جواب نٿو ڏنو وڃي. اهو تاثر به مضبوط ٿي رهيو آهي ته وزيراعظم ملڪ کان ٻاهر گهڻو وقت گذارين ٿا. سنگين بحرانن جي باوجود هو قوم کي اعتماد ۾ وٺڻ لاءِ ٽيليويزن ۽ ريڊيو تي خطاب نٿا ڪن. وڏا عوامي جلسا به نٿا ڪرايا وڃن. عالمي نشرياتي ادارن، ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل ۽ عالمي بئنڪ جي رپورٽن تي وفاقي حڪومت طرفان ڪو اطمينان بخش جواب نٿو ڏنو وڃي. تاريخ جي شاگرد جي حيثيت ۾ مون کي اها ڳڻتي آهي ته جڏهن اهي غيرمعمولي حالتون ختم ٿينديون، تڏهن هن پارٽيءَ کي پنهنجي ساک بحال ڪرڻ لاءِ جيڪا محنت ڪرڻي پوندي، ڇا پارٽي اها محنت ڪري سگهندي؟ هن ڪالم جي محدود گنجائش سبب ئي حڪمران جماعت، يعني 1971ع کان حڪومت ڪندڙ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ بابت خدشن، تاثرن ۽ امڪانن جو جائزو ڪنهن ٻئي ڀيري وٺنداسين. في الحال هيءَ هڪ مصرع ٻڌو: ’ڪهڙي آسمان جي بلندين تي پهتل قيادت هئي، جيڪا اڄ زمين تي اچي ڪري آهي‘

اڄوڪو ڏينهن ——— 12 آڪٽوبر

بيدل فقير

اڄ سنڌ جي مشهور عوامي ۽ صوفي شاعر بيدل فقير جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن بزرگ جو جنم 1865ع ڌاري شڪارپور ويجهو بخشي اٽڙ نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو ميان عبدالواسع عرف وسيو هو. هن ڪنهن اسڪول ۾ تعليم حاصل نه ڪئي ۽ ننڍپڻ ۾ مال چاريندو هو. شروع کان ئي سندس لاڙو فقيريءَ ۽ صوفيت طرف رهيو. حضرت سچل سرمست جي شاعريءَ سان خاص انسيت هئس. پاڻ پير حزب الله شاهه راشدي تخت ڌڻيءَ جو مريد هو ۽ مرشد جي دعا سان ئي شاعر بڻيو. هن سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪئي. شاعريءَ ۾ بيدل، بيدو ۽ بيدڙو تخلص استعمال ڪيا اٿس. هن بزرگ جو ڪلام سرڳواسي آنندرام طوطلداس ترتيب ڏئي ڇپرايو هو. انهيءَ ڪلام کي "رسالو بيدل فقير" جي نالي سان نئين سر ترتيب ڏئي نياز سرڪيءَ 2005ع ڌاري ڇپرايو. بيدل فقير بنيادي طور ڪافيءَ جو شاعر هو. هن نيم ڪلاسيڪي داستانن سسئي، مارئي، سورٺ ۽ هير رانجهي وغيره کي ڳايو آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڏوهيڙا، بيت ۽ نعتون پڻ شامل آهن. هن 12 آڪٽوبر 1939ع تي وفات ڪئي.

امير علي چانڊيو



هن نامور نثر نويس، شاعر ۽ نقاد جي اڄ جنم جو ڏينهن آهي. هن ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ شاهه محمد چانڊيو ۾ 24 مئي 1949ع تي پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ آباد جي ملا مڪتب مان حاصل ڪئي. ان بعد لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو. هن مقامي عالمن کان فارسيءَ ۽ عربيءَ جي به تعليم حاصل ڪئي. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. ان بعد تعليم کاتي ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. اڳتي هلي سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ پوليس مقرر ٿيو ۽ ترقيءَ جون منزلون طئه ڪري پوليس کاتي ۾ ايس ايس پي ۽ ڊي آءِ جي جهڙا اهم عهدا ماڻيائين. امير علي چانڊيي کي ادب سان شوق شاگرديءَ واري زماني کان رهيو. شاعريءَ ۾ هن گيت، غزل، وايون ۽ ڪافيون وغيره لکيون. هن جا ڪيترائي مضمون ۽ مقالا اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. هن ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جا ڪجهه بيت انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا. هن 12 آڪٽوبر 1996ع تي وفات ڪئي.

سيد باغ علي لڪوي

سيد باغ علي لڪوي پنهنجي دور جو مشهور حڪيم، صحافي ۽ شاعر هو. سندس ولادت 12 آڪٽوبر 1899ع تي لڪي ضلعي شڪارپور ۾ ٿي. سندس والد سيد غلام محمد شاهه هڪ مشهور حڪيم هو. سيد باغ عليءَ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پنهنجي والد کان فارسي، عربي ۽ اردو سکيائين. هو هڪ محنتي صحافي هو. هن ٽنڊي جان محمد مان هفتيوار "پيغام ڪل" اخبار ۽ سکر مان هفتيوار "نقيب" اخبار جاري ڪئي. 1925ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ان بعد نثر به لکڻ شروع ڪيائين. هن جي شاعريءَ ۾ غزل، مرثيه ۽ قصيدا وغيره شامل آهن. ڪجهه افسانا، ڪهاڻيون ۽ مضمون پڻ لکيائين. هن چار ڪتاب مرتب ڪيا، جن ۾ "گلزار سعادت"، "گلشن وحدت"، "گلستان طريقت" ۽ "غنچه حقيقت" شامل آهن. هو پنهنجي والد وانگر هڪ مشهور حڪيم پڻ رهيو. هن بزرگ 2 آڪٽوبر 1984ع تي وفات ڪئي.

بئرسٽر مظهر ايس قاضي

هن مشهور قانوندان ۽ ليکڪ جو جنم 12 آڪٽوبر 1941ع تي موري ۾ قاضي محمد سليمان جي گهر ۾ ٿيو. هن لنڊن مان قانون جي تعليم حاصل ڪئي. هو ننڍي هوندي کان ئي سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ شوق سان حصو وٺندو هو. کيس تقرير جي فن تي به خاص ملڪو حاصل هو. لنڊن ۾ پڙهڻ دوران هو پاڪستان اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر رهيو. 1967ع کان 1969ع تائين لنڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ڪنوينر پڻ رهيو. پاڻ مختلف وقتن تي سنڌ جي وزيراعليٰ ۽ پاڪستان جي وزيراعظم جو پريس سيڪريٽري پڻ رهيو. هو هڪ بهترين مضمون نگار ۽ مقالا نگار پڻ هو. سندس لکيل مقالا سنڌ جي ساک وارن رسالن جي زينت بڻيا.

حميد سنڌي



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي نامور اديب، انتظامي سربراهه ۽ تعليمي ماهر مرحوم حميد سنڌيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. حميد سنڌيءَ جو جنم 12 آڪٽوبر 1939ع تي محمد اسماعيل ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو. مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي اباڻي شهر نوشهروفيروز مان حاصل ڪيائين. هن زرعي معاشيات ۾ ايم فل ۽ وڪالت جون سندون پڻ حاصل ڪيون. 1961ع کان 1966ع تائين مختلف بينڪن ۾ مينيجر طور ڪم ڪيائين. 1966ع کان 1970ع تائين وڪالت جي پريڪٽس ڪيائين. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ امتحانن جي ڪنٽرولر، رجسٽرار ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. هن ڪاليجن جي ڊائريڪٽر ۽ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي پرنسپال طور پڻ ڪم ڪيو. هو سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جو وائيس چانسلر، بيورو آف ڪريڪيولم جو ڊائريڪٽر، سنڌ بڪ بورڊ جو چيئرمين ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمين به رهيو. حميد سنڌيءَ ادبي تنظيم "بزم روح رهاڻ" جو پايو وڌو ۽ انهيءَ تنظيم پاران "روح رهاڻ" رسالو جاري ڪيو. هن کي ادبي رسالن "مارئي" ۽ "لطيف ڊائجيسٽ" جو ايڊيٽر هئڻ جو اعزاز حاصل رهيو. هو پنهنجي دور جو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار هو ۽ هن جا 11 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. کيس علمي، ادبي ۽ انتظامي خدمتن جي مڃتا طور ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو. تاريخ 3 جنوري 2020ع تي وفات ڪيائين.



مختيار انٽ

مدد علي سنڌي

اڄ نامياري اديب، صحافيءَ ۽ سياستدان مدد علي سنڌيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو مدد علي ولد الله بخش قريشي آهي ۽ سندس جنم 12 آڪٽوبر 1950ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. هن بي اي تائين تعليم حيدرآباد جي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان حاصل ڪئي. هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي پر ٻه پيرا ريسٽيڪيٽ ٿيڻ سبب اها سند حاصل نه ڪري سگهيو. هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شموليت سان ڪئي. هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي عهديدارن مان هڪ هو. هن ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. انڪري قيد ۽ بند جون سعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون. 1969ع ۾ عوامي ليگ حيدرآباد يونٽ جو آرگنائيزر مقرر ٿيو. 1970ع ۾ "اڳتي قدم" نالي رسالو جاري ڪيائين پر انهيءَ تي حڪومت پاران پابندي مڙهي وئي. 1979ع ڌاري سياست ڇڏي صحافت جي دنيا ۾ پير پاتائين ۽ "روزاني سنڌ نيوز" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. هن سنڌي ادبي بورڊ جي وائيس چيئرمين طور به ڪم ڪيو. هو "روزاني هلال پاڪستان"، "بختور"، "سچ"، "خادم وطن" ۽ "سنڌوءَ" جو ايڊيٽر پڻ رهيو. 1984ع ۾ حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. سنڌي ادبي دنيا ۾ به سندس نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. هن جي لکيل ڪتابن جو تعداد هڪ درجن کان مٿي آهي جن ۾ ڪهاڻيون، ناوليٽ، سنڌ جي تاريخ، شخصيات، شاعري ۽ سندس سفرناما شامل آهن. پاڪستان سرڪار کيس 2021ع ۾ حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو. 2023ع ۾ ٺهيل نگران حڪومت ۾ کيس تعليم جو وفاقي وزير مقرر ڪيو ويو.

الطاف پيرزادو



الطاف پيرزادو هڪ مشهور صحافي ۽ براڊڪاسٽر آهي. هو 12 آڪٽوبر 1972ع تي ڳوٺ ٻلهڙيجي، تعلقي باقراڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي (صحافت) جي سند حاصل ڪيائين. هن پنهنجي صحافتي زندگيءَ جي شروعات روزاني جاڳو ۾ پروف ريڊر طور ڪئي. ان بعد مختلف سنڌي اخبارن جو بيورو چيف ۽ سب ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. 2002ع ۾ ايسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان ۾ ٽرانسليٽر مقرر ٿيو. 2009ع ۾ ريڊيو پاڪستان جي خبرن واري شعبي ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين.

اويس قادر شاهه

اڄ مشهور سياستدان اويس قادر شاهه جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هن جو والد سيد عبدالقادر شاهه مشهور انجنيئر ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جو چيئرمين رهيو. سندس واسطو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان آهي. هو 12 آڪٽوبر 1977ع تي سکر ۾ پيدا ٿيو. هن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي. هو 2013ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. ان بعد 2018ع ۾ وارين عام چونڊن ۾ ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. هن ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جي صوبائي وزير طور خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. اڄڪلهه سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم ڄامشورو
(روبرو جناب مس امبر)
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2026

مسمات نصرت خاتون ڌي منظور زال صدام حسين ذات سهاڳ رهندڙ سعيد آباد ڄامشورو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. پلينٽف ...بخلاف. صدام حسين ولد نبن ڪوراٿي رهندڙ ڳوٺ غلام رسول ڪوراٿي تعلقو عرضي پنو ضلعو شهدادڪوٽ ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم ڄامشورو
(روبرو جناب مس امبر)
فيملي سوٽ نمبر 54 سال 2026

مسمات الماس ڌيءِ مرحوم شاهنواز رهندڙ ٽرمل پاور هائوس ڪالوني ڄامشورو. پلينٽف ...بخلاف. اختر علي ولد منٺار رهندڙ سعيد آباد ڪالوني ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 391 سال 2026

مسمات Ghafoom. پلينٽف ...بخلاف. چنڙ خان پٽو ولد محمد حسن ذات آرائين رهندڙ ڳوٺ امام علي پٽو تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو ـ ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 36 سال 2026

مسمات ردا زينب ڌيءِ الله ڏنو ذات ملوڪائي رهندڙ وارڊ نمبر 4 محلہ لطيف ڪالوني پٽ شاهه سيل نمبر 03033949525. پلينٽف ...بخلاف. عباس ولد هاشم ملوڪائي رهندڙ سڄل ڳوٺ R13 ڪراچي سيل نمبر 03112952364 ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيد آباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 121 سال 2026

مسمات شبانہ ڌيءِ قربان علي رهندڙ وارڊ نمبر 11 سعيد آباد ضلعو مٽياري. پلينٽف ...بخلاف. رحيم بخش ولد الله بخش ذات جوڻيجو رهندڙ ڳوٺ Nano Batho سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڏاجوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيد آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج III مٽياري
(روبرو جناب نجيب الله سومرو)
گارڊين سوٽ نمبر 07 سال 2026

ماجد علي ميمڻ ولد نور محمد ميمڻ رهندڙ گهر نمبر 357B مير حسن محلہ مٽياري. اپليڪينٽ ...بخلاف. (1) مسمات رخسانہ ماجد ميمڻ زال ماجد علي ميمڻ ڌيءِ محمد موسيٰ ميمڻ رهندڙ گهر نمبر 357B مير حسن محلہ مٽياري ... اپوننٽس (1) فاطمه شيرين (2) ايمان انعوز (3) Umm ul Khair (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت سنڌن پراپرٽي سٽي سروي نمبر 332 ايراضي 3-40 ميٽرس/ گز ۽ 363 اسڪوائر فوٽ ۽ 331 ايراضي 7.43 ميٽرس/گز ۽ 167 اسڪوائر فوٽ ايٽ وارڊ B سٽي مٽياري تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج III مٽياري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 68 سال 2024

(1) افشان آصف بيواهه آصف علي مري (2) محمد عاقان ولد آصف علي مري، مائنر. پلينٽف ...بخلاف. (1) ڊي سي شهيد بينظير آباد (2) اي سي نوابشاهه (3) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (4) سٽي سروي آفيسر نوابشاهه (5) سب رجسٽرار نوابشاهه (6) مظهر علي ولد شريف الدين مري (7) اڪبر علي ولد شريف الدين (8) مسمات حنيف خاتون بيواهه شريف الدين مري (9) مسمات قريشان بيواهه آصف علي مري (10) مس گل بشرا ڌي آصف علي مري (11) ثاقب علي ولد آصف علي (12) بيبي امينا ڌيءِ آصف علي مري مائنر (13) ظهير علي ولد آصف علي مري مائنر. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن ايڊمنسٽريشن پزيشن پارٽيشن ميسني پراڻٽ اينڊ انجڪشن زير قلم 39رول 1 ۽2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

تاريخ پيدائش جي درستي

جيئن ته منهجي ڌي ناڻي مريم ڌي احسان علي ليباڻي ويٺل لمس ڪالوني ڄامشورو جنهن جي پيدائش جي تاريخ اسڪول ۾غلط درج ٿيل آهي جيئن ته منهجي ڌي جي اصل تاريخ پيدائش 29-04-2016 آهي جيڪا اسڪول ۾غلطي سان 29-04-2014 لکجي وئي آهي جنهن کي درست ڪري لکيو وڃي.

احسان علي ليباڻي ويٺل لمس ڪالوني ڄامشورو

بقايا 1 ’روزاني عبرت‘

رائلٽي نه ملڻ ڪوئلي جي کوٽائيءَ سبب ماحولياتي نقصان ۽ ڏڪار متاثرن جي واهر نه ٿيڻ خلاف عوامي تحريڪ طرفان اسلام ڪوٽ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ عورتون ۽ ٻارڙا به وڏي انگ ۾ شريڪ ريلي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ رسند ٿري، نور احمد ڪاتيان عوامي تحريڪ ضلعي ٿرپارڪر جي آرگنائيزر اوڀايو جوڻيجو ڪرشن ميگهواڙ ايڊووڪيٽ ديوت راءِ اي بي چارڻ ايڊووڪيٽ ديال صحرائي، ايڊووڪيٽ اياز ڪلوئي ايڊووڪيٽ ممتاز ڪوسو سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ ساجده چانڊيو ثمرين جوڻيجو تهمينا ڪلوئي، سسئي ڏاهري، امرو ڪولهي عمر بجير پيرو پياسي، ڏاهو ڪولهي، دسرت جٽيال آتم پيل، دليپ پيل ۽ ٻين چيو ته ملڪ جي حڪمرانن جي ڪرپشن پوسٽ هائبرڊ آمريتي نظام ۽ وسيلن جي ڦرلٽ سبب پاڪستان ۾ غربت جنگ سٽيل ملڪن يمن افغانستان ۽ شام کان به وڌيڪ آهي. ورلڊ بينڪ جي رپورٽ حڪمرانن جي ڪوڙين دعوائن کي رد ڪيو آهي اڳواڻن چيو ته ملڪ جا حڪمران ڪرپشن ختم ڪرڻ بدران ملڪ وڪڻي رهيا آهن. ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ زمينون به هارين کان ڦري عسڪري ادارن سان لاڳاپيل ڪمپنين کي ڏئي رهيا آهن اسٽيبلشمينٽ پنهنجي ڪرپشن ۽ ڦرلٽ کي لڪائڻ لاءِ محسن نقوي جهڙن طوطن ذريعي سنڌ ورهائڻ جي مهم هلائي ملڪ ۾ گهرو ويڙهه ڪرائڻ چاهي پئي سنڌ ۾ نون صوبن جي مهم جو مقصد ڪرپٽ حڪمرانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ نئون اسرائيل قائم ڪرڻ آهي آمريڪا ۽ اسرائيل ڪراچي تي ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن کي قابض ڪري پوءِ انهن وسيلي خطي ۾ رت جون نديون وهائڻ چاهين ٿا. سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش ڪندڙ آمريڪي ۽ اسرائيلي ايجنٽ آهن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته حڪمرانن جي عوام دشمن پاليسين سبب ٿر ڪاڇي ڪوهستان سميت سموري سنڌ ۾ ڪاري ڏڪار منهن ڪڍيو آهي. ڊبليو ايڇ او جي هڪ رپورٽ موجب ٻار پيدا ڪرڻ دوران مائرن جي موت ۾ سنڌ پهرئين نمبر تي آهي. بک سبب مائرن ۾ رت جي کوٽ عام جام آهي جنهنڪري ويم دوران فوتگيون معمول بڻجي ويون آهن. مائرن کانپوءِ هاڻ ننڍن ٻارن جي فوتگين ۾ به اضافو ٿيو آهي ملڪ جا حڪمران سنڌ جي وسيلن تي قبضا ڪري، سنڌ جو پاڻي بند ڪري، سنڌ کي بک ۽ بي روزگاري حوالي ڪري ست ڪروڙ سنڌين جي نسل ڪشي ڪري رهيا آهن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته "ٿر بدلي گا پاڪستان" جو نعرو ڏئي ٿر جي وسيلن تي قبضو ڪيو ويو آهي ٿر مان ڪوئلي جي صورت ۾ ڪارو سون نڪرڻ باوجود حڪومت جي سنڌ دشمن پاليسين سبب مقامي ماڻهو بک، بدحالي، بيروزگاري ۽ بيمارين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٿر جي ڪوئلي مان پيدا ٿيندڙ بجليءَ سان اسيمبلين سينيٽ، بلاول هائوس ۽ جاتي عمرا ستاري جيان چمڪي رهيا آهن. جڏهن ته ٿر جي ڳوٺن ڪيترن ئي رهواسين کي پاڻي گئس ۽ بجليءَ جهڙيون بنيادي سهولتون به ميسر ناهن. اڳواڻن چيو ته ضرورت کان گهٽ ۽ وقت سر برساتون نه پوڻ سبب ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي مال لاءِ چارو نه هئڻ ڪري مالوند ماڻهو پنهنجو مال ڪاهي بئراجي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ ۽ اڌ ملهه تي وڪڻڻ تي مجبور آهن حڪومت ڏڪار متاثرن جي بروقت واهر ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي ٿرپارڪر جي وسيلن تي نانگ جيان ڪوڙڪندڙ وفاقي سرڪار ڏڪار مهل گم ٿي وئي آهي. وفاقي سرڪار کي سنڌ جا وسيلا کپن ٿا باقي سنڌي عوام جي مصيبتن مهل وفاق جو رويو اهڙو آهي جڻ سنڌ ڪنهن ٻئي ملڪ جو سرحدي علائقو آهي. نون صوبن جي مهم هلائيندڙ نام نهاد قومي ميڊيا ٿر جي ڏکايل مقامي ماڻهن کي ڪوئلي جي ڪمپنين ۾ روزگار نه ملڻ ۽ وسيلن جي ڦرلٽ جهڙن بنيادي مسئلن تي هڪ به ٽاڪ شو ناهي ڪيو. نام نهاد قومي ميڊيا سنڌي عوام جو آواز نه پر ظالم ۽ جابر حڪمرانن جي ڦرلٽ جو اوزار آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ٿرپارڪر کي آفت سٽيل قرار ڏئي متاثر خاندانن هارين ۽ مالوندن لاءِ هنگامي بنيادن تي امدادي سرگرميون شروع ڪيون وڃن هنن وڌيڪ چيو ته ڪوئلي جي کوٽائيءَ ۽ سرمائيدارن جي گوڙانو ڊيم جهڙن زهر قاتل منصوبن سبب ماحولياتي تباهي آئي آهي. زير زمين جر جو پاڻي ڪاروڻو ٿي رهيو آهي ۽ زرعي زمين ڪلراٺي ٿيندي پئي وڃي هنن مطالبو ڪيو ته ڪوئلي جي کاڻين سميت ٻين فيڪٽرين مان زهريلي مادن جي خارج ٿيڻ جر جي پاڻيءَ جي آلودگيءَ بابت جاچ ڪرائي آلودگي ڦهلائيندڙ ڪمپنين تي بندش لڳائي ٿر جي قدرتي ماحول ۽ ماڻهن جي صحت جي تحفظ لاءِ اپراءَ قدم کنيا وڃن عوامي تحريڪ جي اڳواڻن چيو ته ٿر جي ڪوئلي ۽ ٻين قدرتي وسيلن مان فائدا حاصل ڪندڙ ڪمپنين کان قانون رائلٽيون وصول ڪري مقامي ماڻهن سنڌن جائز حصو ڏنو وڃي رائلٽي ۽ ترقياتي فنڊ پيپلز پارٽي جي ڪرپٽ ۽ ڪامورن ۽ حڪمرانن جي ترقي بدران ٿر جي تعليم، صحت، پيئڻ جي پاڻي، روزگار ۽ بنيادي سهولتن تي خرچ ڪيا وڃن

بقايا 2 ’روزاني عبرت‘

ٿي پيا. زخمين ۾ عثمان منگريو حاجي عباس محمد حسن ۽ قادر راڄڙ شامل آهن زخمين کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي کانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي

بقايا 3 ’روزاني عبرت‘

ڏنيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته بجلي جا ٿنڀا به اچي ويا آهن پر واپڊا وارا لڳائڻ لاءِ نٿا اچن 11 هزار وولٽ جي تارن سبب خطري ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون بجلي جون تارون اسان جي گهر جي در ۽ لوهي شيئن کي لڳي رهيون آهن جنهن جي ڪري ڪنهن به وقت جاني نقصان ٿي سگهي ٿو هنن ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري . ايڪسيئن حيسڪو ٽنڊوالهيار سيد عاقب شاهه سميت وس وارن کان گهر ڪئي ته پلاٽ ڪالوني مان سرڪاري ٽيوب ويل جي ويندڙ 11 هزار وولٽ جي تارن کي هٽائي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 4 ’روزاني عبرت‘

جڏهن وارثن پاران نوجوان کي پاڻي واري مچي جي تلاءَ مان پنهنجي مدد پاڻ باهر ڪڍي ورتو ۽ فوري طور گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران نوجوان ٽينگر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ۽ ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو جڏهن ته نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 5 ’روزاني عبرت‘

منشيات فروش کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو گرفتار جوابدارن ۾ شعبان ۽ رجب پٽ جمعون چانڊيو شامل آهن. پوليس ٻنهي جوابدارن وٽان 40 انڊين رونل ڪنگ گٽڪي جا پاڪيٽ / 4400 سٹو پڙيون هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪندي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن ته هڪ جوابدار ذيشان عرف جونٽي پنجابي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس ايف آئي ۾ ڄاڻايو ته ڏالهي جهنڊو ويا روڊ باءِ پاس تي چيڪنگ دوران ڪارروائي ڪئي ۽ منشيات فروش جوابدار گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي ڏالهي ٿاڻي تي ايس ايڇ او مقرر نه هجڻ ڪري وڌيڪ جاچ ايس ايڇ او نبي سر روڊ حوالي ڪئي وئي آهي.

بقايا 6 ’روزاني عبرت‘

ڪري 3 ٻارڙن ڪاشف ولد محمد هاشم عباس ولد رياض شيخ ۽ وسيم سومرو کي ڏاڍهي زخمي ڪري ڇڏيو ٽنهي ٻارڙن کي سنڌن وارثن طرفان سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي ويڪسين نه هئڻ سبب ڪيترائي ڪلاڪ ٻارڙن اسپتال ۾ تڙپندا رهيا متاثرن جي وارثن صحافين کي ٻڌايو ته خيرپور ضلعي جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌڻ بعد ڪيترائي ڀيرا احتجاج ڪرڻ جي باوجود ضلعي انتظاميه ٽوڙي ميونسپل ڪاميٽي خيرپور طرفان رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ مهم شروع نه ڪئي وئي هنن مطالبو ڪيو ته ضلعي ۾ ڪتا مار مهم جو آغاز ڪري شهرين کي چتن ۽ رولو ڪتن کان بچايو وڃي ۽ شهرين جون زندگيون محفوظ بڻايون وڃن

بقايا 7 ’روزاني عبرت‘

عمر ڪلوڙ جي ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ سول سوسائٽي سيد صحافين سياسي سماجي اڳواڻن سميت قوم پرست اڳواڻ مشتمل ميڙ منٿ امن قافلو جسقم اڳواڻ فقير رمضان ڪلوڙ سيد شعيب شاهه الله وسايو وسير برڪت ميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مقدس ڪتاب شاهه جو رسالو کڻي ٻنهي ڌرين وٽ پهتو ان موقعي تي ميڙ منٿ قافلي کي خطاب ڪندي فقير رمضان ڪلوڙ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته قبيلائي تڪرار هڪ ناسور آهن جنهن ڪري ڪيترائي ويڙها ويران ٿي ويندا آهن هن وقت پهريان به سنڌ ڌرتي تي هر طرف کان ڏکيو وقت آهي اسان ٻنهي ڌرين کي قرآن شاهه جو رسالو سان گڏ پهچي هٿ ٻڌي اپيل ڪيون ٿا ته ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ويهي فيصلو ڪيو وڌيڪ هڪ ٻئي جو نقصان نه ڪيو جنهن تي ٻنهي ڌرين وڏيري حسام ڪلوڙ ۽ محمد عمر ڪلوڙ پاران ميڙ منٿ قافلي کي سٺي موٽ ڏيندي جلد فيصلي جي تاريخ رکڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو ياد رهي ته ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ سبب ٻه ڏينهن اڳ ٿيل فائرنگ ۾ وڏيري حسام ڪلوڙ جان محمد ڪلوڙ سميت وڌيڪ چار ماڻهون گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا هئا جنهن بعد گهوٽڪي ضلعي جي سياسي سماجي اڳواڻن پاران ٻنهي ڌرين کي کير کنڊ ڪرڻ لاءِ ميڙ منٿ قافلو موڪليو ويو ٻئي پاسي ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ گذريل هڪ سال کان هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ ضلعي انتظاميه ٽوڙي جو گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهر يا وائيس چيئرمين مير بابر علي خان لنڊ پاران ڪوبه قدم نه کنيو ويو هيو

بقايا 8 ’روزاني عبرت‘

علائقي واسين موجب فوري طور تي ڊي ايچ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو ويو جتي سهولتن جي اڻهوند سبب معصوم ٽينگر دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته معصوم ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ان سلسلي ۾ علائقي واسين جو چوڻ هو ته باگو ڏهو کان درنگ ملوڪ والي روڊ مڪمل طور تي تباهه ٿيل آهي گذريل پنجويهن سالن کان تعمير نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب حادثا روز جو معمول بڻجي ويو آهن هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پڻ احتجاج ڪيو ويو هيو ۽ ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهر ٽوڙي جو گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن کي قرآن پاڪ جا واسطا ڏنا هئا روڊ ٺهرائي ڏيو پر هن وقت تائين ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪتو آهي هنن چيو ته هر سال روڊن رستن جي تعمير لاءِ سنڌ حڪومت اربين روپين جا فنڊ جاري ڪري ٿي پر گهوٽڪي ضلعي ۾ انڌير نگري چوپٽ راڄا وارو جهان هلندڙ آهي سموري رقم فرضي ڪمپنين جي نالن تي ڪرپشن جي نظر ٿي وڃي ٿي

بقايا 9 ’روزاني عبرت‘

ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ مختلف ضلعن مان زميندارن ۽ آبادگارن شرڪت ڪئي، انهي موقعي تي اڳواڻن مير مرتضيٰ اوٺو ڊاڪٽر شڪيل پلي، فدا چوهاڻ، عبدالرحمن دائوداڻي، خان محمد مري، ولايت ڪيريو ۽ ٻين چيو ته سنڌ اندر هٽ وٺي سنڌ جي معشيت کي تباهه ڪيو پيو وڃي ٻج پاڻ جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن جڏهن فصل لهڻ وقت انهي فصل جا اگهه نه هجڻ جي برابر هوندا آهن جنهن سبب آبادگار سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن، هنن چيو ته هن مهنگائي جي دور ۾ حڪومت کي گهرجي ته ننڍن آبادگارن کي ڊيزل ٻج پاڻ ۾ سبسڊي ڏني وڃي ، هنن چيو ته مل مافيا جي هڪ هٽي هجڻ ڪري شگر ملون وقت تي نٿيون هلايون وڃن جنهن سبب آبادگار ڪڻڪ جو فصل نٿا پوکي سگهن جي پوک کن ٿا ته مناسب اگهه نٿو ڏنو وڃي ان لاءِ اسان چئون ٿا ته شگر ملون پهرين نومبر کان هلائي ڪمند جو اگهه 600 روپيا مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، هنن وڌيڪ چيو ته سارڪ آبادگارن جي هڪ ننڍي تنظيم آهي اسان فيصلو ڪيو آهي ته زرعي ڪانفرنسون ڪوٺائي آبادگارن کي پيش ايندڙ مسئلن ۽ انهن حل لاءِ ڪردار ادا ڪريون، هنن چيو ته نقلي پاڻ ۽ زرعي دوائن جي وڪري جي حوالي سان اسان سنڌ حڪومت ٽوڙي ضلعي سطح تي خط لکي ڪارروائي لاءِ آگاهه ڪيو آهي

بقايا 10 ’روزاني عبرت‘

هال ۾ پارڪي ڪاٽي واپس موٽيو ته موٽر سائيڪل گم ٿي وئي

بقايا 11 ’روزاني عبرت‘

ڪري ڇڏي پوليس ذريعن ۽ ڪيريا برادري جي ذريعن مان مليل پيرائتي ڄاڻ موجب 26 ورهين جي نوجوان خالد حسين ڪيريو جيڪو سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاجي ڪيريو جو ويٺل آهي تنهن ڪجهه هفتا اڳ پنهنجي ماءُ مٿان سخت تشدد ڪيو جنهن بعد ماءُ پنهنجي مڙس سميت سخت احتجاج ڪندي پوليس آڏو دانهيو ته منهنجي پٽ خالد ڪيريو کي گرفتار ڪيو وڃي جنهن مون مٿان تشدد ڪرڻ بعد گهٽا ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ماءُ پيءُ جي دانهن نه ڪنهن پوليس ٻڌي ، نه برادري ٻڌي ۽ نه ئي ڪنهن چڱي مڙس ٻڌي نتيجي ۾ نوجوان جي چڙواڳي سبب رات سڪرنڊ جي پاڙي شيرواڻي ڪيريو ۾ سندس ئي پرڻيل ناري جيڪا سندس سئوٽ ۽ سالي پڻ ٿئي ان جي گهر ۾ داخل ٿيڻ بعد سندس ڪمري ۾ وڃي ڪيس پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو جنهن بعد ساڳئي ئي پسٽل سان پاڻ مٿان فائر ڪري زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو واقعي جو اطلاع ملندي ئي همدرد فري ايمبولينس سروس جي رسڪيو ٽيم اقبال رند جي اڳواڻيءَ ۾ واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي لاش تعلقہ اسپتال سڪرنڊ پهچايا جتي ڊاڪٽرن پاران موت جي تصديق ڪرڻ بعد ضروري ڪاغذي ڪارروائي ڪري لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيا ٻئي قتل جو بنيادي ڪارڻ خبر لکڻ تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوليس چواڻي ته اسين قتل يا خودڪشي بابت شاهدين وٺڻ ۽ واقعي جي مڪمل جاچ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون اميد آهي ته واقعي جي ڪارڻ تائين پهچي ويندااسين ياد رهي ته مبينہ قاتل ۽ خودڪشي ڪندڙ نوجوان خالد ڪيريو پاڻ به شادي شده هو جيڪو پنهنجي نوجوان زال کي بيوهه ڪري ويو ٻئي پاسي اهي پڻ چٽوپول آهن ته نوجوان خالد ڪيريو ڪافي وقت کان وٺي ذهني طور پريشان هو :

بقايا 12 ’روزاني عبرت‘

120 رپيا في ڪلو وڪرو ٿيندڙ هي سو هاڻي وڌي 200 کان 220 رپيا في ڪلو تائين پهچي ويو آهي جنهن سبب عام شهرين لاءِ گهر جو چلهه ٻارڻ به ڏکيو ٿيندو پيو وڃي مهانگائي سبب عوام اڳ ئي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته روزمره استعمال جي بنيادي ضرورتن وارين شين جي اگهن ۾ واڌ غريب ۽ وچولي طبقي جون ڏکيائون وڌائي ڇڏيون آهن هاڻي اٽي جي قيمت ۾ واڌ سبب غريب خاندانن لاءِ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيتن جو چوڻ آهي ته محدود آمدنيءَ ۾ گهر جا خرچ پورا ڪرڻ اڳ ئي مشڪل هئا، پر اٽي جهڙي بنيادي ضرورت واري شيءِ جي قيمت ۾ واڌ سندن پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي شهرين ڊپٽي ڪمشنر ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اٽي جي اگهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ اپراءَ قدم کنيا وڃن ۽ عوام کي مناسب اگهن تي اٽي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، جيئن غريب طبقي کي وڌيڪ معاشي ڏکيائين کان بچائي سگهجي

بقايا 13 ’روزاني عبرت‘

روپيا روڪ موٽرسائيڪل ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا ڏيلار ويجهو ڏيارام ڪولهي وارياڻه سوري ويجهو جميل پهوڙ کان 25 هزار ڪيش موبائل فون ۽ ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ ڏنگ پٽڻ ويجهو غلام نبي شاهه جي رهواسي يونس هاليپوٽو کان موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ کيسيءَ ۾ پيل رقم ڦر ڪري ويا ڌاڙو ٿيلا ڦر جي واقعن سبب علائقي جا رهواسي خوف ۽ ڇڪتي ۾ مبتلا ٿي ويا آهن پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود ڌوهارين جو پتو نه پيو آهي ۽ ڪنهن به واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو آهي

بقايا 14 ’روزاني عبرت‘

تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي شاعر مسڪين سمي، فقير محمد اٺڙ حنيف لغاري، فرهاد جروار صحافي غلام رسول درس، غلام رسول نهڙيو ۽ ٻين چيو ته محمد علي ميرجت اسان کان وڇڙيو آهي پر وسريو ناهي هو سنڌس شاعري جي روپ ۾ اسان سان هر وقت گڏ آهي، هنن چيو ته محمد علي ميرجت ننڍي ڄمار ۾ وڏو شاعر هو جنهن شاعري ۾ پيار محبت امن ثقافت ۽ ڌرتي سان محبت سميت ڪيترائي رنگ نظر اچن ٿا هن هميشه سنڌ جي مظلوم ماڻهن ۽ ڪڪارن ڳهرن تي شاعري ڪئي، هنن چيو ته محمد علي ميرجت جو وڇڙڻ ادبي دنيا لاءِ هڪ خال آهي محمد علي ميرجت سنڌي ادبي سنگت سان ڪافي وقت تائين سلهاڙيل رهيو ادبي ٻئي لاءِ سنڌس وڏيون خدمتون شامل آهن، هنن چيو ته جلد محمد علي ميرجت جي شاعري جي ڪتاب جي مهورت ڪئي ويندي، ميڙاڪي ۾ محمد علي ميرجت جي ڀائرن دلدار ميرجت فرزند اصغر ميرجت ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي آخر ۾ ايصال ثواب لاءِ دعا پڻ گهري وئي

بقايا 15 ’روزاني عبرت‘

پاران صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي کي سنڌ جي ثقافت جي علامت اجرڪ ۽ ٽوپي ويو جڏهن ته اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا ان موقعي تي موجود ماڻهن پاران سندس شاندار آجياڻو ڪيو ويو. آجياڻي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت صوبي ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. جڏهن ته بيروزگاري جي خاتمي ۽ نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ميرٽ جي بنياد تي لکين پڙهيل لکيل نوجوانن کي روزگار ڏنو ويو آهي هن چيو ته سنڌ جي بيروزگار نوجوانن لاءِ جلد هڪ کان چار گريڊ جون نوڪريون ڏيڻ بابت آرڊر جاري ڪيا ويندا، جن ۾ ضلعي سطح تي ڊوميسائل رکندڙ نوجوانن کي موقعا فراهم ڪيا ويندا. تقريب ۾ پ پ تعلقي صدر حاجي محمد قريشي، پ پ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري منظور پليجو الهبخش ٻارڻ، دلدار احمد سميجو اڪبر رحمان ٿهيم عبدالشڪور لوهان ارسلان ميمڻ حاجي هارون ٿهيم سميت علائقي جا معززين ۽ سياسي اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 16 ’روزاني عبرت‘

ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي انعام ڏنا ويا ڪاليج جي پرنسپال برگيڊيئر (ر) غلام رضا ايس آءِ (ايم)، بيڊمنٽن ۽ باسڪيٽ بال چيمپيئن شپ جي فاتح شاگردن ۾ انعام ورهايا. ان موقعي تي هن شاگردن جي راندين واري جذبي، محنت، پابنديءَ ۽ شاندار ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو تقريب دوران ايڊووڪيٽ امداد خميساڻي جي پٽ شاهزين خميساڻي بيڊمنٽن چيمپيئن شپ کٽي ورتي سندس ڪاميابيءَ کي محنت، لگن ۽ راندين ۾ صلاحيتن جو مظهر قرار ڏنو ويو تقريب جو مقصد شاگردن ۾ جسماني تندرستي، ٽيم ورڪ، نظم ۽ ضبط ۽ قيادت جون صلاحيتون اجاگر ڪرڻ هو ڪاليج انتظاميا شرڪت ڪندڙ شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي کين تعليم سان گڏ راندين جي ميدان ۾ به وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ لاءِ همٿايو

بقايا 17 ’روزاني عبرت‘

145000 في ڪلو تي پهچي چڪي آهي . جيڪا بلند سطح آهي جڏهن ته غريب ماڻهو جيڪو مزدوري ڪري اهو اٽو وٺي يا بيو کاڌڻ پيئڻ جو سامان وٺي هن چيو ته سنڌ سرڪار جي غلط پاليسن جي ڪري اٽو اٿلپ ٿي ويو آهي هن چيو ته 12هزار سٹو ۾ ڪڻڪ جي بوري سرڪار اشو ڪندي ته اهو اٽو 170 روپيا في ڪلو ٿيندو عبدالسميع پنهري چيو ته هڪ سٹو ڪلو واري بوري مان مٽي نڪرندي فوڊ ڊيپارٽمينٽ رشوت وٺندي فلور مل وارو ڪڻڪ گودام تان کڻائي ويندو . ته گودام وارو الڳ رشوت وٺندو ته پاڙو ڪرائو لاهي چاڙهيءَ جي ڪري اٽي جوڪلو 170 کان 175 روپيا تي ٿي ويندو هن چيو ته حڪومت کي ماڻهن کي سبسڊي ڏي ۽ ڪڻڪ جي بوريءَ جو ريٽ 8هزار روپيا ڪري ته تڏهن وڃي اٽي جو ڪلو120 روپيا ڪلو ٿيندو هن چيو ته سنڌ حڪومت جا صلاحڪار حڪومت کي جيڪي صلاحتون ڏين ٿا انهي جي ڪري اٽي جي مهنگائي ٿي ٿيڻ هن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر اٽي جي ريٽ تي عمل ڪرائن تي جيئن مزدور ماڻهن کي ريليف ملي

بقايا 18 ’روزاني عبرت‘

عسڪري، عزيز بروهي، محمد علي خشڪ دودو ديشي مولا بخش ڦليوٽو منور نوناري، راجہ سومرو غلام شبير حيدري، محمد امين سيال علي بخش سولنگي رونق ڦليوٽو قربان بروهي زاهد پلاڻ ۽ علي زهري سميت شهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي باٻهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته "رڏن اڳيان رباب وڄائيندي ورهيه ٿيا" واري چوڻيءَ وانگر گذريل اٺن سالن کان باٻهر جا رهواسي پنهنجي جائز ۽ ديرينا مطالبي جي مڃتا لاءِ روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهن پر سنڌ حڪومت ۽ چونڊيل نمائندا شهرين جي آواز تي ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهن هنن چيو ته مسلسل احتجاج باوجود باٻهر کي تعلقي جو درجو نه ملڻ شهرين سان ناانصافي آهي هنن چيو ته باٻهر جي پسگردائيءَ ۾ ڪيترن ئي اهڙن شهرن کي تعلقي جو درجو مليل آهي جيڪي آبادي ۽ ايراضيءَ جي لحاظ کان باٻهر کان ننڍا آهن پر تنهن هوندي به باٻهر کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي، جيڪو عمل شهرين سان سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته شهر جي ڪنهن هڪ اڌ روڊ جي تعمير يا مرمت کي باٻهر جي حقيقي ترقي قرار نه ٿو ڏئي سگهجي باٻهر واسين جو يقين آهي ته شهر جي اصل ترقي، خوشحالي ۽ بنيادي مسئلن جي حل جو اهم رستو باٻهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ آهي جنهن سان انتظامي سهولتن جي فراهمي ۾ مدد ملي سگهي ٿي هنن گهر ڪئي ته جلد باٻهر کي تعلقي جو درجو ڏئي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي

بقايا 19 ’روزاني عبرت‘

علاج دوران فوت ٿي وئي جنهن سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي فوتي عورت جي پيءُ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته رات دير سان گهر اندر رحيمان کي نانگ ڪکي ويو جنهن بعد ڪيس فوري طور تعلقہ اسپتال جاتي پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن ضروري ٽيسٽون ڪرڻ بعد نانگ جي زهر جو اثر ختم ڪرڻ لاءِ انجيڪشنون لڳائي علاج شروع ڪيس پر علاج دوران سنڌس ڌيءُ زندگي جي جنگ هارائي وئي هوڏانهن اسپتال ۾ موجود ڊيوٽي ڊاڪٽر ٻڌايو ته نانگ ڪکيل عورت کي زهر جو اثر ختم ڪرڻ لاءِ اينٽي وينم جون وائلون لڳائي علاج جاري رکيو ويو پر جسم ۾ زهر جو اثر وڌي وڃڻ سبب عورت فوت ٿي وئي واقعي کانپوءِ فوتي عورت جي وارثن ۾ ڏک ۽ غم جي لهر ڇانئيل آهي

بقايا 20 ’روزاني عبرت‘

طرفان گسٽا اڳواڻن کي جبري رٽائر ڪري مختلف سزائون ڏيڻ ٽوڙي سنڌن ميڊيا ٽرائل واري عمل خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي گسٽا اڳواڻن ممتاز علي شاهاڻي، دلدار علي چانڊيو عبدالحميد ابڙو ساجد علي خاصخيلي عبداللطيف عمراڻي ۽ ٻين الزام لڳائيندي چيو ته اٽڪل مهينو اڳ ڊائريڪٽر سيڪنڊري گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول رحمت پور جي ايس ايچ ٽي استاد گسٽا تعلقي صدر نظر محمد مغيري جي جبري رٽائرڊ ڪري گسٽا يونٽ سينٽ جوزف هاءِ اسڪول جي اڳواڻن نياز حسين سومرو ۽ سجاد حسين جعفري جي ٽن ٽن سالن جون ساليانا انڪريمينٽس ختم ڪري ڇڏيون جن الزامن تحت گسٽا اڳواڻن کي رٽائرڊ ڪري سزائون ڏنيون ويون آهن انهن جا ڪي به واضح ثبوت ناهن ان مان ظاهر آهي ته تعليم کاتي جا آفيسر گسٽا اڳواڻن کي نشانو بڻائي لاڙڪاڻي جي تعليم کي هٿ وٺي تباهي طرف ڌڪي گسٽا اڳواڻن جي سوشل ميڊيا ذريعي ڪردار ڪشي ڪري رهيا آهن

بقايا 21 ’روزاني عبرت‘

سان گڏ مورو ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي آفيس ۽ مختلف غير سرڪاري سماجي تنظيمن جي آفيسن جو دورو ڪيس جتي جاري سرگرمين جو جائزو وٺڻ سان گڏ سماجي ڪمن بابت معلومات حاصل ڪئي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر مورو آصف ڪنڪ آفيسرن کي پنهنجي آفيس ۽ تعلقي مورو ۾ ڪم ڪندڙ مختلف سماجي تنظيمن جي سرگرمين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي آفيسرن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته لاڳاپيل سماجي ادارا رجسٽريشن جو عمل مقرر ڪيل قاعدن ۽ ضابطن موجب مڪمل ڪن ته جيئن کين رجسٽريشن جي سلسلي ۾ ضروري رهنمائي ۽ سهولتون فراهم ڪري سگهجن

بقايا 22 ’روزاني عبرت‘

اينٽي ڪرپشن کي آر او پلانٽس ذريعي پاڻي جي فراهمي ۽ پاڻي نيڪال جون اسڪيمون اڌوريون رهڻ ۽ غير معياري ڪم ٿيڻ جون شڪايتون مليون جنهن بعد اينٽي ڪرپشن پاران آر او پلانٽس ۽ ترقياتي منصوبن جي تڪميل ۽ ڪارڪردگي بابت رڪارڊ طلب ڪيو ويو آهي اينٽي ڪرپشن پاران لاڳاپيل آفيسرن کي اڄ 12 آڪٽوبر تي طلب ڪيو ويو آهي اينٽي ڪرپشن پاران پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي منصوبن جا ٽينڊر منظوريون ٺيڪن ۽ ادائيگين جو رڪارڊ طلب ڪيو ويو آهي جڏهن ته فعال ۽ غير فعال اسڪيمن جي تفصيلن سميت ٺيڪيدارن ۽ منصوبن تي خرچ ٿيل فنڊن جو رڪارڊ پڻ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ذريعن موجب اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ پاران ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ کي لاڳاپيل دستاويزن سميت پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي اينٽي ڪرپشن جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آصف علي راڄپر پاران اڄ 12 آڪٽوبر تي منجهند 12 وڳي پيش ٿيڻ جو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جي اسڪيمن بابت شڪايتن جي تصديق لاءِ لاڳاپيل رڪارڊ ۽ آفيسرن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويندا

بقايا 23 ’روزاني عبرت‘

جي سڃاڻپ ۽ ڪوائف جي تصديق لاءِ بايوميٽرڪ تصديق ڪئي وئي، جڏهن ته 7 شڪي ماڻهن کي حراست ۾ وٺي جاچ لاءِ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو پوليس ترجمان موجب سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي رات دير سان ڪيل آپريشن ۾ ايس پي بلديا ڊويزن سمورن ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايچ اوز وڏي پوليس نفري سان گڏ حصو ورتو آپريشن دوران آئل انسٽاليشن ايريا جي پرپاسي وارن علائقن جا داخلا ۽ نڪرڻ وارا رستا بند ڪري گهر گهر تلاشي ورتي وئي. ترجمان موجب ڪارروائي دوران ابراهيم ۽ شاهد خان نالي ٻن هٿياربند ماڻهن کي غيرقانوني هٿيارن سميت گرفتار ڪري سنڌن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ڪيماڙي پوليس موجب، سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشن جو مقصد شڪي عنصرن جي نشاندهي ڏوهاري ماڻهن جي چرپر کي روڪڻ ڏوهارين جي گرفتاري ۽ اهم تنصيبات جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ آهي

بقايا 24 ’روزاني عبرت‘

سياست شروع ٿيڻ بدامني، قتل ۽ غارت گيري ۽ ٻولي، ٽوڙي قوميت جي نالي تي بيگناهه ماڻهن جو رت وهائڻ سبب ڪراچي زوال طرف وڃڻ لڳو پاڪستان پيپلز پارٽي قومي سياست تي يقين رکي ٿي ۽ اسان ماڻهن کي قوميت، ٻولي، مذهب يا مسلڪ جي بنياد تي ورهائڻ جو تصور به نٿا ڪري سگهون. ڪراچي کي ترقي ۽ ڦرائڻ لاءِ شهر مان نفرت، تعصب ۽ ورهاست واري سياست جو خاتمو ضروري آهي اهڙو اظهار گذريل ڏينهن ضلعي ڪورنگي ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي انفارميشن سيڪريٽري انجنيئر ملڪ شاهه زين ۽ ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان جامي جي اڳواڻيءَ ۾ مختلف يو ايس جي عهديدارن ڊميوارن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت جي موقعي تي منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب کي پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري رؤف احمد ناگوري، ڪورنگي ڪائون جي چيئرمين محمد نعيم شيخ ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو صوبائي وزير سعيد غني مسلم ليگ فنڪشنل ڇڏي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندڙ انجنيئر ملڪ شاهه زين، عبدالرحمان جامي ۽ ٻين اڳواڻن ٽوڙي ڪارڪنن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا دروازا ٻين سياسي جماعتن جي ڪارڪنن لاءِ کليل آهن. مختلف سياسي جماعتن جا اڳواڻ ڊميوار ۽ ڪارڪن وڏي انگ ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿي رهيا آهن. جنهن سان نه رڳو پارٽي مضبوط ٿي رهي آهي، پر شهر جي عوام کي پڻ فائدو پهچي رهيو آهي هن چيو ته اڄ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندڙ اڳواڻن ۾ ضلعي ڪورنگي جو ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان جامي، انفارميشن سيڪريٽري انجنيئر ملڪ شاهه زين نائب صدر عقيل انصاري، جوائنٽ سيڪريٽري فيصل حارث ضياءِ محمد ارسلان شيخ ملڪ شاهه مير ۽ قاري سليم عزيزي شامل آهن اهڙيءَ طرح يو ايس 92 جو نائب صدر فرقان شيخ، انفارميشن سيڪريٽري بلال خان ۽ سينيئر ڪارڪن آصف شاهه پڻ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا. يو ايس 93 مان صدر عمران قريشي سينيئر نائب صدر سهيل قريشي، نائب صدر شهزاد ۽ جنرل سيڪريٽري اعجاز آرائين پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. يو ايس 94 مان صدر احمد شاهه جنرل سيڪريٽري دلاور جدون، نائب صدر محمد حماد انصاري، عمران خان، صفدر شاهه دانش قاسم ۽ رحمان ملڪ علي ملڪ ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري مظفر قريشي ۽ آفيس سيڪريٽري نويد پڻ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا. ان کانسواءِ يو ايس 95 جي اڳوڻي صدر اڪبر چانگ ۽ يو ايس 96 جي ڊاڪٽر رجب علي پنهنجي سمورن ساٿين ۽ عورت ڪارڪنن سميت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني وڌيڪ چيو ته ضلعي ڪورنگي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي اڳ کان وڌيڪ مضبوط ٿي آهي ۽ نون ساٿين جي شموليت سان پارٽي وڌيڪ سگهاري ٿيندي هن چيو ته ڪراچي ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان پيپلز پارٽي مضبوط ٿي رهي آهي اسان سمجهون ٿا ته نون ساٿين جي شموليت سان پارٽيءَ جي طاقت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو جڏهن ته اهو سلسلو ڪافي عرصي کان جاري آهي ۽ مختلف سياسي جماعتن جا اڳواڻ ڊميوار ۽ ڪارڪن وڏي انگ ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿي رهيا آهن هن چيو ته ڪورنگي ڪائون جو چيئرمين محمد نعيم شيخ پڻ تحريڪ انصاف ڇڏي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ اڄ ڪائون جو چيئرمين آهي اهڙيءَ طرح ايم ڪيو ايم، مسلم ليگ ن جماعت اسلامي ۽ ٻين سياسي جماعتن مان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندڙ ڪيترائي ساٿي اڄ پارٽيءَ ۾ اهم عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن صوبائي وزير چيو ته انهن شموليتن جي نتيجي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ۾ اڳ کان وڌيڪ مضبوط ٿي آهي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ پارٽيءَ جي سيٽن ۾ اضافو ٿيو آهي جڏهن ته مڪاني چونڊن ۾ پڻ وڏي اڪثريت سان ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون آهن ڪراچي ۾ پهريون ڀيرو پيپلز پارٽيءَ جو ميئر چونڊجي آيو ۽ ڪائونز ۾ پڻ پارٽيءَ سڀ کان وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪيون سعيد غني چيو ته ڪورنگي ۽ بلديہ ڪائون ۾ پيپلز پارٽيءَ جا چيئرمين ڪامياب ٿيا، جڏهن ته ڪراچي ۾ 100 کان وڌيڪ يونين ڪميٽين جا چيئرمين پڻ پيپلز پارٽيءَ جا چونڊيا ويا هن ماضيءَ جي سياسي صورتحال جو ذڪر ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ اڳ ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي جون حڪومتون رهيون ۽ انهن جا ميئر ٽوڙي سٽي ناظم به رهيا، پر خاص طور تي ايم ڪيو ايم جي دور ۾ شهر ۾ لساني فرق وڌائڻ ۽ تعصب کي هٿي ڏيڻ جون ڪوششون ڪيون ويون

بقايا 25 ’روزاني عبرت‘

فيصلو ڪيو آهي سنڌ جي رانديين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ ڊسٽرڪٽ ويسٽ اٽر ڪلب اينڊ پيرا ٽائيڪوانڊو چيمپيئن شپ 2026ع منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ رانديين ۽ نوجوانن جي معاملن واري سيڪريٽري منور علي مهيسر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي هن شاندار ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ خاص رانديگرن لاءِ 50 هزار روپيا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو تقريب ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر آصف موسيٰ، راندين واري ڊائريڪٽر اسد اسحاق، ڊي ايس او ويسٽ محمد عثمان ۽ ٻين شخصيتن سميت 100 کان وڌيڪ خاص ٻارن شرڪت ڪئي. راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته خاص ٻارن ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن جن کي مناسب موقعا، همٿ افزائي ۽ سرپرستي فراهم ڪري راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌائي سگهجي ٿو هن چيو ته راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي سنڌ حڪومت خاص رانديگرن جي سرپرستي ڪرڻ سنڌن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ راندين جي واڌاري لاءِ پرعزم آهي چيمپيئن شپ ۾ پاڪستان جي عالمي سطح جي پيرا ايٿليٽ سائره پڻ شاندار راند جو مظاهرو ڪيو راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري سائره سميت ٻين نمايان رانديگرن جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو ۽ سندن حوصلا افزائيءَ لاءِ 50 هزار روپيا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو چيمپيئن شپ جي ڪلب ڪيٽيگريءَ ۾ يونيورسل ٽائيگرز اڪيڊمي، پيرا اسپيشل ڪيٽيگريءَ ۾ KVTC، جڏهن ته اسڪول ڪيٽيگريءَ ۾ الائيڊ اسڪول پهرين پوزيشن حاصل ڪئي تقريب جي پڄاڻيءَ تي نمايان ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ رانديگرن ۾ ٽرافيون سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊل ورهايا ويا.

بقايا 26 ’روزاني عبرت‘

جي پاڻيءَ جي معيار بابت ليبارٽري ٽيسٽ رپورٽون جاري ڪندي چيو آهي ته ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ گدلاڻ بابت خبرون غير تصديق ٿيل آهن سنڌ جي آبپاشي کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪلري بگهار ڊويزن ٺٽو مزمل ميمڻ موجب ڪينجهر ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ آلودگيءَ بابت سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبرون حقيقتن جي ابتڙ آهن ڍنڍ جي پاڻيءَ جي معيار جي باقاعدگيءَ سان نگراني ڪئي پئي وڃي هن ٻڌايو ته ڪينجهر ڍنڍ ۽ ڪراچيءَ کي پاڻي فراهم ڪندڙ ڪي جي ڪينال جي پاڻيءَ جي معيار جي روزاني بنيادن تي جاچ ڪئي ويندي آهي. جڏهن ته ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جي آمد جو مکيه هنڌ ليڪ ريگيوليٽر آر ڊي 2.4 مڪمل طور کليل آهي ليبارٽري رپورٽ موجب ڪينجهر ڍنڍ جي مرڪزي هنڌ تي پاڻيءَ جي پي ايڇ (pH) جي سطح 8.3 رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته پاڻيءَ ۾ ٽي ڊي ايس (TDS) جو مقدار 350 ملي گرام في ليٽر رڪارڊ ٿيو اهڙيءَ طرح ڪي جي ڪينال جي هيڊنين رهڪري واري هنڌ تي پاڻيءَ جي پي ايڇ (pH) جي سطح 8.4 رڪارڊ ڪئي وئي سنڌ جي آبپاشيءَ کاتي جي آفيسر مزمل ميمڻ جو چوڻ هو ته ڪراچيءَ کي فراهم ٿيندڙ پاڻيءَ جي معيار جي پڻ باقاعدگيءَ سان نگراني ڪئي پئي وڃي. پاڻيءَ ۾ جانچيل ڪيميائي جزن جو مقدار عالمي اداري صحت (WHO) جي مقرر ڪيل حدن اندر آهي تنهن ڪري ليبارٽري رپورٽون ڪينجهر ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ آلودگيءَ بابت گردش ڪندڙ خبرن جي تصديق نٿيون ڪن آبپاشي کاتي جي آفيسر جو چوڻ آهي ته عوام غير تصديق ٿيل خبرن ۽ افواهن تي يقين ڪرڻ کان پاسو ڪري ۽ پاڻيءَ جي معيار بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مستند سرڪاري ذريعن تي ڀروسو ڪري ڪينجهر ڍنڍ ۽ ڪراچيءَ کي پاڻي فراهم ڪرڻ واري نظام جي مسلسل نگراني جاري رهندي

بقايا 27 ’روزاني عبرت‘

پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ الزامن کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو ته منشيات فروشن ۽ اسمگلرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون جاري رهنديون. جڏهن ته ڪوڙا الزام دٻاءُ ۽ ڌمڪيون کين قانوني فرضن جي ادائيگي کان پوئتي هٽائي نٿا سگهن پريس ڪانفرنس دوران انسپيڪٽر يعقوب ڊي ڊي صدام حسين عباسي، نزاڪت ٿيٻي سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. اي ٽي او قمرالدين سيال پنهنجي موقف ۾ چيو ته هو اڄ انچارج نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ جي حيثيت سان گڏ هڪ عوامي خدمتگار جي حيثيت ۾ به پنهنجو موقف پيش ڪري رهيا آهن سنڌس چوڻ موجب، ايمانداري ۽ قانون مطابق فرض ادا ڪرڻ سبب کيس ڪجهه ڏينهن ۾ بدنيتي تي ٻڌل الزامن ۽ منفي مهم جو منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن چيو ته مٿس لڳايل الزام بي بنياد آهن جن جو مقصد سنڌس ساک کي نقصان پهچائڻ، کاتي جي ڪارروائين کي ڪمزور ڪرڻ ۽ منشيات جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن تان ڌيان هٽائڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته هن پنهنجي ملازمت دوران هميشه اداري جي قاعدن ۽ ضابطن ٽوڙي ملڪ جي قانونن مطابق پنهنجا فرض ادا ڪيا آهن ۽ منشيات جي اسمگلرن ۽ وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائين ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي اي ٽي او قمرالدين سيال وڌيڪ چيو ته منشيات جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف سخت ڪارروائين سبب ان ڪاروبار ۾ ملوث عنصر پريشان آهن سنڌس دعوي موجب، جڏهن کيس فرضن تان پوئتي هٽائڻ جون ڪوششون ڪامياب نه ٿيون ته مبينا طور کيس دٻاءُ ۾ آڻڻ ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مختلف قدم کنيا ويا. هن دعويٰ ڪئي ته تازو منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن پاران سنڌس آبائي گهر تي حملو ڪيو ويو جنهن جو مقصد کيس ۽ سنڌس گهرڀاتين کي خوفزده ۽ هراسان ڪرڻ هو سنڌس چوڻ هو ته واقعي بابت لاڳاپيل مقامي ٿاڻي کي اطلاع ڏنو ويو آهي ۽ واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي جاري آهي اي ٽي او قمرالدين سيال چيو ته گهر تي حملي يا بي بنياد الزامن ذريعي کيس پنهنجي مقصد تان هٽائي نٿو سگهجي هو پنهنجي ملازمت، ذميوارين ۽ حلف جي تقاضائن تي پوريءَ ريت پابند آهي ۽ ڪنهن به دٻاءُ يا ڌمڪي جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري رکندو هن چيو ته منشيات جي لعنت نوجوان نسل ۽ معاشري جي مستقبل لاءِ هڪ سنگين خطرو آهي. ٻارن ۽ نوجوانن کي هن تباهه ڪندڙ ڪاروبار کان محفوظ رکڻ گڏيل ذميواري آهي. تنهنڪري منشيات جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروايون جاري رکيون وينديون آخر ۾ اي ٽي او قمرالدين سيال واضح ڪيو ته هو قانون جي بالادستي، شفافيت ۽ عوامي خدمت جي اصولن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندا ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪندا رهندا

بقايا 28 ’روزاني عبرت‘

محمد ڪاشف گجراتي ۽ ياسر عرف درويش کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو رينجرز جي ترجمان موجب، گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن رينجرز موجب گرفتار جوابدارن جو تعلق عبدالصمد ڪاٺياواڙي گروپ سان آهي، جيڪي ضلعي سينٽرل ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ واپارين ۽ بلڊرن کي ڀتي لاءِ ڌمڪيون ڏيڻ ۾ ملوث هجڻ جو الزام آهي ڀتو نه ڏيڻ تي ڪاروباري مرڪزن تي فائرنگ جي ڪيترن ئي واقعن ۾ به جوابدارن جي ملوث هجڻ جو الزام آهي ترجمان موجب، جوابدار ڪاشف گجراتي ڀتي جي وصولي سان گڏ اسٽريٽ ڪرائيم جي وارداتن ۾ به ملوث آهي جوابدارن اپريل 2026ع ۾ ناظم آباد ۾ جي رينٽ اي ڪار تي فائرنگ واري واقعي ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ڪيو آهي جڏهن ته آگسٽ 2026ع ۾ نيو ڪراچي جي گو جاجا سوئيٽس ۽ ڪٽري برياڻي جي ريڪي ڪري ويڊيوز گروپ جي سربراهه ڏانهن موڪلڻ جو پڻ انڪشاف ٿيو آهي جوابدار ياسر عرف درويش 2020ع کان ڀتي جي وصولي ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو الزام آهي

بقايا 29 ’روزاني عبرت‘

اڪبر شاهه ڳوٺ جي ويجهو پاڻ ۾ جهيڙي جي دوران ٻن ڌرين جي وچ ۾ فائرنگ جي دوران گوليون لڳڻ جي نتيجي ۾ 60 سالن جو پيرسن طيب پٽ قاري پير محمد قتل ٿي ويو آهي مقتول جو لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي گوليمار جي علائقي جهانگير آباد عثمانيا ڪالوني ۾ واقع دادو وليج ۾ ڇت تان پراسرار نموني ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 45 ورهين جو عبدالله فوت ٿي ويو آهي رسالا ٿاڻي جي حد سول اسپتال ويجهو ملڪ بيڪري جي لڳ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ 26 سالن جو شايان ولد شريف فوت ٿي ويو آهي سپر هاءِ وي تي واقع بائيڪو پمپ جي ويجهو روڊ حادثي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو ۽ سهراب ولد جاني زخمي ٿيو سپر هاءِ وي تي چاڪر هوٽل جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ واڱهو عورت 25 سالن جي موبل زال ارشد فوت ٿي وئي آهي ڊيفنس فيز 8 خيابان ڪيپو ابو طالب امام بارگاهه جي ويجهو تيز رفتار ڪار جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 57 سالن جو محمد ياسين ولد محمد صديق فوت ٿي ويو آهي ٻئي پاسي بنارس پٺاڻ ڪالوني جي رياني محلي ۾ رياني مسجد لڳ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ 22 سالن جي عورت سلما زخمي ٿي نارٿ ڪراچي سيڪٽر 4C ۾ انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ شاهويز زخمي ٿيو لياري جي علائقي ڪلاڪوٽ مارڪيٽ ميمڻ سوسائٽي ۾ انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ سبطين زخمي ٿيو بلديا اتحاد ٽائون جي علائقي محمد خان ڪالوني ايس 8 بس اسٽاپ جي ويجهو فائرنگ ۾ شهريار ولد عارف زخمي ٿيو اتحاد ٽائون خيبر چوڪ محمد خان ڪالوني ويجهو فائرنگ ۾ فرمان خان پٽ رسول بخش زخمي ٿيو

بقايا 30 ’روزاني عبرت‘

موٽرسائيڪل مٿان چڙهي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ چڪ واسي 6 ورهين جو معصوم ٽينگر غلام علي پٽ شهمير جاگيراڻي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته سنڌس پيءُ شهمير جاگيراڻي معجزاتي طور محفوظ رهيو حادثي کانپوءِ علائقي واسين ٽرڪ جو پيڇو ڪري ڊرائيور سميت ٽرڪ کي پڪڙي ورتو جڏهن ته اطلاع تي فيض گنج پوليس پهچي ٽرڪ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو حادثي کانپوءِ معصوم ٽينگر جو پيءُ پنهنجي گلن جهڙي ٻچڙي جي لاش جا ٽڪرا گڏ ڪري رلي ۾ رکندي دانهون ڪندو رهيس جنهن سبب علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي. هوڏانهن مهراڻ هاءِ وي تي جاري تعميراتي ڪم سبب روڊ جا ٻئي پاسا کوٽيل ۽ وڏا کڏا هجڻ ڪري حادثا روز جو معمول بڻيل آهن واقعي کانپوءِ ڪامريڊ مرتضيٰ شر اشرف شر ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ هيوي ٽريفڪ بند نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن چيو ته عدالتي حڪم باوجود مهراڻ هاءِ وي تي هيوي ٽريفڪ هلندڙ آهي جنهن سبب معصوم ٻارڙن سميت مسافرن جون حياتيون خطري ۾ پئجي ويون آهن هنن الزام هنيو ته روڊ اڃا مڪمل تيار به نه ٿيو آهي پر ٺانڊي ۽ ٺنگريجا وٽ ٽول ٽيڪس قائم ڪري وڏين گاڏين کي اچ وڃ جي اجازت ڏني پئي وڃي هنن مطالبو ڪيو ته مهراڻ هاءِ وي تان هيوي ٽريفڪ جي آمدرفت بند ڪرائي، روڊ جي تعمير جو ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي ۽ مسافرن جون قيمتي جانيون بچائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن آخري اطلاعن تائين حادثي جو ڪيس داخل نه ٿيو آهي

بقايا 31 ’روزاني عبرت‘

موٽر سائيڪلن ۽ پيادل ايندڙ ويندڙن کي رستو ڏسڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، جنهن سان حادثن جو خطرو وڌي وڃي ٿو ۽ انساني زندگيون خطري ۾ پئجي سگهن ٿيون تعلقي گمبٽ انتظاميا ۽ ٽريفڪ پوليس کان مطالبو آهي ته اهڙين لائيٽن جي غيرقانوني استعمال جي جاچ ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن روڊن رستن تي سفر ڪندڙ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي عوام جي حفاظت لاءِ قدم کڻي حادثن کان بچايو وڃي.

بقايا 32 ’روزاني عبرت‘

هڪ لک روڪ رقم ۽ ٽئين ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. وارداتن کانپوءِ شهرين ۾ ڇڪتيءَ جي لهر ڇانئيل آهي. شهرين پاران پوليس کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ڦر جي وارداتن جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل رقم موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڦورن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 33 ’روزاني عبرت‘

ڪلب ٺٽو جي اڳڻ تي منعقد ڪرايل ميڙاڪي ۽ تقريب کي خطاب ڪندي مقرر اديبن شاعرن ليکڪن ۽ سياسي اڳواڻن گذريل 18 مئي 2026ع تي لاڏاڻو ڪري ويل سنڌ جي سرموڙ شاعره آپا مريم مجيدي کي وطن پرست ۽ سنڌ جي مزاحمتي انقلابي شاعره قرار ڏنو ان موقعي تي اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو خطاب ڪندي چيو ته آپا مريم مجيدي نه صرف لاڙ پٽ جي پر پوري سنڌ جي ڪوي شاعره هئي جنهن جتي جماليات جي شاعري ڪئي اتي سنڌ جي اهم اشوز کي پنهنجي شاعري جو محور بڻائي عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي سنڌس وڇوڙي سان وڏو خال پيدا ٿيو آهي. سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي خطاب ڪندي چيو ته آپا مريم مجيدي جي شاعري جا لفظ سنڌ جي مٽي جي خوشبو ڌرتي جي محبت ۽ انساني احساسن جي عڪاسي ڪن ٿا اهڙيون ادبي شخصيتون وقت جي رهڪري ۾ گم ناهن ٿينديون پر پنهنجي تخليق ذريعي ايندڙ نسلن جي دلين ۾ زنده رهنديون آهن تقريب کي خطاب ڪندي خوبصورت شاعر خير محمد کوري، ناليواري محقق تاريخدان ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر سهيل مجيدي، شاعره گل بيبي شاهه اياز امر شيخ علي محمد پروين اقبال شاهين نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جي صدر محبوب بروهي، سنڌي ادبي سنگت مڪلي جي اڳواڻ رمضان ميمڻ مجيد جماري، راقم سلطانہ نور سرائي، امر خورشيد، مارو خشڪ محمد بارڻ زبير جعفراڻي، خالده ماڪ خشڪ ڊاڪٽر منير جعفراڻي ۽ ٻين چيو ته آپا مريم مجيدي رڳو هڪ نالو نه پر سنڌي ادب جي سونهن فڪر ۽ احساس جو هڪ خوبصورت حوالو آهي اهڙيون شخصيتون جسماني طور اسان کان وڇڙي وڃن ٿيون پر سنڌن لفظ سنڌن سوچ ۽ ادبي پورهيو هميشه زنده رهندو آهي آپا مريم مجيدي ڀلي جسماني طور اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو پر سنڌس شاعري ۽ علم و ادب لاءِ ڪيل خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو ان موقعي تي تقريب ۾ خدا ڏنو ٿارائي ۽ انور آرزو وائي ۾ شعر ٻڌايا جڏهن ته ناليواري راڳي روشن جوڻيجو راڳ پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو

بقايا 34 ’روزاني عبرت‘

گٽڪن سميت، جوابدار عبدالخالق کي شراب سميت، ڏوڪري ٿاڻي جي حد مان آءِ آر لسٽيڊ جوابدار فهيم کي 5 ڪلو 570 گرام گٽڪن سميت، جوابدار ساجد کي 560 گرام گٽڪن سميت، فتح پور ٿاڻي جي حد مان جوابدار عبدالعزيز کي شراب سميت، وليد ٿاڻي جي حد مان آءِ آر لسٽيڊ جوابدار شاهد کي 4 ڪلو ڀنگ سميت، تعلقہ ٿاڻي جي حد مان آءِ آر لسٽيڊ جوابدار رياض کي گٽڪن سميت، 2 جوابدارن راحب ۽ وحيد کي شراب سميت، رتوديرو ٿاڻي جي حد مان جوا کيڏڻ ۾ ملوث 2 جوابدارن نوشاد ۽ بهادر کي، سيهڙ ٿاڻي جي حد مان جوابدار وحيد کي بنا لائسنس پسٽل ۽ گولين سميت گرفتار ڪيو ويو آهي ٻئي طرف وارث ڏنو ماڇي پوليس لوڊر رڪشا هٿ ڪري 550 جي ڪارروائي پڻ ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار سمورن جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 35 ’روزاني عبرت‘

عباسي، جميل پنهور فريد عباسي، امبرين انصاري، غلام صغرا لهر ۽ ٻين چيو ته هزارين ميرٽ پاس اهل اميدوار ٽن سالن کان وڌيڪ عرصي کان پنهنجي جائز حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن سخت گرمي، سردي، بک، اڃ، مالي نقصان ذهني پريشانين ۽ ٻين ڏکيائين باوجود اميدوارن پنهنجي پرامن جدوجهد جاري رکي آهي پر افسوس جو اڃا تائين سنڌن مسئلي جو ڪو مستقل ۽ منصفاڻو حل سامهون نه اچي سگهيو آهي هنن چيو ته اميدوارن جي مسئلي جي حل لاءِ سنڌ اسيمبلي طرفان اسپيشل پارليامانی ڪميٽي پڻ جوڙي وئي، جنهن مان اميد هئي ته ويٽنگ اميدوارن جي مسئلي جو ڪو عملي ۽ منصفاڻو حل نڪرندو پر افسوس جو اسپيشل ڪميٽيءَ جي ڪارروائيءَ ۾ ٿيندڙ دير سبب اميدوارن جي مايوسيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ايس اين اي، ايس آر ٿي ۽ رٽائرمينٽ سبب خالي ٿيندڙ جاين سميت سمورين لاڳاپيل خالي سيٽن جو مڪمل رڪارڊ سامهون آڻي هڪ ئي ميگا فيز ذريعي رهجي ويل ويٽنگ اميدوارن جي ڀرتي ۽ ايڊجسٽمينٽ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن جيڪڏهن اميدوارن جي مسئلي جي حل لاءِ جلد سنجيده ۽ عملي قدم نه کنيا ويا ته ايندڙ مرحلي ۾ سڄي سنڌ جي هزارين مرد ۽ عورت 40 پلس ويٽنگ اميدوارن کي ڪراچيءَ ۾ گڏ ڪري هڪ وڏي احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي، جنهن دوران سنڌ اسيمبلي يا وڏي وزير جي هائوس ٻاهران ڌرڻو هنيو ويندو ايندڙ احتجاج جي تاريخ ۽ مڪمل پروگرام جو اعلان مناسب وقت تي ڪيو ويندو

بقايا 36 ’روزاني عبرت‘

نهال ٿئيو ۾ پهچي امير بخش چانڊيو جي پٽ ميونسپل قمبر اڪائونٽ آفيسر طارق حسين چانڊيو ۽ پ پ يوٿ اڳواڻ بادل لطيف چانڊيو جي ڀڄي جي وفات تي وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو وارثن سان ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دعا گهري ساڻس سان پ پ تعلقہ صدر رياض الدين ابڙو طارق حسين راڏاڻي علي نواز ڪهاوڙ فقير نبي بخش چانڊيو ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا 37 ’روزاني عبرت‘

جيڪو سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاجي ڪيريو جو ويٺل آهي تنهن ڪجهه هفتا اڳ پنهنجي ماءُ مٿان سخت تشدد ڪيو جنهن بعد ماءُ پنهنجي مڙس سميت سخت احتجاج ڪندي پوليس آڏو دانهيو ته منهنجي پٽ خالد ڪيريو کي گرفتار ڪيو وڃي جنهن مون مٿان تشدد ڪرڻ بعد گهٽا ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ماءُ پيءُ جي دانهن نه ڪنهن پوليس ٻڌي ، نه برادري ٻڌي ۽ نه ئي ڪنهن چڱي مڙس ٻڌي نتيجي ۾ نوجوان جي چڙواڳي سبب رات سڪرنڊ جي پاڙي شيرواڻي ڪيريو ۾ سندس ئي پرڻيل ناري جيڪا سندس سئوٽ ۽ سالي پڻ ٿئي ان جي گهر ۾ داخل ٿيڻ بعد سندس ڪمري ۾ وڃي ڪيس پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو جنهن بعد ساڳئي ئي پسٽل سان پاڻ مٿان فائر ڪري زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو واقعي جو اطلاع ملندي ئي همدرد فري ايمبولينس سروس جي رسڪيو ٽيم اقبال رند جي اڳواڻيءَ ۾ واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي لاش تعلقہ اسپتال سڪرنڊ پهچايا جتي ڊاڪٽرن پاران موت جي تصديق ڪرڻ بعد ضروري ڪاغذي ڪارروائي ڪري لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيا ٻئي قتل جو بنيادي ڪارڻ خبر لکڻ تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوليس چواڻي ته اسين قتل يا خودڪشي بابت شاهدين وٺڻ ۽ واقعي جي مڪمل جاچ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون اميد آهي ته واقعي جي ڪارڻ تائين پهچي ويندااسين ياد رهي ته مبينہ قاتل ۽ خودڪشي ڪندڙ نوجوان خالد ڪيريو پاڻ به شادي شده هو جيڪو پنهنجي نوجوان زال کي بيوهه ڪري ويو ٻئي پاسي اهي پڻ چٽوپول آهن ته نوجوان خالد ڪيريو ڪافي وقت کان وٺي ذهني طور پريشان هو :

بقايا 38 ’روزاني عبرت‘

پڇيو ته ڇا مٿس اسلام قبول ڪرڻ لاءِ ڪو دٻاءُ وڌو ويو آهي يا کيس ڪنهن قسم جو لالچ ڏنو ويو آهي؟ جنهن تي عورت جواب ڏنو ته مٿس ڪنهن به قسم جو دٻاءُ يا لالچ نه آهي عورت وڌيڪ چيو ته حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي تعليمات، قرآن پاڪ جي هدايتن، سنت نبوي ﷺ ۽ اسلام ۾ عورت جي بلند مقام کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪري رهي آهي ان موقعي تي مفتي محمد طاهر مڪي عمران ڪاشف ۽ فرمان بهادر کي شاهد بڻائي عورت کي اسلام قبول ڪرڻ جي سند ڏني ۽ کيس اسلام قبول ڪرڻ تي مبارڪباد پڻ ڏني وئي ان موقعي تي شهرين جو وڏو انگ موجود هو جن چيني عورت کي اسلام قبول ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو

بقايا 39 ’روزاني عبرت‘

پنهنجي حمايتي بيان ۾ هنن چيو ته ايس ايم تنوير هميشه واپاري برادري جي مسئلن تي بهادريءَ سان آواز اٿاريو آهي هن گذريل ڏينهن آءِ ايم ايف جي معاهدن، ٽئڪسن جي رواج جي شرح ۾ گهٽتائي، رئيل اسٽيٽ شعبي جي بحالي ۽ واپاري برادري جي ٻين شعبن بابت حڪومت آڏو واپارين جو موقف پيش ڪيس جيڪو ساراهه جوڳو عمل آهي هنن چيو ته ايس ايم تنوير پنهنجي سڄي زندگي صنعت ۽ واپار جي خدمت ۾ گذاري آهي کين يقين آهي ته فيڊريشن چيمبر آف ڪامرس جو صدر چونڊجڻ کان پوءِ هو واپاري برادري جي ڀلائي ۽ ملڪ جي معيشت کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اڳ کان به وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڪم ڪندا. هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايم تنوير ملڪ جي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۽ واپاري برادري جي درپيش مسئلن جي حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهنڪري سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري سنڌن مڪمل حمايت ڪري ٿي

بقايا 40 ’روزاني عبرت‘

تصديق نه ٿي سگهي آهي. تفصيل موجب معصوم نياڻي سميرا کي اڳ ۾ صحتمند هئي، پر رات جو سمهڻ کانپوءِ صبح جو اٿڻ تي سنڌس ٽنگن ۽ پيرن ۾ اوچتو ڪمزوري پيدا ٿي جنهن سبب هوءَ هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي وئي. نياڻيءَ جي وارثن کيس علاج لاءِ جاتي جي هڪ خانگي ڊاڪٽر وٽ پهچايو جتي ڊاڪٽر پاران پوليو جو شڪ ظاهر ڪيو ويو واقعي کانپوءِ پوليو جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندڙ لاڳاپيل ادارن جون ٽيمون حرڪت ۾ اچي ويون ۽ نياڻيءَ جا گهربل سيمپل حاصل ڪري ليبارٽري ڏانهن موڪليا ويا. جيئن بيماري بابت حتمي صورتحال واضح ٿي سگهي ان سلسلي ۾ تعلقي جي پوليو فوڪل پرسن ۽ ايم ايس ڊاڪٽر بشير احمد سولنگي ٻڌايو ته نياڻيءَ ۾ پوليو جو شڪ ظاهر ٿيڻ بعد احتياطي طور سيمپل وٺي ليبارٽري موڪليا ويا آهن هن چيو ته پوليو جي تصديق ليبارٽري رپورٽ اچڻ کانپوءِ ئي ٿي سگهندي واضح رهي ته هن وقت تائين نياڻيءَ ۾ پوليو جي بيماري جي تصديق نه ٿي آهي ۽ ليبارٽري رپورٽ اچڻ تائين معاملو شڪي آهي اوچتو ٽنگن ۽ پيرن ۾ ڪمزوري پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ ٻار کي فوري طور سرڪاري اسپتال يا ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر وٽ پهچائڻ ضروري آهي

بقايا 41 ’روزاني عبرت‘

وارثن جي ڳولا لاءِ پريس ڪلب پهتو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي يونس ڪوڪر چيو ته گذريل 7 آڪٽوبر تي باٻهر واسي 13 ورهين جي ذهني طرح معذور ٽينگر کي اسان حوالي ڪيو ۽ گذريل ڇنڇر تي مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس 10 ورهين جي لاوارث ٽينگر کي اسان حوالي ڪيو آهي جيڪو پنهنجو نالو فرحان ۽ پاڻ کي شهدادڪوٽ جو ٻڌائي رهيو آهي، جيڪڏهن ٻنهي ٽينگرن جي وارثن بابت ڪنهن کي ڪائي به ڄاڻ هجي ته هو اسان جي اداري سان رابطو ڪري يا وارث کي اطلاع ملي ته هو اسان وٽ اچن ته جيئن ٻنهي ٻارن کي وارثن حوالي ڪري سگهجي.

بقايا 42 ’روزاني عبرت‘

پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي نور محمد عرف ضمير عمراڻي پنهنجي ڌيءَ ضميران ۽ پٽ ممتاز عمراڻي سان گڏجي دانهيندي الزام لڳايو ته اٽڪل مهينو اڳ يوسي هيڊ چانڊيو جي چيئرمين صادق چانڊيو مون کي سولر پليٽ لاءِ ٽوڪن ڏنو جنهن جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مان چيئرمين کان سولر پليٽ وٺڻ سندس اوطاق تي ويس جتي هن سولر پليٽ ڏيڻ بجاءِ جهيڙو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻائي ڇڏيو جنهن جي چرچ تي تعلقي ٿاڻي جي منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو پوليس بار بار در تي اچي مون سميت گهرڀاتين کي حراسان ڪري رهي آهي اهڙيون شڪايتون مان چڱن مڙسن سان ڪيون پر ڪو تدارڪ نه ڪيو ويو بااثر يوسي چيئرمين ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جيڪا وڏي ناجائزي آهي هن وس وارن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي يوسي چيئرمين ۽ تعلقي ٿاڻي جي ايس ايڇ او کان سخت پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ مونکي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 43 ’روزاني عبرت‘

بازياب ڪرايو وڃي جستائين حاجي حسن علي بازياب نه ٿيو تيستائين فريال ٽالپر صاحبه مسلسل رابطي ۾ هئي هن چيو ته فريال ٽالپر صاحبه جا ۽ اسان جا به پراڻا حاجي حسن چانهيون سان خانداني سماجي سياسي واسطا آهن جنهن سبب فريال ٽالپر سنڌن گهر به وئي ۽ جو جو حاجي حسن علي چانهيون جي گهر واري پ پ جي اڳواڻ ساٿين حميد ڪنڌر جي ڌي آهي فريال ٽالپر ساٿن گهر ۾ ڀاتين سان ملاقات ڪري کين هر قسم جي سهڪار جي خاطري ڪرائي وئي هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه ماڻهو مختلف وڊيوز خبرون هلائي پ پ جي مرڪزي قيادت بابت مختلف الزام لڳائي رهيا آهن ڪو ته زمين جو معاملو آهي جنهن تان ڪو واقعو پيش آيو پر اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي نه اهڙي ڪا صداقت آهي هئي ڪيهر خيرپور ڪاڙ عمرڪوٽ تائين ڪيترن ماڻهن جا بئراج ٽوڙي ٿر کي انڊيا جي بارڊر تائين ڪئنون سوهاڳا پيا آهن ڪنهن به زمين تي قبضو ناهي ڪيو هن چيو ٿيل واقعي جو وارثن پاران اي ڪي سي جا قلم لڳرائي مظفر زرداري کي ايف آءِ آر نامزد ڪري ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي جنهن جي گرفتاري لاءِ پوليس ڇاپا هڻي رهي آهي پوليس کي ڪيس ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪرڻ کپي هن چيو ته لاڳاپيل ڪيس عدالت ۾ هلي رهيو آهي ۽ ان حوالي سان بيان به رڪارڊ ڪيو ويو آهي ڪجهه ماڻهو مختلف وڊيوز ۽ پيغامن ذريعي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ساک کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن فريال ٽالپر حسن علي چانهيون جي گهر وڃڻ تنقيد ڪري جيڪا نامناسب عمل آهي هن چيو حاجي حسن علي چانهيون سان سنڌن پراڻا ۽ ويجها لاڳاپا آهن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت حاجي حسن علي چانهيون سان گڏ بيٺي هئي ۽ اڄ به گڏ بيٺل آهي

بقايا 44 ’روزاني عبرت‘

ريجن جي صدر عبدالحليم درس، جنرل سيڪريٽري غلام مرتضيٰ سولنگي ڪراچي ريجن جي صدر آصف منير ۽ جنرل سيڪريٽري نهال اختر شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڪاليج ايجوڪيشن کاتي پاران سروس رولز ۾ تبديليءَ لاءِ ايس اين جي ڊي ڏانهن موڪليل خط تي سخت خدشن جو اظهار ڪيو ويو ڄاڻايل خط ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته اڪيڊمڪ انتظاميا ۾ ڪاليج استادن بدران غير تدريسي عملي کي گريڊ 17، 18 ۽ 19 ۾ مقرر ڪيو وڃي اجلاس کي خطاب ڪندي سپلا جي مرڪزي صدر منور عباس چيو ته سنڌ جي سمورن ڪاليج استادن هن فيصلي کي "ڪارو قانون" ۽ اڪيڊمڪ انتظاميا تي سڌي حملي طور ڏٺو آهي اهو فيصلو تدريسي ۽ غير تدريسي عملي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ جي هڪ گهري سازش آهي اجلاس ۾ شريڪ اڳواڻن ان صورتحال جو ذميوار ڊپٽي سيڪريٽري لياقت منگي ۽ سيڪشن آفيسر عرفان ميمڻ کي قرار ڏيندي، کين ڪاليج ايجوڪيشن کاتي مان فوري طور بدلي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان سان گڏ سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه کي معاملي ۾ فوري مداخلت ڪرڻ جي اپيل پڻ ڪئي وئي هاءِ پاور ڪميٽيءَ سروس رولز ۾ تڪراري تبديليءَ خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو گڏيل فيصلو ڪيس جنهن جو شيڊيول هن ريت آهي: 15 آڪٽوبر:سپلا ڪراچي ريجن پاران سنڌ سيڪريٽريٽ آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو 20 آڪٽوبر: سکر ريجن ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو 21 آڪٽوبر: لاڙڪاڻي ريجن ۾ احتجاج ڪيو ويندو 22 آڪٽوبر: شهيد بينظيرآباد ريجن ۾ احتجاج ڪيو ويندو 23 آڪٽوبر: ميرپورخاص ريجن ۾ احتجاج ڪيو ويندو 26 آڪٽوبر: حيدرآباد ريجن ۾ پريس احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو 27 آڪٽوبر کان: جيستائين تڪراري فيصلو واپس نه ورتو ويو ته سنڌ جي سمورن ڪاليجن ۾ تدريسي عمل جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو ويندو سپلا جي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سروس رولز ۾ تجويز ڪيل تڪراري تبديليءَ کي فوري طور واپس ورتو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو اجلاس ۾ سپلا جي جاري چونڊن دوران استادن جي ڀرپور جوش ۽ جذبي کي ساراهيو ويو ان کان علاوه ڪجهه تڪراري ماڻهن پاران ميمبرشپ حاصل ڪرڻ بابت مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڏانهن موڪليل درخواستن تي اهم فيصلا ڪيا ويا اجلاس ۾ اليڪشن ڪميشن جي چيئرمين ڏانهن موڪلڻ لاءِ سفارشن جي پڻ منظوري ڏني وئي.

بقايا 45 ’روزاني عبرت‘

ايسوسيئيشن ٽنڊوآدم جي اهتمام هيٺ جاري قاضي لياقت علي ميموريل ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي فائنل ۾ جوهرآباد اليون دلچسپ مقابلي بعد جانباز ٽنڊوآدم کي 20 رنسن تان شڪست ڏئي ٽرافي پنهنجي نالي ڪري ورتي فاتح ٽيم جي رانديگر وقاص شاندار بيٽنگ ڪندي رڳو 38 بالز تي 152 رنسون ٺاهڻ سان گڏ بالنگ ۾ پنج وڪيٽون حاصل ڪري ٽيم جي ڪاميابيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو فائنل ۾ جوهرآباد اليون پهريان بيٽنگ ڪندي مقرر اوورن ۾ ڇهن وڪيٽن جي نقصان تي 190 رنسون ٺاهيون جنهن ۾ وقاص 152 ۽ سڄاد 21 رنسون ٺاهيون جواب ۾ جانباز ٽنڊوآدم جي ٽيم گهربل هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ۽ نون وڪيٽن جي نقصان تي 170 رنسون ٺاهي سگهي

اسلام ڪوٽ ۾ عوامي تحريڪ جي 28 هين ترميم، وسيلن تي قبضن ۽ مهانگائي خلاف ريلي

ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ حڪمرانن جي ڪوڙين دعوائن کي وائکو ڪيو، حڪمران ڪرپشن ختم ڪرڻ بدران ملڪ وڪڻي رهيا آهن: لال جروار

سنڌ ۾ نون صوبن جي مهم جو مقصد ڪرپٽ حڪمرانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ نئون اسرائيل قائم ڪرڻ آهي

ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ زمينون ٻه هارين کان ڦري عسڪري ادارن سان لاڳاپيل ڪمپنين کي ڏئي رهيا آهن

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي بجير) سنڌ جي ورهاڱي جي سازش، 28هين ترميم ڪارپوريٽ فارمنگ، زمين ۽ وسيلن تي قبضن مهانگائي بيروزگاري، ڦر ڪول ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: عوامي تحريڪ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ پناڻ ڪالوني واسين جو واپڊا خلاف احتجاجي مظاهرو

11هزار وولٽ بجلي جون تارون گهرن مٿان گذري رهيون آهن: مظاهرين

ڪيترائي ڀيرا درخواست ڏئي چڪا آهن پر ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار ۾ پناڻ ڪالوني جي رهواسين پاران گهرن مٿان گذرندڙ يارنهن هزار وولٽ جون تارون نه هٽائڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي لال خان پناڻ، ڪمال خان پناڻ، اختر خان پناڻ، حاجي گل پناڻ، جمع گل پناڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي گهرن مٿان 11 هزار وولٽ بجلي جون تارون گذري رهيون آهن ڪيترائي ڀيرا درخواستون

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ويجهو هٽڙنگو ۾ راڄڙ ۽ منگريا برادرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، چار ڄڻا زخمي

ڪپرو(ت ر) ڪپرو ويجهو هٽڙنگو ۾ راڄڙ ۽ منگريا برادرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، چار ڄڻا زخمي هٽڙنگو ۾ راڄڙ ۽ منگريا برادرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ چار ڄڻا زخمي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: فوت ٿيل نينگر جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ماٿيلي پرسان 6 ورهين جو نينگر ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري فوت، گهر ۾ ڪهرام

باگو ڍهو کان ڊرنگ ملوڪ والي روڊ ٽريڪٽر ٽرالي تان عبدالرحيم سولنگي ڪري زخمي ٿي پيو

علائقي واسين کي نينگر ڪنائي اسپتال منتقل ڪيو جتي سهولتن جي کوٽ سبب دم ڏئي حوالي ڪيو

ڊرنگ ملوڪ والي روڊ 25 سالن کان تعمير نه ٿي سگهيو آهي، حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن:رهواسي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) باگو ڍهو کان ڊرنگ ملوڪ والي روڊ تباهه حالي جو شڪار هجڻ سبب 6 ورهين جو معصوم ٻارڙو عبدالرحيم ولد راهزن سولنگي ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري زخمي ٿي پيو جنهن کي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مورو شادي هال وٽان نوجوان جي موٽرسائيڪل چوري

مورو (ن ع) ڳڍ لڪ شادي هال مورو مان ديوان جو ڪرڙيو لڳ ڳوٺ خدا بخش ڪوسو جي رهواسي نديم ولد حاڪم ڪوسو جي 2023 سي ڊي موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا مالڪ جا مٿي تي هٿ موٽر سائيڪل جو مالڪ شادي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ سارڪ پاران زرعي ڪانفرنس، ڪمند اگهه 600 رپيا مقرر ڪرڻ جو مطالبو

سنڌ اندر هٽ وڌي معيشت کي تباهه ڪيو پيو وڃي، ٻج پاڻ جا اگهه ٻيڻا آهن:اڳواڻ

آبادگارن کي ٻج، پاڻ ۽ ٻيڙن تي سبسڊي ڏني وڃي، شگر ملون نه هلڻ ڪري ڪمند جي پورڪ متاثر ٿئي ٿي

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار ۾ آبادگار تنظيم سارڪ پاران زرعي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي وڏي انگ ۾ آبادگارن جي شرڪت، شگر ملون پهرين نومبر کان چالو ڪري ڪمند جو اگهه 600 روپيا مقرر ڪرڻ مطالبو خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ سنڌ ايگريڪلچر ريسرچ ڪائونسل(سارڪ) پاران جيم خانه ٽنڊوالهيار ۾ آبادگارن سان پيش اينڊ زرعي مسئلن جي حوالي سان زرعي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ ٽئين پرڻيل ڪنوار کي گولي هڻي قتل ڪرڻ بعد نوجوان خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ حاجي ڪيريو جي نوجوان خالد حسين ڪيريو گوليون هڻي شازيه ڪيريو کي قتل ڪيو

ناري کي قتل ڪرڻ بعد جوابدار پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي، لاش اسپتال منتقل

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي، واقعي بابت شاهدين گڏ ڪري جاچ ڪئي پئي وڃي:پوليس

سڪرنڊ (س ر) ماءُ ۽ ڀيڻ تي تشدد ڪري کين مارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ بعد نوجوان خالد حسين ڪيريو ٽئين پرڻيل ڪنوار شازيه ڪيريو ڌيءُ دلاور ڪيريو کي گولي هڻي قتل ڪرڻ بعد خودڪشي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڏياري جي آمد جي سلسلي ۾ ڪنڀار ڏيا ٺاهي رهيا آهن

سنڌ ۾ بيروزگار نوجوانن لاءِ جلد گريڊ هڪ کان چار جون نوڪريون ڏيڻ جا آرڊر جاري ٿيندا: محمد علي ملڪاڻي

يونين ڪائونسل گل محمد ٻارڻ جي دوري دوران صوبائي وزير جي مان ۾ شاندار آجياڻو ۽ اجرڪن جا تحفا پيش

پيپلز پارٽي حڪومت سنڌ ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ لکين نوجوانن کي ميرٽ تي روزگار ڏنو آهي: صوبائي وزير

گريڊ هڪ کان چار جي نوڪرين ۾ ضلعي سطح تي ڊوميسائل رکندڙ نوجوانن کي موقعا فراهم ڪيا ويندا

جاتي (رپورٽ: شڪيل رزاق لوهار) صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ محمد علي خان ملڪاڻي پاران يونين ڪائونسل گل محمد ٻارڻ جو طوفاني دورو ڪيو ويو دوري دوران مختلف هنڌن تي تعزيتون ڪيون ويون جڏهن ته ڳوٺ وڏيرو نوح ٻارڻ ۾ قاسم ٻارڻ، غلام نبي ٻارڻ ۽ حاجي احمد ٻارڻ پاران صوبائي وزير جي مان ۾ شاندار آجياڻو ڏنو ويو آجياڻي تقريب دوران ڳوڻائڻ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

جاتي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جو استقبال ڪيو پيو وڃي

خيرپور ڪيڊٽ ڪاليج جي اسپورٽس گالا 2026-27 جي پهرئين مرحلي جي انعامي تقريب

پرنسپال برگيڊيئر (ر) غلام رضا پاران بيڊمنٽن ۽ باسڪيٽ بال چيمپيئن شپ جي فاتح شاگردن ۾ انعام ورهايا

اسپورٽس گالا جو مقصد شاگردن ۾ جسماني تندرستي، ٽيم ورڪ، نظم ۽ ضبط ۽ ثابت قدمي جون صلاحيتون اجاگر ڪرڻ آهي: ڪاليج انتظاميا

خيرپور(ذ ر) ڪيڊٽ ڪاليج خيرپور جي اسپورٽس گالا 2026-27 جي پهرئين مرحلي جي انعامي تقريب، شاهزين خميساڻي بيڊمنٽن چيمپيئن بڻجي ويو تفصيل موجب ڪيڊٽ ڪاليج خيرپور ۾ اسپورٽس گالا 2026-27 جي پهرئين مرحلي جي ڪاميابيءَ جي موقعي تي انعام ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف راندين ۾ نمايان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي اٺن ئي تعلقن ۾ اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو

اٽو في ڪلو اگهه 170 کان 175 رپين تائين پهچي ويو، غريب عوام پريشان

حڪومت جي غلط پاليسين سبب اٽو اڻاٺو، ڪڻڪ جي 100 ڪلو بوري جو اگهه گهٽائي 8 هزار رپيا ڪيو وڃي:عبدالسميع پنهور

خيرپور(ذ ر) خيرپور جي اٺن ئي تعلقن ۾ اٽي جو شديد بحران پيدا ٿي ويو آهي اٽو 170 رپين کان 175 روپيا في ڪلو وڪامڻ لڳو. اها ڳالهه چيمبر آف ايگريڪلچرل اينڊ فوڊ سکر ڊويزن جي صدر عبدالسميع پنهور خيرپور ۾ ايوان صحافت هائوس ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چئي هن چيو ته سرڪار جي غلط پاليسين جي ڪري اٽو اڻلڀ ٿي ويو آهي ۽ ڪڻڪ جي سو ڪلو واري بوري

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

جاتي جي ساحلي پٽي ۾ ٽانگ ڪڪڻ سبب 25 ورهين جي عورت فوت، گهر ۾ ڪهرام

جاتي (ن ع) جاتي جي ساحلي پٽي جي ڳوٺ ايوب ٿهيمور ۾ ٽانگ ڪڪڻ سبب 25 ورهين جي عورت مسمات رحيمان زال حبيب الله ٿهيمور تعلقه اسپتال جاتي ۾

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاجي ريلي

اٺن سالن کان باڊهه جا رهواسي روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهن: اڳواڻ

سنڌ حڪومت ۽ چونڊيل نمائندا شهرين جي آواز تي ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهن

باڊهه (ن ع) لاڙڪاڻي ضلعي جي ٻئين نمبر وڏي ۽ تاريخي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ باڊهه تعلقه موومينٽ پاران 378 هين هفتي به موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ باڊهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڈہ تحصیل کانوٹیفکیشن جاری کرو

باڊهه: تعلقي موومينٽ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ گسٽا اڳواڻن جي جبري رٽائرمينٽ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گسٽا تعلقي طرفان ڊائريڪٽر سيڪنڊري الهه بخش سومرو ۽ گورنمينٽ سينٽ جوزف هاءِ اسڪول جي چيف هيڊماسٽر گلشير سومرو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسان ماڻهن کي قوميت، ٻولي، مذهب يا مسلڪ جي بنياد تي ورهائڻ جو تصور به نٿا ڪري سگهون: سعيد غني

80 واري ڏهاڪي دوران لساني ۽ تعصبي سياست شروع ٿيڻ، بدامني ۽ ٻوليءَ توڙي قوميت جي نالي تي ماڻهن جو رت وهائڻ سبب ڪراچي زوال طرف وڌي

خاص طور تي ايم ڪيو ايم جي دور ۾ شهر ۾ لساني فرق وڌائڻ ۽ تعصب کي هٿي ڏيڻ جون ڪوششون ڪيون ويون

ڪراچي ۾ پهريون ڀيرو پيپلز پارٽيءَ جو ميئر چونڊجي آيو ۽ ٽائونز ۾ ٻين پارٽيءَ سڀ کان وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪيون

ڪراچي(رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته 80 ع واري ڏهاڪي کان اڳ ڪراچي دنيا جي وڏن شهرن ۾ معاشي لحاظ کان اڳڀرو هو پر ان ڏهاڪي ڪانپوءِ شهر ۾ لساني ۽ تعصبي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: اسلام قبول ڪندڙ چيني عورت جنهن جو اسلامي نالو اسماءُ رکيو ويو

خاص ٻارن ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن: منور مهيسر

کين موقعا، همت افزائي ۽ سرپرستي فراهم ڪري راندين ۾ اڳتي وڌائي سگهجي ٿو

شاندار ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ خاص رانديگرن لاءِ 50 هزار رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت خاص ٻارن کي راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌائڻ ۽ کين هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ جو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪينجهر ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ گدلاڻ بابت خبرون غير تصديق ٿيل قرار

ڍنڍ جي پاڻيءَ جي معيار جي باقاعدگيءَ سان نگراني ڪئي پئي وڃي: انجنيئر

پاڻيءَ ۾ ٽي ڊي ايس (TDS) جو مقدار 350 ملي گرام في ليٽر رڪارڊ ٿيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي آبپاشي کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪلري بگهاڙ ڊويزن ٺٽو مزمل ميمڻ ڪينجهر ڍنڍ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

چنيوٽ: هڪ ڪاريگر ڪاٺ جي ڪٽ جو ڪم ڪري رهيو آهي

گمبٽ لڳ 15 ورهين جو نوجوان مڇي جي تلاءُ ۾ ٻڏي فوت

ڳوٺ غوث بخش ڳاهو ۾ محمد اقبال ڳاهو پير ترڪڻ سبب مڇي تلاءُ ۾ ٻڏي ويو

گمبٽ (ت ر) گمبٽ جي علائقي ڳوٺ غوث بخش ڳاهو ۾ 15 ورهين جو نوجوان محمد اقبال ڳاهو پير ترڪڻ سبب مڇي تلاءُ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽالهي لڳ پوليس ڪارروائي، گٽڪو هٿ، ٻه منشيات فروش گرفتار

ٽالهي(ن ع) ٽالهي پوليس رات دير سان باءِ پاس موڙ وٽ ڪارروائي ڪندي ٻن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان نوجوان جو پراسرار نموني لاش هٿ

شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ۾ هوٽل تي ڪم ڪندڙ نوجوان ياسر ڪلوڙ جو لاش مليو

نوجوان جو لاش اسپتال منتقل، موت جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا

خيرپور(ذ ر) خيرپور پرسان شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ۾ پشوري هوٽل تي ڪم ڪندڙ نوجوان ياسر ڪلوڙ جو پراسرار نموني لاش هٿ آيو آهي. لاش هٿ آيل نوجوان جو تعلق ڳوٺ الله بخش ڪلوڙ سان ٻڌايو پيو وڃي، واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن جڏهن ته نوجوان جي موت جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا آهن پوليس موجب واقعي جي انڪوائري جاري آهي

خيرپور ۾ رولو ڪتن جو آزار، ٽن ٻارڙن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

فيض آباد ۽ سائده ڳوٺ ۾ رولو ڪتن حملو ڪري ڪاشف، عباس ۽ وسيم کي زخمي ڪيو

ٻارڙن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، ويڪسين نه ملڻ سبب وارثن جو احتجاجي مظاهرو

خيرپور(ذ ر) خيرپور ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو ٻن معصوم ٻارڙن کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو ڏاڙهيل ٻارڙن کي اسپتال منتقل، اسپتال ۾ ويڪسين اڻلڀ، متاثرن جو احتجاج خيرپور ۾ ڪتا مار مهم شروع نه ٿيڻ سبب رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد فيض آباد ۽ سائده ڳوٺ وارن علائقن ۾ رولو ڪتن حملو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي ۾ ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ ميڙ منٿ

فقير رمضان ڪلوڙ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ امن قافلو شاهه جو رسالو کڻي ڌرين وٽ پهتو

ٻنهي ڌرين پاران جلد فيصلي جي تاريخ مقرر ڪرڻ تي راضپو ظاهر ڪيو ويو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ سول سوسائٽي قوم پرست اڳواڻن صحافين سياسي سماجي اڳواڻن تي مشتمل ميڙ منٿ امن قافلو ٻنهي ڌرين وٽ پهتو ٻنهي ڌرين پاران ميڙ منٿ قافلي کي سٺي موٽ تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ صديق ڪلوڙ ۾ ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين وڏيرڙي حسام ڪلوڙ ۽ محمد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

وارهه: ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين نوابزاده ريحان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر چانڊيو ڳوٺ نهال ٿيبو ۾ تعزيت ڪري رهيو آهي

گهوٽڪيءَ ۾ اٽي جا اگهه آسمان تي، ڏهاڙي دار طبقو پريشان

120رپيا في ڪلو ملندڙ اٽو 200 کان 220 رپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو

غريب خاندانن لاءِ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو بڻجي ويو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪيءَ ۾ اٽي جي اگهن ۾ واڌ، في ڪلو اٽو 200 کان 220 رپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو ڏهاڙي دار طبقو پريشان خبر موجب گهوٽڪيءَ ۾ اٽي جي اگهن ۾ واڌ سبب عوام خاص طور تي ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقي جون مشڪلاتون وڌي ويون آهن اٽو جيڪو اڳ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۽ پرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ئي ڏينهن ڦر جون چار وارداتون

هٽونگو رنگ روڊ تي هٿياربندن واپاري کان هڪ لک رپيا روڪ ۽ موٽرسائيڪل ڦري فرار

ٻليار پرسان ڌاڙيل ڪرلهي، واريانه موري وٽ جميل ڀهڙ ۽ ڏنگ پنڻ ويجهو يونس هاليپوٽو ڦر جو شڪار

ڪپرو (ت ر) ڪپرو ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ هڪ ئي ڏينهن ڦر جون چار وارداتون رپورٽ موجب ڪپرو ۾ ڏوهارين خلاف موثر ڪارروائي نه ٿيڻ سبب ڌاڙيل ٽولا سرگرم هڪ ئي ڏينهن ڦر جون ٽي وارداتون جنهن ۾ ڪپرو جي هٽونگو رنگ روڊ تي نوجوان واپاري مظفر بوزدار کان هٿياربند هڪ لک

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار نوجوان شاعر محمد علي ميرجت جي وڇوڙي تي تعزيتي ميڙاڪو

سنڌي ادبي سنگت پاران منعقد ميڙاڪي ۾ شاعرن، اديبن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

محمد علي ميرجت اسان کان وڇڙيو آهي پر وسريو ناهي، هو شاعري جي روپ ۾ اسان سان هر وقت گڏ آهي:مقرر

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊوالهيار پاران نوجوان شاعر محمد علي ميرجت جي وڇوڙي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب تي ڪوٺايل ميڙاڪي ۾ شاعرن اديبن سميت هر مڪتبهِ فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، انهي موقعي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

41 ویں قومی مقابلہ حفظ القرآن میں
ناانصافی نامنظور
حافظہ صوبیہ نور اور حافظ عبداللہ خان
کو انصاف دو
ورنہ عدالت سمیت ہر دروازے پر دستک دیں گے
منجانب: جماعت قراء و حفاظ (رجسٹرڈ) سندھ

حافظ صوبيه نور ۽ حافظ عبد الله خان کي انصاف ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو ۾ سماجي ڀلائي کاتي جي آفيسرن جا مختلف آفيسن ۽ جا دورا

ڊپٽي ڊائريڪٽر شهباز مظفر سهتو ۽ ارباب علي اڄڻ پاران سماجي تنظيمن جي سرگرمين جو جائزو

سماجي ادارن کي مقرر قاعدن ۽ ضابطن موجب رجسٽريشن مڪمل ڪرڻ ۽ گهربل سهولتن مان فائدو وٺڻ جي هدايت

مورو (ن ع) مورو ۾ سماجي ڀلائي کاتي جي آفيسرن جو مختلف آفيسن ۽ سماجي تنظيمن جو دورو، نئين رجسٽريشن جي طريقيڪار بابت رهنمائي ڊپٽي ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو نوشهروفيروز شهباز مظفر سهتو ۽ ارباب علي اڄڻ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر مورو آصف ڪٽڪ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي خلاف اينٽي ڪرپشن جي جاچ شروع

اينٽي ڪرپشن پاران آر او پلانٽس ۽ ترقياتي منصوبن جي تڪميل ۽ ڪارڪردگي بابت رڪارڊ طلب ڪيو ويو

اسڪيمن جي تفصيلن سميت ٺيڪيدارن ۽ منصوبن تي خرچ ٿيل فنڊن جو رڪارڊ پڻ پيش ڪرڻ جي هدايت

ٽنڊوالهيار(ذ ر) ٽنڊوالهيار اينٽي ڪرپشن پاران پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن ۽ عملدارن خلاف جاچ شروع ٿي وئي آهي ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي اسڪيمن بابت مبينا بي ضابطگين جي جاچ لاءِ اينٽي ڪرپشن حرڪت ۾ اچي وئي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪياماڙي آئل انسٽاليشن ايريا ۾ سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشن

7 شڪي ماڻهن کي حراست ۾ وٺي جاچ لاءِ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو

ابراهيم ۽ شاهد خان کي غيرقانوني هٿيارن سميت گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪياماڙي پوليس، پاڪستان رينجرز ۽ حساس ادارن پاران ڪياماڙي آئل انسٽاليشن ايريا جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گڏيل سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشن ڪيو ويو ايس ايس پي ڪياماڙي سنگهار ملڪ جي نگراني ۾ ڪيل آپريشن دوران 700 کان وڌيڪ ماڻهن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

SAVE AGRICULTURE, SAVE SINDH
AGRICULTURE CONFERENCE
زرعي ڪانفرنس
SARC

ٽنڊوالهيار: آبادگار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون: اي ٽي او قمرالدين سيال

لڳايل الزام بي بنياد آهن، ساک خراب ڪرڻ ۽ ڪارروايون کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

اباڻي گهر تي حملي ذريعي خوفزده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، واقعي بابت ٿاڻي کي اطلاع ڏنو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) پراڻو سکر جي مائيڪرو ڪالوني جي رهواسي يوسف ميراڻي پاران گذريل ڏينهن پريس ڪانفرنس ۾ ايڪسائيز آفيسر تي لڳايل الزامن جي جواب ۾ اي ٽي او قمرالدين سيال سکر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

۾ مبينا ڀتاخور ڪاشف گجراتي ۽ ياسر درويش زخمي حالت ۾ گرفتار

گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن: ترجمان رينجرس

ڪاشف گجراتي ڀتي جي وصولي سان گڏ اسٽريٽ ڪرائيم جي وارداتن ۾ به ملوث آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ايس آءِ يو پوليس نيو ڪراچي ۾ گڏيل ڪارروائي ڪندي ٻن مبينا ڀتاخورن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ فائرنگ ۽ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 6 ڄڻا مارجي ويا

علي اڪبر شاهه ڳوٺ جي ويجهو جهيڙي جي دوران ٻن ڌرين جي فائرنگ دوران گوليون لڳڻ سبب 60 سالن جو طيب بٽ قاري پير محمد قتل ٿي ويو

جهانگير آباد عثمانيا ڪالوني ۾ واقع دادو وليج ۾ ڇت تان پراسرار نموني ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 45 ورهين جو عبدالله فوت ٿي ويو

سپر هاءِ وي تي واقع بائيڪر پمپ جي ويجهو روڊ حادثي ۾ اڻڄاتل شخص فوت ٿي ويو ۽ سهراب ولد جاني زخمي ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ ۽ مختلف الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 6 ڄڻا مارجي ويا ۽ عورت سميت 5 ڄڻا ٻيا زخمي ٿيا. ڪورنگي 100 ڪوارٽر علي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

فيض گنج لڳ ٽرڪ موٽرسائيڪل مٿان چڙهي وئي، 6 ورهين جو نينگر فوت، احتجاج

لڪمڻ اسٽاپ وٽ حادثي ۾ چڪ واسي غلام علي جاگيراڻي فوت، پيءُ شهمير جاگيراڻي معجزاتي طور محفوظ

روڊ جي تعمير ۾ دير ۽ کڏن سبب حادثا معمول بڻيل آهن، عدالتي حڪم باوجود هيوي ٽريفڪ هلي رهي آهي: مظاهرين

مظاهرين جو مهراڻ هاءِ وي تان هيوي ٽريفڪ بند ڪرڻ، روڊ جو ڪم جلد مڪمل ڪرڻ ۽ حفاظتي اپاءَ وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ/فيض گنج (نمائندن وٽان) پڪاچانگ پرسان مهراڻ هاءِ وي تي ٽرڪ موٽرسائيڪل مٿان چڙهي وئي، 6 ورهين جو معصوم نينگر چيپاڄجي فوت، پيءُ معجزاتي طور محفوظ، هيوي ٽريفڪ بند ڪرڻ لاءِ احتجاج فيض گنج مهراڻ هاءِ وي تي لڪمڻ اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽرڪ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: نينگر جو ٽرالر جي ٽڪر لڳڻ سبب سندس پيءُ لاش سان گڏ روڊ تي ويٺل آهي

گمبٽ ۾ شهرين جو گاڏين ۽ موٽرسائيڪلن تي تيز روشنيءَ وارين لائيٽن خلاف احتجاج

رات وقت تيز روشنين سبب پيادل ماڻهن کي رستو ڏسڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي:شهري

شهرين جي ڊي ايس پي گمبٽ، ٽريفڪ پوليس ۽ تعلقي انتظاميه کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ (ت ر) تعلقي گمبٽ ۾ گاڏين تي لڳل تيز روشنيءَ وارين لائيٽن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، تعلقي گمبٽ جي انتظاميه ڊي ايس پي گمبٽ ۽ ٽريفڪ پوليس جي ذميوارن کي گمبٽ جي شهرين اپيل ڪئي آهي ته گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن تي لڳل انتهائي تيز روشنيءَ وارين لائيٽن خلاف فوري قدم کنيا وڃن رات جي وقت انهن تيز روشنين سبب سامهون ايندڙ ويندڙ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ بدامنيءَ جي لهر ٻيهر تيز، هوٽل وٽان موٽرسائيڪل ڦر

ڪپرو (ت ر) ڪپرو شهر ميرپورخاص بائي پاس روڊ تي ڦرجي وارادات، ٻه هٿياربند هٿيارن جي زور مظفر بوزدار کان اڪيل

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

آپا مریم مجیدی
میڑاکو

ٺٽو: آپا مريم مجيدي جي ياد ۾ منعقد ڪرايل ميڙاڪي ۾ مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

ٺٽي ۾ سنڌ جي مزاحمتي شاعره آپا مريم مجيدي جي ياد ۾ ادبي ميڙاڪو، ڀيٽا پيش

آپا مريم مجيدي جي شاعري سنڌ جي محبت، قومي سجاڳي ۽ انساني احساسن جي عڪاسي ڪري ٿي: مسئي پليجو

سنڌ جي عظيم شاعره جي وڇوڙي سان ادب ۾ وڏو خال پيدا ٿيو، سندس تخليقون ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه رهنديون: مقررين

ادبي ميڙاڪي ۾ اديبن، شاعرن، محققن ۽ سياسي اڳواڻن جي شرڪت، وائي ۽ راڳ جي محفل ذريعي مرحوم کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ٺٽو (ذ ر) سنڌ جي ناليواري ڀهترين شاعره آپا مريم مجيدي جي ياد ۾ مڪلي جي تاريخي ماڳ تي ميڙاڪو منعقد ڪري کيس ڀيٽا پيش ڪئي وئي، سنڌي ادبي سنگت شاخ مڪلي پاران نيشنل پريس

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو ڳوٺ نهال ٿيبو پهچي تعزيت ڪئي

وارهه (ن ع) ميونسپل ڪاميٽي قمبر جي چيئرمن نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو ڳوٺ نهال ٿيبو پهچي تعزيت ڪئي نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو ڳوٺ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ 12 جوابدار گرفتار، منشيات ۽ هٿيار هٿ

جوابدار نعيم کي 5 ڪلو 800 گرام گٽڪن سميت گرفتار ڪيو ويو

عبدالخالق، فهيم، عبدالعزيز ۽ ساجد کي پڻ منشيات سميت سرڳهو ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس منشيات سپلائرن ۽ ڏوهاري عناصرن خلاف ڪارروايون ڪندي آءِ آر لسٽيڊ منشيات فروشن سميت سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ ملوث ۽ گهربل 12 جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيار منشيات ۽ لوڊر رڪشا هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ان سلسلي ۾ ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد مان آءِ آر لسٽيڊ جوابدار نعيم کي 5 ڪلو 800 گرام

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مورو لوڊر رڪشا ۽ ٽرالر وچ ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل

مورو (ن ع) دادو مورو پل وٽ لوڊر رڪشا ۽ ٽرالر وچ ۾ حادثو لوڊر رڪشا هلائيندڙ قلعجي پرسان ڳوٺ الله آباد واسي رميز پنهور سخت زخمي پوليس موبائل ۾ مورو اسپتال منتقل سندس حالت تشويش ناڪ ٻڌائي وڃي ٿي

لاڙڪاڻي ۾ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي احتجاجي ريلي

سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيشل پارليامينٽري ڪميٽي پڻ ڪو ٻوٽو ناهي ٻاريو: اڳواڻ

ميگا ڀرتي ذريعي رهجي ويل اميدوارن جي ڀرتي ۽ ايڊجسٽمينٽ لاءِ قدم کنيا وڃن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ جي ٻين شهرن جيان لاڙڪاڻي ۾ به جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سنڌ جي سڏ تي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن طرفان آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو جنهن هنن هٿن ۾ بئنر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اميدوارن صدام سانداڻو مريم

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جو رانديگر صاحبزادا فرحان بيٽنگ ڪري رهيو آهي، سريلنڪا جو رانديگر بال ڪيچ ڪري رهيو آهي ٻي طرف شائقين اسٽيڊيم ۾ ويٺل آهن

سڪرنڊ ۾ ٽئين پرڻيل ڪنوار کي گولي هڻي قتل ڪرڻ بعد نوجوان خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ حاجي ڪيريو جي نوجوان خالد حسين ڪيريو گوليون هڻي شازيه ڪيريو کي قتل ڪيو

ناري کي قتل ڪرڻ بعد جوابدار پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي، لاش اسپتال منتقل

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي، واقعي بابت شاهدين گڏ ڪري جاچ ڪئي پئي وڃي:پوليس

سڪرنڊ (س ر) ماءُ ۽ ڀيڻ تي تشدد ڪري کين مارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ بعد نوجوان خالد حسين ڪيريو ٽئين پرڻيل ڪنوار شازيه ڪيريو ڌيءُ دلاور ڪيريو کي گولي هڻي قتل ڪرڻ بعد خودڪشي ڪري ڇڏي پوليس ذريعن ۽ ڪيريا برادري جي ذريعن سان مليل ابتدائي ڄاڻ موجب 26 ورهين جي نوجوان خالد حسين ڪيريو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

جاتي: 5 ورهين جي نياڻيءَ جنهن ۾ پوليو جو شڪ آهي

ٽنڊوآدم ۾ چيني عورت اسلام قبول ڪري ورتو، اسلامي نالو اسماءُ رکيو ويو

جامعه ندوت العلوم ختم نبوت ۾ ممتاز عالم دين مفتي محمد طاهر مڪي جي هٿ تي عورت اسلام قبول ڪيو

قرآن پاڪ، سنت نبوي ﷺ ۽ اسلام ۾ عورت جي بلند مقام کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪيو:اسماءُ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ چيني عورت اسلام قبول ڪري مسلمان ٿي وئي سندس اسلامي نالو اسماءُ رکيو ويو رپوٽ موجب ٽنڊوآدم ۾ جامعه ندوت العلوم ختم نبوت ٽنڊوآدم ۾ رئيس دارالافتاء حماديه ۽ ممتاز عالم دين مفتي محمد طاهر مڪي جي هٿ تي هڪ چيني عورت اسلام قبول ڪري ورتو جنهن جو اسلامي نالو اسماءُ رکيو ويو مفتي محمد طاهر مڪي چيني عورت کان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ايس ايم تنوير هميشه واپاري برادري جي مسئلن تي ٻهادريءَ سان آواز اٿاريو آهي: سکر چيمبر

آءِ پي پيز معاهدن، بجلي جي نرخ ۾ گهٽتائي ۽ ويڊل اسٽيٽ شعبي جي بحالي بابت واپارين جو موقف مارڪيٽ جوڳو قرار

ايس ايم تنوير جي چونڊجڻ سان واپاري برادري جي ڀلائي ۽ ملڪي معيشت جي مضبوطي لاءِ رٿابند ڪم ٿيڻ جي اميد آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر محمد يعقوب ملڪ، سينيئر نائب صدر عبدالمجيد قريشي ۽ نائب صدر شهزاد شهواڻي، فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدارتي اميدوار ايس ايم تنوير جي نامزدگي جي آجيان ڪندي سکر چيمبر پاران سندس مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو آهي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

جاتي ۾ 5 ورهين جي نياڻيءَ ۾ پوليو جو شڪ، سيمپل تصديق لاءِ اسلام آباد موڪليا ويا

ڳوٺ درياهه خان ٿهيم ۾ نياڻي سميران جي ٽنگن ۽ ٻانهن ۾ اوچتو ڪمزوري پيدا ٿيڻ بعد هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي وئي

پوليو جو شڪ ظاهر ٿيڻ تي صحت کاتي جون ٽيمون سرگرم، گهربل سيمپل حاصل ڪري ليبارٽري موڪليا ويا

جاتي (ن ع) جاتي تعلقي جي يونين ڪائونسل ڪوڏي جي ڳوٺ درياءَ خان ٿهيم ۾ پنجن سالن جي معصوم نياڻي سميران ڌيءَ حنيف ٿهيم ۾ پوليو جو شڪ ظاهر ٿيڻ بعد لاڳاپيل صحت کاتي جون ٽيمون سرگرم ٿي ويون آهن نياڻيءَ جا گهربل سيمپل حاصل ڪري تصديق لاءِ اسلام آباد ليبارٽري موڪليا ويا آهن جڏهن ته هن وقت ڏائين پوليو جي بيماري جي حتمي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي مان ٻه لاوارث ٻار هٿ، وارثن جي ڳولا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ فلاحي اداري خدمت معصوم حاجي علي انور ڪوڪر ويلفيئر ٽرسٽ جي چيئرمين يونس ڪوڪر طرفان مختلف علائقن مان هٿ آيل ذهني مريض سميت ٻن نينگرن کي سانڀ ڪري

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

بے نظیر بھٹو کا خواب ادھورا کیوں؟
قوم کے معمار سڑکوں پر!
PST/JEST 40+
SNE, STR
حیدرآباد

حيدرآباد: جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوار نوڪري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

يوسي بيڙو چانڊيو جي چيئرمين ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف لاڙڪاڻي ۾ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ يونين ڪائونسل بيڙو چانڊيو جي ڳوٺ ڳوڙهي محمد نواز عمراڻي جي رهواسي پورهيت نوجوان پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي يوسي بيڙو چانڊيو جي چيئرمين ۽ تعلقي ٿاڻي جي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

علي حسن چانهيون جي بازيابي جي معاملي تي پ پ قيادت ڀرپور ڪردار ادا ڪيو: علي حسن هنگورجو

پرامن شهر ۾ اهڙو واقعو نه ٿيڻ گهرجي ها، واقعي جو ڪيس داخل آهي پوليس جانچ ڪري پئي

ڪجهه ماڻهو مختلف وڊيوز ۽ پيغامن ذريعي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ساک کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

حاجي حسن علي چانهيون سان پراڻا ۽ ويجها لاڳاپا آهن، پ پ قيادت هن سان گڏ بيٺي هئي ۽ اڄ به گڏ بيٺل آهي

ڪپرو (ت ر) ايم پي اي علي حسن هنگورجو ڪپرو ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اڳوڻي صوبائي وزير ۽ آبادگار حسن علي چانهيون جي اغوا بعد سندس بازيابي معاملي بابت پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جنهن ۾ فريال ٽالپر، گهرو وزير ضياء لنجار اڳون علي حسن هنگورجو آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي شهيد بي نظير آباد، ايس ايس پي سانگهڙ سان مسلسل رابطي ۾ هئا ته حاجي حسن چانهيون کي جلد

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ پيرسن پورهيت سائيڪل جا ڦيٿا ٺاهي رهيو آهي

سپلا پاران سروس رولز ۾ تبديليءَ خلاف احتجاجي تحريڪ جو فيصلو

اڪيڊمڪ انتظاميا ۾ استادن بدران غير تدريسي عملي جي مقرري جي سفارش رد

15 آڪٽوبر تي سپلا ڪراچي ريجن پاران سنڌ سيڪريٽريٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچررز ايسوسيئيشن (سپلا) جي هاءِ پاور ڪميٽيءَ جو اهم اجلاس مرڪزي صدر منور عباس جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ تنظيم جي مرڪزي اڳواڻن پروفيسر مشتاق احمد، محمد عديل خواجه، غلام مصطفيٰ ڪاڪا، خرم رفيع، شبانه افضل سکر ريجن جي صدر ڊاڪٽر ملهار سنڌي، جنرل سيڪريٽري غفران الله بلوچ حيدرآباد

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ اسٽال تي مڇيون وڪرو ڪيون پيون وڃن

ٽنڊوآدم ۾ قاضي لياقت علي ميموريل ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل جوهرآباد اليون کٽي ورتو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ قاضي لياقت علي ميموريل ٽورنامينٽ جي فائنل ۾ دلچسپ مقابلي بعد جوهرآباد اليون ٽورنامينٽ کٽي ورتي وقاص جي شاندار آل رائونڊ ڪارڪردگي مين آف دي ميچ قرار رپورٽ موجب سٽي ڪرڪيٽ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي، اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.